ماهوار مئگزين


# همسري


حيدرآباد

جولاءِ 2019



## عورت مٿان ٿيندڙ ڏاڍ ۽ بربريت ۾
## سماج سان گڏ رياست به ڏوهي آهي!!



Shop #320 ,

Level-3 Park Towers, Karachi

0213-5876912, 5876913

Regd. No: 3160-A
ماهوار منگرين
همسري
حيدرآباد
A.B.C CERTIFIED

# ستاءُ

ايڊيٽوريل ........ 04

**راءِ ۽ تبصرا**

همسريءَ ۾ همسفر تي ........ 05

**ادب، سماجيات ۽ سياست**

ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي ........ مسلم شميم 6
صوفي شاهه عنايت: خانقاهي سوشلزم کان 21 هين صدي ڏانهن ........ امان الله شيخ 9
نور الهديٰ شاهه ........ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ 12
عالمي ادب ۾ مزاحمتي عڪس: مختصر جائزو ........ حميده قاضي 14
ڀهراڙيءَ جو شيڪسپيئر ........ مدهوش مير 15
ڌرتيءَ جا غدار ........ ڊاڪٽر پيار علي جتوئي 17
50 لک گهر نهرائي ڏيڻ وارو اعلان ........ شيخ سنڌي 18

**سلسليوار ناول**

رنگ گرهڻ ........ ضراب حيدر 20

**انٽرويو**

ڊاڪٽر قاضي منظر حيات ........ زاهده ابڙو 23

**ٽريولاگ**

ڊوما ياترا ........ اعجاز منگي 28

**اڪري سئو وڪري**

شاهه لطيف بيت، پهاڪو، مختصر ڪهاڻي، نظم ........ 30

**آن لائن وٿ ارم**

انعام شيخ ........ ارم محبوب 32

**رپورٽ**

سنڌي ادبي شاخ نصيرآباد گڏجاڻي/سچل سرمست جو عرس ........ ذوالفقار علي جلباڻي/ستار سومرو 34

**مزاح**

بيواهه مڙس ........ صدام لاشاري 35

**ڪهاڻيون**

ڪلائيميڪس ........ فوزيه ناز 36
مذمت ڪجي ٿي ........ حميد هُليو 38
مختصر ڪهاڻيون ........ 39

**ڪامياب ٻار**

سنڌ جا اڀرندڙ ستارا ........ ارشد زنئور 41

**ڪتابن تي تبصرو**

تنين ڪي تعليم جي/سنيهو سچ جو ........ بشير احمد گهيلڙو/همسري 42

**شاعري** (نظم، غزل، گيت، نثري نظم) ........ 44

**آرٽ ڪارنر**

آرٽ ........ سحرش قريشي 46

مئنيجنگ ايڊيٽر:
ڊاڪٽر شمس صديقي
ايڊيٽر:
زاهده ابڙو
جوائنٽ ايڊيٽر:
ارم محبوب
سب ايڊيٽر:
لطيف گاد
خصوصي عيوضي:
محمد راهب ڳاهو
سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:
علي کهاوڙ
مئنيجر مارڪيٽنگ:
غلام سرور (شيخ سنڌي)
سرڪيوليشن مئنيجر:
قمر ٽگڙ
ڪمپوزنگ:
سليم سولنگي
ڊيزائن ۽ لي آئوٽ:
رابيل عزيز
سول ڊسٽريبيوٽرز:
راڄپر برادرز
آفيس ائڊريس:
بي -49 شريف اسڪوائر
حسين آباد حيدرآباد سنڌ.
فون: 022-3820363
فيڪس: 022-3820363
اِي ميل: humsari.sindh.pk@gmail.com
ويب سائيٽ: www.humsari.com
Volume: 05
Number: 7
July, 2019
Regd. No: 3160-A Copr.
قيمت: =/100 رپيا
هي پرچو زاهده ابڙو
خوشبو پرنٽنگ پريس حيدرآباد تان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

ايڊيٽوريل

# ڇا ڏيءَ ڄڻڻ عورت ڏوهي ٿي وڃي ٿي ؟

پاڪستان ۾ عورت ۽ ٻار پنهنجن گهرن ۾ به غير محفوظ آهن پر هاڻي اهي ملڪ جي سرڪاري اسپتالن ۾ به محفوظ نه آهن. 20 جون 2019 تي سکر جي سول اسپتال ۾ هڪ غير معمولي واقعو ٿيو جنهن کي پرنٽ يا اليڪٽرانڪ ميڊيا ڪا گهڻي اهميت نه ڏني، پر ان هوندي به واقعو تمام گهڻو اهم ۽ اسان جون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آهي، هڪ خاتون ماريه مهر سکر اسپتال ۾ ويم لاءِ داخل ٿي جنهن جو ضرورت تحت الٽراسائونڊ ڪيو ويو ۽ سندس مڙس جي پڇڻ تي ٻار جي جنس ٻڌائي وئي ۽ جڏهن ٻار جي پيءُ کي خبر پئي ته اها ڌيءَ آهي ته هن پنهنجي زال کي گهڻا ڏيئي تشدد جو نشانو بڻايو.

هن واقعي ڪانپوءِ اسان پنهنجي سماج جي ذهني سطح کي جاچي سگهون ٿا ته اسان جو سماج ۽ فرد ڪٿي بيٺل آهي. مجموعي طور تي عورت تي روزاني جي بنياد تي ظلم ۽ تشدد ٿئي ٿو. عورت جيڪا فطرت جو هڪ ڀاڱو آهي، اها ذات جيڪا مرد کي مڪمل ٿي ڪري ان مٿان ڏاڍ ۽ تشدد جون سڄي دنيا ۾ روز ڪيترين ئي ڪهاڻيون تحرير ٿين ٿيون. پاڪستان ۾ هر روز هر اخبار ۾ عورت جي قتل جون اسٽوريون ڇپجن ٿيون جن جا سبب مختلف ٿين ٿا. ڪڏهن ڪيس عزت جي نالي تي قتل ڪيو ٿو وڃي ته ڪڏهن شاديءَ کان انڪار ڪرڻ تي ته ڪڏهن وري ساڻس زور ۽ زبردستي ڪري ڪيس قتل ڪري ڪچري جي ڍير تي اڇلايو وڃي ٿو ته ڪڏهن هوءَ پنهنجي مستقل تذليل ٿيڻ تي معاشري سان وڙهندي وڙهندي ٿڪجي پوي ٿي ۽ پنهنجي زندگيءَ جو انت پنهنجن ئي هٿن سان آڻي ٿي. جيئن جيئن وقت گذري رهيو آهي عورتن جي قتل جي وارداتن ۽ مٿن گهريلو تشدد ۾ واڌارو اچي رهيو آهي. عورت پنهنجي ڪمزور جسماني بناوت جي ڪري مرد سان مقابلو نٿي ڪري سگهي ۽ ننڍپڻ کان ئي ڪيس نفسياتي طور تي تيار ڪيو وڃي ٿو ته هوءَ مرد کان ڪٽي نٿي سگهي ۽ هن کي مرد سان مقابلو نه ڪرڻ گهرجي. انهيءَ سماجي تربيت جي نتيجي ۾ هوءَ مرد جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار نٿي ٿئي ۽ زندگيءَ جي راند هارائي ٿي وڃي. عورت جي قتل جي خبر ته وري به ميڊيا تائين پهچي وڃي ٿي، پر هزارين عورتون روزاني جي بنياد تي گهريلو تشدد جو نشانو بڻجي وري ان ئي گهر ۾ ذلت ۽ خواري کي منهن ڏيندي نئين ڏينهن جو آغاز ڪن ٿيون جنهن سبب سماج ۾ ڪيترين ئي نفسياتي بيمارين جنم وٺي رهيون آهن. اسان جي ملڪ جو قانون به عورت کي گهڻو تحفظ فراهم نٿو ڪري ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا به عورت جي مٿان ٿيندڙ تشدد يا ان جي قتل کي ڪو سنگين گناهه تصور نٿا ڪن. جنهن جو سڌو سنئون فائدو ظالم مرد کي ٿئي ٿو ۽ هڪ مجرم جڏهن قانون جي گرفت کان پاڻ آجو ڪرائي ٿو وڃي ته ٻين کي به ساڳئي ڏوهه ڪرڻ لاءِ هٿي ملي ٿي. اسان وٽ عورت هر جاءِ تي غير محفوظ آهي، گهر جنهن کي سڀ کان وڌيڪ محفوظ هجڻ گهرجي اتي به هوءَ ايتري ئي غير محفوظ آهي جيتري ٻاهر. ان قسم جي سوچ کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو ان لاءِ سماج ۽ رياستي ادارن کي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ اهو واحد صوبو آهي جتي سنڌ اسيمبلي مان وڏ کان وڏ عورت جي حق ۾ قانون سازي ته ڪئي وئي آهي، پر ان قانون کي نافذ ڪندڙ ادارن کي ان جو پابند ناهي بڻايو ويو ته اهي ڪيئن ان تي ڦڙتي سان عمل ڪرائين يا ان جي ڀڃڪڙي ڪندڙ مردن کي ڪي به اهڙيون سزائون نه مليون آهن جن سان ٻين کي عبرت ملي سگهي. عورت سان ٿيندڙ ڏاڍاين جي خلاف ايف آءِ آر درج ڪرڻ وقت ان ۾ اهڙا قلم لڳايا وڃن ٿا جنهن سان ملزم کي اڳيان هلي جان بچائڻ جو رستو ملي وڃي ٿو. ڇوڪرين جي ننڍي عمر ۾ شادي تي پابندي هجڻ جي باوجود اڃان تائين ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ وڏي عمر جي مردن کي ننڍڙين ٻارڙين سان شادي ڪرڻ کان قانون روڪي نه سگهيو آهي.

عورتن لاءِ قانون سازي ڪانپوءِ ان قانون لاءِ عورتن ۾ سجاڳي جي مهم هلائڻ انتهائي ضروري آهي ته جيئن ننڍن وڏن شهرن ۾ رهندڙ هر عورت چاهي اها پڙهيل لکيل هجي يا اڻ پڙهيل ان تائين سندس حق ۾ ٿيل قانون سازي جي ڄاڻ پهچڻ گهرجي. نه رڳو ايترو پر مردن ۾ به سجاڳي مهم هلائي وڃي ته ڪين ڪهڙا ڏوهه ڪرڻ تي ڪهڙيون سزائون ملي سگهن ٿيون.

عورت صرف پنهنجي جسماني بناوت جدا هجڻ ڪري مار ٿي کائي يا ان جو ڪو ٻيو سبب آهي؟ يقينن هوءَ پنهنجي جسماني بناوت جي ڪري مار نٿي کائي، ان جو سبب اهو آهي ته عورت کي صدين کان معاشي طور مرد مٿان انحصار ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي۽ سماج ۾ اهڙيون ريتون ۽ رسمون جوڙيون ويون آهن جنهن سان عورت قانوني طور تي مرد جي ملڪيت بڻجي وڃي ٿي سندس آزاد وجود جي حيثيت کي ڪڏهن به تسليم ناهي ڪيو ويو. مرد سندس وجود ۽ زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻ جو حق رکي ٿو ڇو ته هو سندس معاشي ڪفيل آهي.

ملڪ جي 50 سيڪڙو آبادي کي جيڪڏهن مرد مٿان انحصار ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏبو ته صورتحال گهر ۽ ملڪ جي فائدي ۾ نه ويندي ۽ نتيجي ۾ عورت مرد جي ڏاڍ جو شڪار ٿيندي رهندي، پر ان جي برعڪس جيڪڏهن رياست ترجيحي بنيادن تي عورتن لاءِ خاص پلاننگ ڪري سندن سماجي درجي کي مٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ته ان جا خوشگوار نتيجا گهر کان وٺي ملڪي معيشيت تائين نظر ايندا. ڇو ته دنيا ۾ ترقي ڪندڙ ملڪن پنهنجي نظام ۾ تبديلي آڻي مرد ۽ عورت کي برابريءَ جي بنيادن تي هڪ جهڙا موقعا عطا ڪيا آهن ۽ انهيءَ ڪري اڄ اهي ملڪ ترقيءَ جي نتيجن جا مزا ماڻي رهيا آهن. عورتن کي معاشي طور خود مختيار بنائڻ لاءِ زرعي شعبي کان وٺي صنعتي شعبي تائين عورتن کي موقعا فراهم ڪيا وڃن، انهن کي ڪاروبار ۾ شراڪت ڏني وڃي ۽ سندن راهه ۾ روڙا اٽڪائيندڙ نظام کي بهتر بڻايو وڃي. عورت جي حقن ۾ جوڙيل قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي ته جيئن عورت هن معاشري ۾ برابريءَ جو درجو حاصل ڪري اڃان وڌيڪ مثبت ڪردار ادا ڪري سگهي.

# همسري ۾ همسفر تي
## آءُ وندڙيون خيال دل جا

خط جي متن سان ايڊيٽر جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي

### آغا نور محمد پٺاڻ/ اسلام آباد

ماهوار همسري مئگزين جون 2019 پاڪستاني ٻولين جي لائبريري اسلام آباد ۾ پهتو، هن رسالي کي سنڌي لٽريچر سيڪشن ۾ نمايان طور رکيو ويو آهي. هن پيري جو ادارتي نوٽ "همسريءَ جي شڪايت ۽ حجت" نهايت ئي وقتائتو لڳو. اوهان بلڪل صحيح فرمايو آهي تہ سنڌي رسالن ۽ ڪتابن جي اشاعت ۽ ورهاست جو ڪوبہ نيٽ ورڪ موجود نہ آهي جنهن ذريعي ڪتاب ۽ رسالا سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي سگهجن. جڏهن تہ اهو بندوبست پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ حڪومت طرفان موجود آهي. ان لاءِ سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي کي پنهنجي آفيسن ۽ لائبريرين جي ذريعي نيٽ ورڪ ٺاهڻ کپي. گذريل شماري وانگر هي شمارو پنهنجن موضوعن جي لحاظ کان گهڻو معلوماتي آهي. خاص طور تي مسلم شميم جو مرحوم سائين جمال ابڙي بابت مضمون جيڪو سهڻي سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل آهي. ان کان علاوه يوسف سنڌي جو لکيل مضمون "روسي انقلاب جي تاريخ" ۽ "رتيديري ۾ ايڊز اسڪينڊل هڪ هاءِ پروفائل ڪيس" بابت ساقي ابڙي جو مضمون وقتائتا لڳا. ان ڪانسواءِ همسري جي سالگره جي تقريب ۽ ان جا سماج تي پيل اثر ۽ صلاحون هڪ زبردست پيشڪش آهي. هن رسالي ۾ ماضيءَ ۾ ورتل ڏهن اهم شخصيتن کان انٽرويوئن جون جهلڪيون معلومات جو ڀنڊار آهن. ان ڪانسواءِ "سنڌ جي ڏاهپ کان انٽرويو" محترم همسفر گاڏهي جي ڪتاب تي ادي ارم محبوب جو خوبصورت تبصرو آهي جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ جي قدآور شخصيتن جا 26 اهم انٽرويو شامل آهن. هن دفعي "شاعري ۽ شعور" جو صفحو انتهائي معياري ۽ خوبصورت آهي جنهن ۾ نون ۽ پراڻن شاعرن جي خوبصورت شاعري پيش ڪئي وئي آهي، پر ان ۾ عورتن جي شاعري جي ڪمي محسوس ٿئي ٿي ان لاءِ اردو مان بہ ترجما پيش ڪري سگهجن ٿا انهن کي بہ جڳهہ ڏني وڃي. سموري رسالي ۾ ڪنهن بہ اداري يا سرڪاري کاتي جي ڪارڪردگي جي ڇنڊ ڇاڻ تي ڪوبہ مضمون يا انٽرويو نظر نہ آيو جنهن مان لڳي ٿو تہ سنڌ ۾ هر ادارو، آفيسر ۽ وزير صاحبان ڏاڍو سٺو ڪم ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ خاص طور تي تعليم، صحت، بلديات ۽ امن امان جي کاتن جي ڇنڊ ڇاڻ تي مضمون ۽ لاڳاپيل کاتن جي سربراهن جا انٽرويو اچڻ کپن. اوهان جي ڇئن سالن جي لڳاتار محنت ۽ مئگزين جي ڇوٿين سالگره تي منهنجي طرفان دلي مبارڪ قبول ڪندا.

***

### اقبال بلوچ/ حيدرآباد

ماهوار همسري مئگزين جو تازو پرچو جون 2019 جو سالگره نمبر پنهنجو مٺ پاڻ لڳو. هن نمبر ۾ توهان پڙهندڙن جا رايا جهڙي نموني رنگين صفحن ۽ لکندڙن جي تصويرن سان گڏ شايع ڪيا آهن، انهيءَ حساب سان سٺا لڳا تہ توهان انهن ليکڪن کي مان ڏنو آهي جيڪي ان جا لکندڙ ۽ پڙهندڙ آهن. مئگزين ۾ سالگره جي حساب سان ڏنل مواد ۽ ٽائيٽل دل کي وڻيو. اميد آهي تہ پنجين سال ۾ پير پائيندي همسري انهن سيني ڳالهين تي عمل ڪندو، جيڪي رايا ڪيس ڏنا ويا آهن. مواد جي حساب سان مئگزين تمام گهڻو اڳتي نڪتل آهي، هر موضوع تي مواد مئگزين ۾ شامل هوندو آهي. پروين موسيٰ، حميرا نور ۽ يوسف سنڌي جا مضمون تمام سٺا لڳا. فضا قريشي جو مضمون "زندگي ڪٿي آهي" واهہ جو لڳو. ڪهاڻين جي ڀاڱي ۾ زاهده ابڙو جي ترجمو ڪيل ڪهاڻي "ڳهر" بهترين ڪهاڻي هئي. مسافر هاليپوٽو پنهنجي ڪهاڻي "هار ڪانپوءِ" ۾ پاڻ ملهايو آهي. ڪهاڻي غيرت بہ سٺي لڳي. شاعري واري حصي ۾ سيني شاعرن جي شاعري سٺي لڳي، اميد تہ همسري جو سفر هميشہ ڪاميابي سان جاري رهندو.

***

### مرتضيٰ جمالي/ جوهي

همسري مئگزين جون 2019 هر پيري جيان هن پيري بہ پنهنجي ساٿي دوست زين ڪوسي جي هٿان منهنجي هٿن تائين پهتو. همسري سٿ کي ڇوٿين سالگره جون لک لک مبارڪون هجن. خوبصورت ٽائيٽل سان همسري سٿ جو گروپ فوٽو بہ دلڪش لڳو. هن پيري مضمونن مان "ادب ۾ تنقيد جي اهميت" ليکراج ميگهواڙ، "زندگي ڪٿي آهي" فضا قريشي، "هلون، پنون، ڪاٺون، سمهون ۽ بس" حميره نور، همسري جا سماج تي پيل ڪجهہ اثر ۽ صلاحون، اثرائتا مضمون هئا. ڪهاڻين ۾ "هار ڪانپوءِ"، "غيرت" وڻيون. شاعري ۾ امداد حسيني، حسن پنهيار، بيتاب ناپر، هوش محمد هوش جا غزل سٺا لڳا.

***

### زين ڪوسو/ جوهي دادو

همسري هميشہ ادب جي آبياري ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اميد آهي تہ اڳتي بہ ادا ڪندو رهندو. جون 2019 جو سالگره نمبر جو ٽائيٽل متوجهہ ڪندڙ ۽ پرڪشش هو. ايڊيٽوريل سچ جو اپٽار هو. همسري جو فليش بيڪ پڻ وڻندڙ هو. مزاحيہ ڪهاڻي چڱي هئي. شاعري وارو حصو سڪل ڳاهہ مثل محسوس ٿيو. ايڊيٽر صاحبہ کي گذارش آهي تہ رڳو سالياني خريدارن کي شايع نہ ڪري، ايئن ڪرڻ سان مئگزين پنهنجي ادبي ساک وڃائيندو. مئگزين جڏهن کان شايع ٿئي پيو تہ مقبول مارو، اوهان جي شاعري، ترجمو، انٽرويو وغيره شايع ٿيندي ڏسان پيو جيڪو رويو پڙهندڙ کي يڪسانيت ڏانهن ڌڪي پيو. ليکراج ميگهواڙ جو مضمون ادب ۾ تنقيد جي اهميت بهتر هو. مسافر هاليپوٽي جي هار ڪانپوءِ رپورٽنگ ڪهاڻي محسوس ٿي، ڊاڪٽر هالار سولنگي جي غيرت بہ چڱي هئي. ترجمو ٿيل ڪهاڻي ڳهر بہ سٺي هئي.

***

### زاهد حسين تنيو/ اڳڙا

ماهوار همسريءَ جو تازو پرچو ڪافي انتظار ڪانپوءِ منهنجي سامهون جون 2019 جو ٽائيٽل چنڊ تارن سان ڀرپور سامهون اٿم. سٺاءُ جي چونڊ تاريخي هئي، ايڊيٽوريل جي چونڊ بهتر هئي، حصو ٻيون ۾ جمال ابڙو سنڌ جو گورڪي ڪارل مارڪس بابت مواد همسري بابت اديبن ۽ پڙهندڙن جا رايا بهتر هئا. امداد حسيني، سجاد يوسف سومرو، رحيمداد جوڳي ۽ ٻين جي شاعري وڻي ۽ ٻيو ڪيترو مواد ساراهہ لائق هو.

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

### حصو پهريون

# ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي

تحرير: مسلم شميم

ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جي شخصيت گهڻ پاسائي ۽ گهڻين ئي خوبين جو مجموعو آهي. هو هڪ عظيم مارڪسي نظريہ دان، مفڪر، انقلابي دانشور، اديب ۽ تخليقڪار، سياستدان ۽ سياستڪار ۽ انهن سڀني وصفن جو مجموعو هو. هو سنڌ جي عظيم انسانن جي فهرست ۾ شامل هڪ نمايان نالو آهي. سائين سوڀي گيانچنداڻي کي 2004ع جي اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جي طرفان "ڪمالِ فن" جو انعام ڏنو ويو. اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جي پريس رليز ۾ چيو ويو تہ سنڌ جي نامور اديب سوڀي گيانچنداڻي کي اڪيڊمي ادبيات جي طرفان تخليقي ۽ ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ "فن جي ڪمال" لاءِ منتخب ڪيو ويو آهي. ان انعام جو فيصلو پاڪستان جي معتبر ۽ مستند دانشورن تي ٻڌل ليکڪن جي پينل جن ۾ ڊاڪٽر فرمان فتح پوري، مظهرالحق صديقي، شفقت تنوير مرزا، ڊاڪٽر انوار احمد، ڊاڪٽر شاهہ محمد مري، ڊاڪٽر سلميٰ شاهين، پروفيسر خالده حسين ۽ پروفيسر عالمگير هاشمي شامل هئا، جن اڪيڊمي ادبيات پاڪستان ۾ منعقد اجلاس ۾ سندس نالي جي چونڊ ڪئي. اجلاس جي صدارت ڊاڪٽر فرمان فتح پوري ڪئي هئي. ڪمالِ فن ايوارڊ سڄي عمر جي تخليقي خدمتن جي عيوض ڏنو ويندڙ ملڪ جو سڀني کان وڏو ادبي ايوارڊ آهي. جنهن جي انعامي رقم 5 لک رپيا آهي. ان کان پهرين هي انعام احمد نديم قاسمي (1997ع) ۾، انتظار حسين (1998ع)، مشتاق احمد يوسفي (1999ع)، احمد فراز (2000ع)، شوڪت صديقي (2001ع)، منير نيازي (2002ع) ۽ ادا جعفري (2003ع) کي ملي چڪو آهي.

سائين سوڀي گيانچنداڻي کي ڪمالِ فن ايوارڊ ڏيڻ جي اعلان کي سڄي ملڪ جي ادبي حلقن ۾ ۽ خاص طور سنڌ جي ادبي، سماجي، سياسي ۽ ثقافتي حلقن ۾ تمام گهڻو ساراهيو ويو. بيان ڪيل ايوارڊ جي اعلان جي فوري رد عمل جي صورت ۾ ملڪ جي مشهور اديبن ۽ شاعرن جن جو تعلق مختلف ٻولين ۽ صوبن سان آهي انهن سڀني جو هڪ گڏيل بيان آيو ۽ چيو ويو تہ اڪيڊمي ادبيات پاڪستان هن سال ڪمالِ فن ايوارڊ جي دائري کي اردو سان گڏ ٻين ٻولين تائين پکيڙيو آهي جيڪا ساراهہ جوڳي ڳالهہ آهي. ڇو تہ ان طرح قومي هڪجهڙائي ۽ پاڪستاني ادبيات جي تصور کي هٿي ملي ٿي ۽ قومي جذبي کي طاقت حاصل ٿيندي ۽ ايئن پاڪستان جي سڀني ٻولين ۾ لکڻ وارن کي هڪ جهڙي اهميت ۽ موقعا حاصل ٿيندا. ان سلسلي ۾ اها ڳالهہ بہ خوشيءَ جهڙي آهي تہ ڪمالِ فن ايوارڊ جي ججن هن سال سنڌي ادب جي هڪ اهم ۽ نمائنده شخصيت جي چونڊ ڪئي جيڪو ان ڳالهہ جو اعتراف آهي تہ پاڪستاني ادبيات ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جو حصو غير معمولي طور نمايان آهي. ججن 2004ع جو ڪمالِ فن ايوارڊ سوڀي گيانچنداڻي کي ڏنو جيڪو سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافتي خدمتن جي حوالي سان پنهنجو هڪ ڌار مقام رکي ٿو. سندس سڄي زندگي اظهار جي آزادي، سماجي انصاف، جمهوري قدرن ۽ روشن خيالي جي جدوجهد سان ڀرپور آهي. هو شروع کان ئي سنڌي ادب جي ترقي پسند ۽ عوام دوست تحريڪن جي سرگرم ۽ متحرڪ نمائندن ۾ شامل رهيو آهي ۽ هن ادبي ۽ فڪري سطح تي ڪيترن ئي نسلن جي آبياري ڪئي آهي. مٿي ڄاڻايل گڏيل بيان ۾ انهن خيالن جو اظهار اردو ۽ سنڌي جي جن اديبن ۽ شاعرن گڏجي ڪيو انهن ۾ پروفيسر سحر انصاري، آغا سليم، شمشيرالحيدري، تاج بلوچ، مسلم شميم، حسين انجم، سليم يزداني، مبين مرزا، رضي مجتبيٰ، صبا اڪرام، رئوف پاريک، حسن عابدي، قمر شهباز، فاطمہ حسن، پروفيسر اياز گل، ڊاڪٽر ادل سومرو، ڊاڪٽر ساغر ابڙو، منظور ڪوهيار، عنايت ميمڻ، عبدالوهاب سهتو، خالد چانڊيو، پروين سومرو ۽ عنبرين حسيب عنبر شامل آهن.

منهنجي ويجهو سائين سوڀي گيانچنداڻي کي ڪمالِ فن يعني Life time Achievement Award جو ڏيڻ هڪ تاريخي واقعو آهي، ڇو تہ سائين سوڀو گيانچنداڻي ننڍي کنڊ جي هڪ انتهائي اعليٰ ۽ مشهور مارڪسي دانشور ۽ انقلابي شخصيت آهي. پاڪستان جي شروعاتي ويهن سالن ۾ ڪامريڊ سوڀي جو نالو ڪڻڻ ايئن هو ڄڻ پنهنجي لاءِ رياستي ڏاڍ وارين ڪارروائين کي سڏ ڏيڻ. ساڻس ملڻ ۽ فيض حاصل ڪرڻ تہ ڄڻ قيد ۽ بند جي ڏاڍاين کي دعوت ڏيڻي هئي. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ 1961ع ۾ جڏهن هو لاڙڪاڻي شهر کان لڳ ڀڳ 12 ميل پري هڪ ڳوٺ بندي ۾ نظر بند هو تہ مان ٻاهران ايندڙ ڪميونسٽ رهنمائن سان ساڻس رابطي جي لاءِ ڪم ڪندو هئس. 1960ع جي ڏهاڪي ۾ ڪيترائي ڀيرا مون کي سندس ڳوٺ جي ياترا ڪرڻي پئي، ايئن مان جيپ جي سواري ڪري رات جو 12 وڳي ساڻس سندس ڳوٺ ملڻ ويندو هئس ۽ صبح جي ٻانگ ملڻ کان پهرين اتان واپس نڪري ايندو هئس. هي اهو وقت هوندو هو جيڏي مهل سرڪار جا ڪارنده پنهنجي فرضن کي پوري ڪرڻ واري ڊيوٽي دوران ننڍ جا مزا پيا ماڻيندا هئا ۽ مان سڀني کان نظرون بچائي ڪنهن بہ خطري کي منهن ڏيڻ ڪانسواءِ پنهنجي رابطي جي ذميداري پوري ڪندو رهندو هئس. ايئن ڪمالِ فن ايوارڊ جي اعلان مون کي گهڻي دير تائين ان تاريخ جي حصي ۾ گم ڪري ڇڏيو ۽ سوچيندو رهيس تہ تاريخ جي سفر کي ڪارل مارڪس اڳتي وڌڻ جو سفر قرار ڏنو هو، ان ڳالهہ جي سچائي تجربي جو حصو ثابت ٿي. ڪامريڊ گيانچنداڻي پنهنجي فڪر ۽ نظريي جي حوالي سان جهڙي ريت 1940ع جي ڏهاڪي ۾ ڄاتو سڃاتو ويندو هو، ساڳئي ريت اڄ بہ سندس وڏو حوالو انهن جو نظرياتي سفر آهي، نظرياتي سفر مارڪسي نظريي جي سچائي جي واڌ ويجهہ ۾ زندگي گذارڻ ۽ جدوجهد ۾ مصروف رهڻ جو سفر آهي. هن نظرياتي زندگيءَ ۾ اهڙي ڪابہ گهڙي اچڻ نہ ڏني جنهن ۾ هو ڪنهن شڪ جي مرحلي مان گذريو هجي يا هن زندگيءَ جي مسئلن جي دٻاءُ سبب ڪڏهن سمجهوتا ڪيا هجن. ان ريت مان اهو لکڻ ۾ حق تي آهيان تہ هو وقت سامهون يعني اسٽيبلشمينٽ جي سامهون ڪڏهن نہ جهڪيو بلڪ وقت جي اسٽيبلشمينٽ سندس سامهون پنهنجو سر جهڪايو. ڪيس جيڪا عظمت عملي زندگي ۽ انقلابي جدوجهد جي نتيجي ۾ حاصل ٿي ان جو آغاز ٿيو.

ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جي شخصيت جا گهڻائي پاسا آهن ۽ هر پاسو اوترو ئي روشن ۽ تعريف جوڳو آهي. سندس خدمتن ۽ ڪارنامن جي باري ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ لاءِ ننڍي کنڊ جي گذريل اٺن ڏهاڪن جي تاريخ کي نظر هيٺ رکڻو پوندو ان دور ۾ ٿيڻ وارن

واقعن ۽ تبديلين کي به سامهون رکڻو پوندو. سوڀي جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي زندگي جو آغاز 1940ع جي ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ ٿيو پاڻ شانتي نڪيتن يونيورسٽي ۾ پنهنجي تعليمي زندگي مڪمل ڪئي ۽ شعور جون منزلون طئي ڪيون. ڪميونسٽ پارٽي سان لاڳاپيل هجڻ ڪري هو سنڌ جي ڪيترن ئي سماجي، ثقافتي ۽ تهذيبي تحريڪن سان لاڳاپيل هو ۽ انهن جي رهنمائي به ڪئي. ورهاڱي کان پهرين واري هندستان ۾ جاري آزادي جي تحريڪ سان ڳنڍيل رهيو ۽ هڪ پرجوش ڪارڪن جي حيثيت سان ان ۾ شريڪ هو ۽ جلد ئي ان ۾ نمايان حيثيت حاصل ڪري ورتي. هو سنڌ جي هاري تحريڪ سان به ڳنڍيل رهيو ۽ ان ۾ تمام گرم جوشيءَ سان حصو ورتو. سنڌي ادب جي ترقي پسند تحريڪ سان شروع کان ئي ڳنڍيل رهيو ۽ اتي تخليقي ۽ تنظيمي ڪارناما سرانجام ڏنا. جيئن پهرين لکي چڪو آهيان ته



ڪامريڊ سوڀي سان منهنجي تمام گهڻي عقيدت ۽ رابطن جو سلسلو تمام ڊگهو آهي. لاڙڪاڻي ۾ رهڻ وقت (1960 کان 1972) تائين منهنجو ساڻس تمام ويجهو تعلق رهيو. سوين ڀيرا سندس علم جي خزاني مان فائدو وٺڻ جو موقعو مليو، ساڻس ملاقات ڪرڻ جڻ هڪ مڪتبہِ فڪر سان ملاقات ڪرڻ هئي. ڪنهن به موضوع تي ڪو سوال ڪجي ۽ پوءِ ڪلاڪ ويهي سندس عالماڻي گفتگو ٻڌو. هو گفتگو جي دوران ڪيترن ئي ڪتابن جا حوالا ڏيندو هو ان موضوع جو جنهن دور سان تعلق هوندو ان دور جي تاريخ جا سيئي پاسا کولي رکندو هو. ڪامريڊ سوڀي کي سنڌ جو سقراط به چئجي ٿو. هن سنڌ جي نئين نسل کي متاثر ڪيو ۽ عام ماڻهن ۾ سندس لاءِ تمام گهڻي عقيدت ۽ احترام موجود آهي. سقراط سان ساڻس ڀيٽ ان ڳالھ تي ڪئي وڃي ٿي ته هن لکت ۾ پنهنجو ڪوبه ورثو نه ڇڏيو، پر پنهنجي دور ۾ به سندس فڪر ۽ نظرئي جا اثر معاشري ۾ ان نوعيت ۽ ان درجي جا هئا جو اقتدار ۾ رهندڙ حلقي ڪيس پنهنجي لاءِ خطرو ڄاتو ۽ ان کي زهر جو پيالو پياريو ويو ۽ ڪيس موت جي حوالي ڪيو ويو، پر مثل سقراط جيئري سقراط وانگر اڄ ڏينهن تائين انساني شعور جي واڌ ويجھ واري سفر ۾ رهنمائي وارو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. سندس عظيم شاگرد افلاطون پنهنجي استاد جي فڪر کي پنهنجي ڪتابن ۾ پيش ڪري ڪيس هميشه لاءِ جيئاري ڇڏيو آهي. سوڀي گيانچنداڻي جو لکت ۾ ورثو تمام گهڻ آهي، پر اهو چوڻ ته هن لکت ۾ ورثو ڇڏيو ئي نه آهي غلط آهي. سيد مظهر جميل پنهنجي ڪتاب ”سوڀو گيانچنداني-شخصيت اور فن“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”جيتوڻيڪ تخليقي سطح تي هن تمام گهڻ افسانہ لکيا آهن، پر سندس افسانن سنڌي افسانہ نگاري ۾ سوشل ريئل ازم جي روايت کي مضبوط ڪرڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي. جنهن کان انڪار ڪرڻ ناممڪن آهي. افسوس جهڙي ڳالھ اها آهي ته سوڀو گهڻن ڪمن ۾ مصروف رهڻ وارو ۽ مختلف دلچسپين کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ پنهنجي بي پرواهيءَ واري مزاج جي ڪري پنهنجي نثري تحريرن ۽ شاعري سان ناقابل تلافي نقصان وارو ورتاءُ ڪيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ چڱو خاصو نثري ذخيرو ۽ شاعري جو سڄو سرمايو ضايع ٿي چڪو آهي، پر ان هوندي به بيشمار مضمون، مقالا، خاڪا، اداريا، انٽرويو، ليڪچر ۽ مهاڳ مختلف رسالن ۽ مخزنن جي ملبي هيٺ دٻجي ويا آهن. سندس ٽڙيل پکڙيل لکڻين کي هڪ جاءِ تي ڪري شايع ڪرايو وڃي ته گهڻ ۾ گهڻ ڏهن ڪتابن جو مواد دستياب ٿي سگهي ٿو.“


هن 1940ع جي ڏهاڪي ۾ رجحان ٺاهيندڙ ڪهاڻيون لکيون تاريخ ڳالهائي ٿي هي سندس فڪري مضمونن ۽ ڪالمن جو تمام اهم مجموعو آهي جنهن ۾ ويهين صدي جي تاريخ جا اهم پاسا روشن ٿيل آهن. اها ڳالھ سڀني کي خبر آهي ته هو پنهنجن نظرين ۽ نظرياتي زندگيءَ جي حوالي سان ڪڏهن به پنهنجي جاءِ تان نه هٽيو ۽ نه ئي ڪڏهن ڪو سمجهوتو ڪيو. هڪ ڊگهي وقت تائين قيد ۾ رهڻ ڪانپوءِ جڏهن هو آزاد ٿيو ته مير غوث بخش بزنجو ڪيس ڪوئيٽا دعوت ڏيئي گهرايو جيڪو ان وقت ڪوئيٽا جو گورنر هو ۽ سندس ملاقات اسلام آباد ۾ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو سان ڪرائي. ان ملاقات جو دلچسپ منظر نامون پاڻ بيان ڪيو هئائين، جنهن ذريعي ان ڳالھ جو اندازو لڳائڻ مشڪل ڳالھ نه هئي ته صدارتي محل يا وزيراعظم هائوس جنهن ۾ شهيد ڀٽو رهيل هو مليٽري اسٽيبلشمينٽ جي نگراني هيٺ هو ۽ سندس ڪمرو به Bugged هو ۽ ڀٽي کي ان جي چڱيءَ ريت خبر هئي ان لاءِ ڪامريڊ سوڀو ڀٽي کي جيڪي ڪجھ چوندو رهيو ڀٽي ان جو ڪوبه جواب نه ڏنو، پر ڪمري جي ڇت کي تڪيندو رهيو ۽ موڪلائڻ وقت سوڀي کي اهو چيائين ته هو پيپلز پارٽي لاءِ ڪم ڪري. ظاهر آهي ته سوڀي لاءِ ان ڪم جي ڪابہ معنيٰ نه هئي.

سوڀي گيانچنداڻي جي ڪميونسٽ پارٽي سان وابستگي 1940ع جي ڏهاڪي ۾ شروع ٿي ۽ ان جي اهميت ڪڏهن به گهٽ نه ٿي. هو ڪنهن به گروھ جي نظر ۾ متنازع نه رهيو، هر گروھ جا ماڻهو ساڻس ملندا هئا ۽ سندس آشيرواد حاصل ڪندا هئا ۽ سندس احترام ڪندا هئا. هو سنڌ جي ترقي پسند تحريڪ جي 1940ع کان رهنمائي ڪندو آيو. سنڌي ادبي سنگت 46-1945ع کان پهرين ترقي پسند تحريڪ جو پڙاڏو سنڌي ادب ۽ شاعري ۾ ٻڌجڻ لڳو جنهن جو روح روان سائين سوڀو


گيانچنداڻي هو. 1986ع ۾ PWA جي گولڊن جوبلي جو ڇئن ڏينهن واري اجلاس ۾ مون ڪيس اتي موجود ڏٺو ۽ ڪيس گرم جوشيءَ سان حصو وٺندي ڏٺو. هو Steering Committee ۽ Subject Committee جو رڪن هو ۽ سندس ڪردار تمام اهم هو. آخري اجلاس جيڪو بزنس سيشن هو جنهن ۾ اعلان نامون ۽ قراردادون منظور ٿيڻيون هيون جتي هڪ مرحلي تي صورتحال تمام خراب ٿي وئي. ان وقت مون ايجنڊا کان هٽي ڪري ڪامريڊ سوڀي کي مائيڪ تي اجلاس سان خطاب جي دعوت ڏني، جنهن جي ڪيس اڳواٽ ڄاڻ نہ هئي. بهرحال هن منهنجي درخواست قبول ڪئي ۽ صورتحال کي نظر ۾ رکندي تقرير ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ جهيڙو ٽري ويو ۽ گڏيل سوچ پيدا ٿي. پاڻ جڏهن مائيڪ تي آيو تہ هال جو ماحول تبديل ٿي ويو ۽ سندس گرم جوشيءَ سان استقبال ڪيو ويو. ڪامريڊ سوڀي کان ڪيترن ئي ماڻهن وڏا وڏا انٽرويو ورتا هڪ ڊگهو انٽرويو ڊاڪٽر شاهہ محمد مري هڪ ننڍڙي ڪتابڙي جي صورت ۾ شايع ڪيو هو جنهن جو نالو ”موهن جي دڙي جو جوڳي“ آهي. رابندر ناٿ ٽيگور شانتي نڪيتن ۾ ڪيس ان نالي سان سڏيندو هو. سنڌي ادب ۽ ترقي پسند تحريڪ جي حوالي سان سندس هڪ ڊگهو انٽرويو سيد مظهر جميل ۽ مون بہ ورتو هو جيڪو 1986ع ۾ PWA جي ذڪر ڪيل گولڊن جوبلي واري موقعي تي شايع ٿيل ڪتاب ”گفتگو“ ۾ شامل آهي، جيڪو سوڀي گيانچنداڻي کي ڏاڍو پسند هو جنهن جو ترجمو سنڌي ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

سوڀي گيانچنداڻي جو تعلق لاڙڪاڻي سان هو ۽ لاڙڪاڻو سندس وڏو حوالو هو، پر ڪيس جيڪا عالمگير شهرت حاصل ٿي ان سبب هو لاڙڪاڻي جي لاءِ هڪ حوالو بڻجي ويو. سندس اصل نالو سويراج هو، پر هو ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي جي نالي سان مشهور هو. هو 3 مئي 1920ع تي ٻوٺ بندي ۾ پيدا ٿيو جيڪو موهن جي دڙي جي عظيم تهذيب کان پنج ڪلو ميٽر اتر پاسي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي ۽ صدين کان آباد هلندو پيو اچي. پنجاهہ سٺ گهرن تي ٻڌل هي ڳوٺ سنڌ جي پراڻن ڳوٺن مان هڪ آهي جيڪو سنڌو درياءَ جي ڪناري تي آباد آهي. ڏڪڻ ۾ ڏوڪري شهر کان ان جو فاصلو لڳ ڀڳ 20 ڪلو ميٽر ٿيندو. ان ڳوٺ کي نقشي تي ڳولڻ تہ مشڪل هوندو، پر سوڀي جي نسبت سان ان کي سنڌ جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي زندگي ۾ غير معمولي شهرت حاصل ٿي آهي.

ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جو خاندان سک مت جي باني گرو نانڪ جو مڃڻ وارو هو جيڪي نانڪ پنٿي چورائين ٿا، پر سکن جي عقيدي مطابق نہ تہ اهي ڏاڙهي رکڻ جا پابند آهن نہ هٿ ۾ ڪرپان جهلين باقي هٿ ۾ ڪڙو پائين ائين ڪٿي چئجي تہ هي سڀني مذهبن جي اخلاقي قدرن جي پاسداري ۽ احترام واري چلت رکن ٿا. اهڙا ڳالهہ پيش نظر رکڻ گهرجي تہ سنڌ جا گهڻا هندو نانڪ پنٿي، وشنو مت ۽ شو مت سان لاڳاپيل هئا. هو پنهنجن عقيدن ۽ رسمن ۾ سادگي رکندڙ ۽ وڏي دل ورا هئا. هونئن بہ سک مذهب هندستان جو سڀ کان ننڍي ۾ ننڍو ۽ جديد ترين مذهب آهي ان لاءِ ان جا پوئلڳ انسان دوستي، فطرت پرستي، پيار، محبت ۽ رواداري وارا رويا خاص طور رکن ٿا. ڪامريڊ سوڀي کي بہ اهي سڀ شيون ورثي ۾ مليون جيڪي اڳتي هلي فلسفي ۽ نظريي جي صورت ۾ سندس آدرش بڻجي ويا ۽ هو انهن آدرشن جو وڏو پرچارڪ بڻجي سماج کي عقيدن جي اونداهين ۽ انتها پسندي جي تاريڪين مان آجو ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو. ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جي تعليم جو سلسلو روايت مطابق پنهنجي گهر کان شروع ٿيو ۽ شروعاتي تعليم پنهنجي ڏاڏي پرٽ داس کان حاصل ڪيائين، جنهن ڪيس سنڌي حروف سنجي، فارسي الف ب ۽ گرمکي جي ڄاڻ ننڍي عمر ۾ ئي ڏني. گرنٿ صاحب ۽ رامائڻ جا ڪجهہ منتخب اشلوڪ بہ ورد ڪرايا. پنجن سالن جي عمر ۾ (1925) ۾ جڏهن



هو پنهنجي وڏي پيءُ ڪيول رام سان گڏ ٻگهي نالي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو تہ ڪيس ڪيترين ئي ڳالهين ۾ پنهنجي هم عمر شاگردن تي برتري حاصل هئي. هي اسڪول بندي کان ڏيڍ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي هو. پرائمري تعليم مڪمل ڪرڻ بعد ڪيس ۽ سنڌس پيءُ ڪيول رام کي لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي شهر قمبر جي اي. وي هاءِ اسڪول ۾ (1929) ۾ داخل ڪيو ويو جيڪو ويجهڙ ۾ ئي نئين ضلعي شهدادڪوٽ جو ضلعي هيڊڪوارٽر ٿيو آهي. اجان قمبر ضلعي ۾ تعليم جو سلسلو جاري هو تہ هيڊ ماستر روچي رام شاهاڻي رٽائر ٿي ويو، روچي رام شاهاڻي هڪ نهايت ئي شفيق ۽ مهربان استاد هو سندس جاءِ تي علي ڳڙهہ يونيورسٽي جو تربيت يافتہ هڪ استاد مقرر ٿيو، جنهن جي سخت طبيعت جي شهرت سندس پهچڻ کان پهرين ئي اسڪول پهچي وئي جنهنڪري ڪامريڊ سوڀي جي بزرگن قمبر هاءِ اسڪول کان ڪيس لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ موڪلي ڇڏيو. قمبر جي اسڪول مان پاڻ انگريزي جي چوٿين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪئي. گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي جي تعليمي دور ۾ پاڻ انگريزي تي تمام سٺي دسترس حاصل ڪري ورتي. جڏهن لاڙڪاڻي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر ڪرم چند هنگوراڻي جي بدلي لاڙڪاڻي کان اين. جي. وي هاءِ اسڪول ڪراچي ٿي تہ هو سوڀي کي بہ پاڻ سان گڏ ڪراچي وٺي آيو. ان دور ۾ اين. جي. وي نہ رڳو ڪراچي، پر پوري سنڌ جو بهترين اسڪول هو جتي بهترين صلاحيت رکڻ وارا شاگرد ۽ شاگرديائيون تعليم حاصل ڪندا هئا. اين. جي. وي اسڪول وارو دور سوڀي جي زندگيءَ جو سڀ کان اهم دور رهيو. هن دور کان سندس شخصيت جي تعمير ۽ نکار جو آغاز ٿيو ۽ سندس ڪردار سازيءَ جو بنياد پيو. پاڻ اين. جي. وي اسڪول ڪراچي مان 1937ع ۾ ميٽرڪ اعزازي مارڪن ۾ پاس ڪئي. ميٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ هن ڊي. جي سنڌ ڪاليج جي آرٽ واري شعبي ۾ داخلا ورتي. انٽر پاس ڪرڻ ڪانپوءِ 1939ع ۾ ڪيس شانتي نڪيتن ۾ داخلا ملي، شانتي نڪيتن سان ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جي وابستگي سندس شخصيت جي ارتقائي سفر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ...(هلندڙ)...



**سنڌيڪار: زاهده ابڙو**

# صوفي شاهہ عنايت: خانقاهي سوشلزم کان 21 هين صدي ڏانهن

امان الله شيخ



دنيا جي گولي تي ڪابہ شعوري يا لاشعوري تحريڪ/هلچل پنهنجي سنڌاءِ ۽ ساڄاهہ ۾ ان دور جي طبقاتي تفريق ويڇابندي جو عڪس ۽ اولڙو هجي ٿي. ايئن صوفي شاهہ عنايت جي تحريڪ پنهنجي دور جو هڪ اهم ۽ منفرد اٿل پٿل جو دل ليپائيندڙ داستان ۽ من ۾ مانڌاڻ وجهندڙ سلسلو آهي جنهن جا اثر 21 هين صدي تائين ڏسڻ ۾ اچن پيا.

انهيءَ ڏس ۾ اسان ڪي شاهہ عنايت جي تحريڪ کي سمجهڻ ۽ ان کي 21 هين صدي جي آئيني ۾ اپياس ڪرڻ کان اڳ ان دور جي سياسي ۽ سماجي بيهڪ جو سراسري جائزو وٺڻ ضروري آهي. شاهہ عنايت جي زماني ۾ سنڌ سياسي طور مغل شهنشاهيت جو ڏورانهون صوبو هئي. سنڌ جاگرافيائي طور بکر ۽ ٺٽي جي ٻن حصن ۾ ورهايل هئي. اڪبر اعظم جي دور ۾ سنڌ مغل شهنشاهيت جي قلمرو ۾ شامل ٿي ۽ پنهنجي آزادي وڃائي ويٺي. ان سان گڏوگڏ سنڌي سماج وڏيڪ تباهي ۽ بربادي جي لپيٽ ۾ اچي ويو. ڇاڪاڻ تہ مغل حڪمرانن جي ذهن ۾ سنڌ جي معاشي لٽ ڦر ۽ جارحانہ حاڪميت ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ خواب ۽ خيال نہ هو. ايئن سنڌ ۾ سياسي افراتفري ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيندو رهيو. سنڌ ۾قبائلي ويڙهاند، گهرو لڙائي، مذهبي فرقيواريت، ذات پرستي ۽ نسل پرستي جي زهريلن لاڙن عام ماڻهن ۾ مونجهہ، نراسائي ۽ لاتعلقي کي چوٽ چاڙهي ڇڏيو. مختصر تہ سنڌ قبائليت ۽ جاگيردرانہ گهاڻي ۾ پيڙهجي رهي هئي. شاهہ شهيد جي دور ۾ ٺٽي پرڳڻي تي مغل صوبيدار نواب اعظم خان جي جابرانہ حاڪميت سان گڏوگڏ مقامي وڏيرا ۽ جاگيردار بہ مغل حڪمرانن سان سنڌ جي بربادي ۽ تباهي ۾ ساٿاري هئا. انهن ۾ اهم آهن: ميان يار محمد ڪلهوڙو، پير عبدالواسع سجاده نشين شاهہ ڪريم، نور محمد پليجو، حمل جت ۽ ٻيا مقامي وڏيرا جيڪي پنهنجن مفادن تحت حڪمرانن سان هم رڪاب هئا.

**فڪري پسمنظر:**

فڪري طور سنڌ ٻن حصن ۾ ورهايل هئي، ان مان هڪ کي ”وحدت الوجود“ ۽ ٻي کي ”وحدت الشهود“ چيو ويجي ٿو. انهيءَ حوالي سان مان گهٽو پوئتي نٿو وڃان، پر مغل شهنشاهيت جي ان دور کان شروعات ڪريان ٿو جڏهن دارا شڪوه (1615-1659) ۽ اورنگزيب (1618-1707) جي وچ ۾ محض اقتدار جي جنگ نہ پر ٻہ فڪري لاڙا بہ آمهون سامهون هئا. دارا، وحدت الوجود جو طرفدار ۽ سندس ذهني ۽ فڪري اوسر ۾ سنڌ ڄائي ميان مير سنڌي (1550-1635) جو هٿ هو. هوڏانهن اورنگزيب، مجدد الف ثاني جو پوئلڳ ۽ مذهبي بنيادن تي سياست ۽ سماج جو ڪاروهنوار هلائڻ جو قائل هو. انت تہ دارا ۽ اورنگزيب جي وچ ۾ خونريز ويڙهاند ٿي. وحدت الوجودي دارا مارجي ويو. اورنگزيب اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ سياسي ڪاروهنوار ۾ تہ مذهب جي سنئين سڌي مداخلت کي پرانهون رکيو، پر وحدت الشهودي فڪر جي درٻاري عالمن وسيلي آبياري ڪئي. انت تہ سماج کي فرقيوارانہ ٻٽائڻ جي ڪري وڏيڪ تباهي ۽ بربادي مُرڳو مغل شهنشاهيت جي اقتدار جا ٿنيا ۽ ٽوٽيون لوڏي ڇڏيا. اهڙي طرح شاهہ عنايت پنهنجي فڪر ۽ فهم جي نسبت سان وحدت الوجود جو طرفدار هو. جڏهن تہ مغل حڪمران دهلي کان وٺي ٺٽي تائين وحدت الشهود جي فڪر سان واڳيل هئا. شاهہ شهيد جي فڪر ۽ سوچ جو احاطو ڪندي ڊاڪٽر محمد علي مانجهي لکي ٿو:

”شاهہ شهيد، انهيءَ ڌرتي جو خمير هو جتي نبي ڪريم صلي الله عليہ و آلهي وسلم جي دين اسلام، ڪرشن جي همہ اوست، رام جي ڀڳتي ۽ جوڳ، ٻڌ جو پنهنجي هئڻ جي نفيءَ سان نرواڻ ماڻڻ ۽ جين ڌرم جي اهنسا، ماني جي حق ۽ باطل ۾ تفريق ڪرڻ ۽ اندر ۾ حق پسڻ، مزدڪ جي انساني برابري جو اولين اشتراڪي فڪر، ويدڪي فڪر، وحدت الوجود ۽ وحدانيت پنهنجا رنگ رچي نوان سُر سانگ رچايا.“ (1)

اجا بہ ڊاڪٽر مانجهي شاهہ عنايت جي فڪر ۽ عمل جو احاطو ڪندي لکي ٿو: ”اهڙين حالتن ۾ شاهہ عنايت شهيد سماج جي تقدير، تدبير سان تبديل ڪرڻ لاءِ انساني آجپي ۽ مساوات سان رهڻ جو هڪ باقاعده فڪري ۽ علمي پروگرام ڏنو جنهن وسيلي سماج ۾ هڪ ترقي پسند ۽ روشن خيال تبديلي اچي سگهي.“ (2)

پر شاهہ عنايت جو فڪر عملي شڪل اختيار ڪري نہ سگهيو. آخرڪار مغل سامراج ۽ ان سان سَهڪاري ڌريون جن ۾ مقامي پير، وڏيرا ۽ تمندار اچي وڃن ٿا انهن جي دغا ۽ دولاب سان شاهہ عنايت کي 7 جنوري 1718 تي شهادت نصيب ٿي. چيو وڃي ٿو تہ جڏهن شاهہ عنايت کي شهيد ڪرڻ لاءِ آندو ويو تہ پاڻ سِر اڏيءَ تي رکي هيٺيون بيت پڙهيو هو:

**سر در قدم يا رفدا شد چہ بجا شد،**
**اين بار گران بود ادا شدچہ بجا شد.**

**(يار جي قدمن ۾ سر فدا ٿيو چڱو ٿيو،**
**هي ڳرو بار لهي پيو چڱو ٿيو.)**

ائين ڪٺي چئجي تہ تبديلي ۽ رد و بدل جا سپنا ساڀيان ڪرڻ لاءِ شاهه عنايت جيڪا جدوجهد ڪئي ان جي مٿان وقت جي چادر پئجي وئي. شاهه عنايت جو ٻيهر جنم ويهين صدي ڪي انقلابن، رد و بدل ٻاٽڙٻوڙ جو طوفان چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. انهي صديءَ ۾ پهرين ۽ ٻي مها ياري لڙائين دنيا جي سياسي ۽ سماجي سٽاءُ جا ڦرڪا ئي ڦيرائي ڇڏيا. عظيم برطانيا جي جاءِ تي رياست هاءِ متحده آمريڪا والار ڪري رهيو هو. ان ڪان علاوه دنيا جي نقشي تي روس ۾ آڪٽوبر انقلاب جي آمد سان سوشلسٽ سرڪار نمودار ٿي رهي هئي.

اپڪنڊ ۾ قومي خود مختياري جون تحريڪون پساهہ کڻي رهيون هيون. انهن ۾ سڀ ڪان وڏيڪ اهم ۽ تواريخ جي عمل ڪي نواڻ ۾ آڻڻ جو دردناڪ مثال جليانوالا باغ جو ڪوس هو جنهن برطانوي سرڪار جي فولادي ڪوٽ ۾ ڏارون وجهي ڇڏيون. سنڌ ۾ وري بمبئي ڪان آزادي جي تحريڪ زور وٺي رهي هئي. قوم پرست، روشن خيال تحريڪ بہ اوسر ۽ نسرجي ابتدائي دور مان گذري رهي هئي. انهي زماني ۾ داد ڄيٺ مل پرسرام هڪ ڪتاب بعنوان: Sindh and its Sufis ڇپرايو جنهن ۾ شاهه عنايت بابت بہ لکٽي موجود هئي: مان هتي سنڌ جي ودوان دادا ڄيٺ مل پرسرام (1885-1948) جو ذڪر وقائتو سمجهان ٿو. دادا ڄيٺ مل عملي سياست ۾ ترقي پسند، روشن خيال، سماج واد خيالن جو پرچار هو تہ ٻئي پاسي تصوف جو پرچارڪ پڻ هو.

اهو هيئن تہ جڏهن هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انگريزن خلاف عام ماڻهن ۾ آزادي لاءِ هلچل اُڀري رهي هئي. اُن اُپار ڪي انگريز حڪمران ڏاڍ ۽ جبر وسيلي لتاڙڻ جا حيلا ۽ بهانا شروع ڪيا. ان جي رد عمل ۾ دادا ڄيٺ مل بہ پنهنجي اخبار هندواسيءَ ۾ ايڊيٽوريل لکيو ۽ عنوان طور شاهه لطيف جو هيٺ بيت ڏنو:

**اڳيان اَڏين وٽ، پوين سر سنيا هيا،**
**ڪاٽ تہ قبول ۾، مڇٽيانين گهٽ،**
**مَٿامهاين جا، پئا نہ پسينپَٽ،**
**ڪلاڙ ڪيهنڪُسڻ جو ڪوپُوهي - (سر ڪلياڻ) .**

برطانيا سرڪار، دادا ڄيٺ مل خلاف ان ايڊيٽوريل لکڻ جي آڌار تي بغاوت جو ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪيو ۽ حيدرآباد جي ائڊيشنل مئجسٽريٽ ايچ. ٽي سورلي مقدمو هلائي ٻن سالن جي سزا ڏئي ڇڏي. (3)

دادا ڄيٺ مل پرسرام جنهن هڪ پاسي تصوف ۽ ويدانيت بابت لکيو تہ ٻئي پاسي ويهين صدي جي سچائي سوشلزم ڪي سنڌ سان مڪا ميلو ڪرايو. ان ڪري بنا ڪنهن رک رکاءَ جي چئي سگهجي ٿو دادا ڄيٺ مل پرسرام جديد سنڌ جو پهريون صوفي سوشلسٽ ۽ شاهه عنايت جو پنر جنم (Reincarnation) هو. ايئن ڄيٺ مل پرسرام جي شڪل ۾ شاهه عنايت جي ٻيهر جنم وٺڻ سان هڪ نواڻ جا تجلا ۽ شعاع ظاهر ٿيا. انهي سلسلي ڪي اڳتي وڌائيندي جناب جي. ايم سيد، پير حسام الدين، محمد ابراهيم جوئي تائين شاهه عنايت جي درگاهي ڪلچر شاهه لطيف ڪي پيري، مريدي، بزرگي ۽ رومانيت جي گهيري مان ٻاهر آڻي ڪين "انقلاب ۽ جدوجهد جي نقطہ نگاهہ ڪان روشناس ڪرايو. اهڙي ريت شاهه عنايت جي خانقاهي سوشلزم ڪان دادا ڄيٺ مل ڪي ويهين صدي جو صوفي سوشلسٽ چئي سگهجي ٿو.

مان وَري هڪ اهم نقطي ڏانهن ڌيان ڏيارڻ لازمي سمجهان ٿو اهو آهي شاهه شهيد جو جهوڪ ۾ قائم ڪيل ڪميون جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ڪارل مارڪس جي پئرس ڪميون ڪان بہ اڳاٽو آهي. ان وقت هڪ نعرو بہ شاهه شهيد سان منسوب ڪيو ويو "جيڪو ڪيڙي سو کائي".

هن هنڌ اسان ڪي شاهه شهيد (1615-1718) ۽ ڪارل مارڪس 1883-1818 جي دور جو سماجي جو سَراسري جائزو وٺڻ لازمي ٻڻجي ٿو. شاهه عنايت جي زماني ۾ سنڌ مڪمل طور مغل سامراج جي بيٺڪيت، جاگيردارانہ ۽ قبائلي سماج جي دور مان لانگهائو هئي. ڪارل مارڪس جي زماني ۾ يورپ انقلابن ۽ سماجي رد و بدل جي تپش ۽ تاءَ مان لانگهائو هو. ڪارل مارڪس پنهنجي ساٿي اينگلس سان گڏ دنيا ڪي ڪميونسٽ پڌر نامون ڏئي چيو "دنيا جا پورهيتو اچو تہ گڏجي هڪ ٿيون." (Workers of the world unite) ان پڌر نامي جو اختصار دادا ڄيٺ مل پرسرام هيٺين ريت بيان ڪري ٿو:

"يورپ جي مٿان هن وقت هڪ هائُو آهي. اهو هائُو آهي ڪميونزم "ساميہ واد جو، سڀ يورپ جون سرڪارون گڏجي پاڻ ۾ پَهي رهيون آهن تہ ڪيئن هن هائو ڪي تڙي ڪيون، يورپ، زار، فرانس ۽ جرمني ۾ سندن حامي انهي ڳَني ڪوشش ۾ آهن تہ ڪيئن بہ هن هلچل ڪي نگهو سار ڪجي." (4) ائين جهوڪ جو ڪميون ۽ پئرس ڪميون بہ پنهنجي منطقي انجام تائين پهچڻ ڪان اڳ ۾ دٻجي ويا، پر اڄ بہ سندن پڙلاءُ ٻڌڻ ۾ اچن پيا.

مان موٽي اچان ٿو جڏهن اسان جي ساڄاهہ وندن ۽ دانشورن شاهه عنايت ڪي صوفي سوشلسٽ ڄاڻائڻ سان گڏوگڏ جيڪو "جو ڪيڙي سو کائي" جو نعرو ڏيندڙ پڻ ڄاڻايو.

ان جو پسمنظر هيئن چئي سگهجي ٿو تہ: شاهه شهيد مروج سماج جي خلاف مزاحمت جو سگهارو عنصر هو سنڌ جيڪا رضاڪارانہ طور پاڪستان ۾ شامل ٿي هئي ان جي سياسي ۽ اقتصادي لٽ ڦر ۽ ساڳي وقت دنيا جي تختي تي سوشلزم جي حوالي سان آيل رد و بدل ڪان متاثر ٿيڻ لازمي هو. ان ڪري تصوف سان گڏوگڏ "جو ڪيڙي سو کائي" جو رومانوي تصور پيدا ڪيو ويو.

هاڻي اسان اچون ٿا 21 هين صديءَ ڏانهن:

سڀ ڪان اهم سوال آهي تہ 21 هين صديءَ ۾ تصوف جو ڪهڙو ڪارج ٻڻجي ٿو. سياست ۽ سماج جي مٿان ڪهڙا اثر پون ٿا. انهي سوال جو جائزو مان "21 هين صدي ۽ شاهه لطيف" ۾ هيٺين ريت ڏنو آهي: "تصوف جي نالي ۾ سنڌ ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ درگاهن ۽ اوتارن جو ڪلچر ڇانيل آهي. انهن تي قابض سجاده نشين تصوف يا غير فرقيوارانہ سوچ جو پرچار ڪرڻ جي ابتڙ عام ماڻهن جي اپت مان ڏن، نذراني ۽ پيري مريدي وسيلي گذر سفر ڪري رهيا آهن. درگاهي ڪلچر جا سربراهہ ڪنهن بہ روحاني ۽ فڪري سوچ ڪان گهٽي ياڳي وانجهيل سماج جي رد و بدل ۾ رنڊڪ ٻڻجي بيٺل ۽ سياست ڪي بہ يرغمال ٻڻائڻ ۾ حصيدار ۽ وقت جي حاڪمن جا مطيع ۽ فرمانبردار آهن. (5)

مان هتي رياست ۽ صوفي وچ ۾ اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيواري ڏانهن نشاندهي ڪرڻ لازمي سمجهان ٿو.

ڪيٽرائين پريٽ ايونگ (Katharine Pratt Ewing) اتر ڪيليفورنيا جي ڊيوڪ يونيورسٽي ڊرهيم ۾ پروفيسر آهي. ان پويان ٿي ڍاڪا

وقفي وقفي سان برصغير ۾ صوفي اثر جو مطالعو ۽ اڀياس ڪيو. آخرڪار 1997ع ۾ هڪ ضخيم ڪتاب جي شڪل Arguing Saint hood ڇپرايو. ان ۾ ڄاڻائي ٿي ته ڪيئن درگاهن جا سجاده نشين صدين کان تصوف ۽ روحانيت جي نالي ۾ عام ماڻهن کي پيري مريدي جي ڌاڳي ۾ پوئي رياست ۽ حڪمران طبقن سان اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا اچن پيا. حاصل مطلب ته درگاهي ڪلچر جا صوفي حڪمران طبقن جا ساٿاري ۽ سهولتڪار به بڻجي بيٺل آهن. اڄ هڪڙا تصوف کي شريعت جي لبادي ۾ ويڙهڻ جا جتن ڪري رهيا آهن. هوڏانهن ٻئي پاسي صوفي ميلن جي نالي ۾ گيڙو رتيون الفيون ۽ مفلر پائي تصوف تي چٽرون ڪرڻ جا لقاءُ ڏسڻ ۾ اچن پيا ۽ ڏنو وڃي ته شرعي صوفي مذهب کي تفريق لاءِ ڪتب آڻين پيا ته ٻيا صوفي ميلن جا ڪوڏيا سماج کي نراسائي ۾ رکندي مست الست جي رنگ ۾ رتل کي نرواڻ سمجهن ٿا. اسان ڇا راڳ رنگ ۽ ثقافتي ميڙاڪن سان تصوف جي نالي ۾ سياسي ۽ سماجي ترقي ڏانهن پيش قدمي ڪري سگهيا آهيون ته پوءِ هن مهل تائين تصوف جي نالي ۾ دنيا کي هڪ مثالي رنگ روپ ڇو نه ڏئي سگهيا آهيون. ان جو سليس جواب آهي ته تصوف عقيدي جي شڪل اختيار ڪري ويو آهي ائين موجوده تصوف ماضي جي باقيات ۽ تبرڪ طور مقدس ته ليکي سگهجي ٿو، پر ڪنهن حالت ۾ سياست ۽ سماج تي هاڪاري اثر عڪس ڪرڻ کان لاچار ۽ عاجز آهي. اهڙي نسبت سان سراج ميمڻ تصوف جو جائزو وٺندي لکي ٿو:

”تصوف، سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ عجيب ۽ غريب عنصر رهيو آهي ۽ سماجي طرح سنڌ جي ذهن تي ايترو ڇانئجي ويو آهي جو اڄ به ڪافي سمجهو، پڙهيل ڳڙهيل سنڌي دانشور به ان جي ڪارائتن ۽ مثبت ڳالهين تي لکڻ جو روادار آهي. ان جي هاڃيڪار ۽ منفي ڳالهين کان لهرائي ٿو.“ (6)

حاصل مطلب ته تصوف سياسي ۽ سماجي طور 21 هين صديءَ ۾ هڪ اهڙي خالي سليٽ وانگر آهي جنهن جي مٿاڇري تي سڀ ڪو پنهنجي منشا ۽ مرضي مطابق لکت ڪرڻ جي خفت ۽ سودا ۾ ورتل آهن. انهن جي درجابندي هيئين ريت ڪري سگهجي ٿي:

پهريان: درگاهي ۽ درباري ڪلچر جا طرفدار پنهنجي طبقاتي مفادن جي حوالي سان تصوف کي مذهبي فرقيواريت ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ متاڪٽ ڪري رهيا آهن.

ٻيان: تصوف کي روحانيت ۽ آزاد اقتصاديات جو دو آتشو ناهي دنيا جو وايون ٻتال ڪرڻ ۽ ڦرلٽ جي اجازت ڏين ٿا.

ٽيان: تصوف کي اڄ به مزاحمت ۽ رد و بدل جو اهم عنصر سمجهن ٿا.

ان ڪري مجموعي طور تصوف وٽ ڪابه اهڙي سوچ ۽ فڪر سان ٺمٺار مَتو (Theory) ڪونهي جنهن کي تز ۽ درست نموني سان هڪ دستاويز طور سامهون آڻجي ۽ ڄاڻائي سگهجي ته سماجي رد و بدل جو هڪ اهم اسم آهي.

تصوف هن وقت هڪ ڇڙواڳي يا انارڪي جي دور مان گذري رهيو آهي. ان جي مٿان پُراسراريت جو ڪوهيڙو ڇانيل آهي، انهي پراسراريت جي نشاندهي ڪندي، برگسان لکي ٿو: ”انسان ذات پنهنجي ڪيل ترقي جي بار جي هيٺيان دٻجي رهي آهي ۽ ان ڪري انساني ويا ڪلمُن ساهه ڪڻڻ جو تمنائي هجي ٿو ۽ ائين ڪٿي ڇئجي ته أها مشين (انسان) پراسراريت ڪشف ۾ ويساهه (Mystic faith) رکي ٿي.“ (7)

ڇو ته هڪ سچيت ۽ ساڃاهوند صوفي جو علمي ۽ عملي طور سماج واد هئڻ اڄ جي ضرورت آهي. اڄ سنڌ ۾ سموري انسان ذات کي اقتصادي لٽ ڦر ۽ سياسي توڙي سماجي زنجيرن مان آجو ڪرڻ جو دور آهي. ان لاءِ جاگيردارانه ۽ قبضاگيري جي لاڙن کي ختم ڪرڻ ۾ ئي ڇوٽڪارو آهي.

آخرڪار تصوف جي مٿان پُراسراريت ۽ ڪشف جي ويساهه جي دز لاهي ڇنڊ ڦوڪ ڪرڻ لاءِ ايڪيهين صديءَ ۾ سماجي انصاف ۽ جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۾ آڇيو آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۽ اپ کنڊ ۾ تصوف جديديت جي دور مان لانگهائو آهي.

## ڪتابن جا حوالا:


صوفي شاهه عنايت ۽ سندس سلسلي جي شاعري، پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي سال 2014ع، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ص 151

حوالو ساڳيو، ص 157، ڪارل مارڪس ۽ سوشلزم (ساميواد)، ڄيٺ مل پرسرام، ڪتاب پبلشرس، ڪراچي، 2018ع، ص 14

حوالو ساڳيو، ص 22

ايڪيهين صدي ۽ شاهه لطيف، سهيڙيندڙ: امان الله شيخ، مارئي سوشل، ڪلچرل ۽ لٽرري عورتن جي آرگنائيزيشن نئين دهلي- انڊيا ڊسمبر 2015ع، ص25،24،23


سياسي منظر نامو (ڪالم) سراج، سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز حيدرآباد/ڪراچي فيبروري 2015ع (ص-87)

The Physicist and philosopher, Jimena Canales Princeton University Press New Jersey 2016.P-27


(شاهه عنايت شهيد ادبي فورم ٺٽو سنڌ) تاريخ: 6-1-2019ع

* تواريخ جو اهڙو واءُ وريو جو سورلي ايترو ته شاهه لطيف جي بيت کان متاثر ٿيو جو هُن اڳتي 1938ع ۾ شاهه لطيف تي تحقيق ۽ اڀياس وسيلي شاهڪار مقالو لکيو Shah Latif of Bhit: His poetry, life and times.

* ائين تصوف يا ويدانيت جا مغرب تي اثر پڻ چٽا نظر اچن ٿا. ”انهن ۾ اسپونزا (1632-1672) لائبنز (1446-1716) فختي (1762-1814) هيگل (1770-1831)، شمار ڪري سگهجن ٿا. انهن مان فختي ۽ شنڪر ۾ ايڏي ته ويجهڙائي آهي جو ڪيس مغرب جو شنڪر آچاريه پڻ ڇيو وڃي ٿو. ويهين صديءَ ۾ انهيءَ فڪر جو هڪ نمائندو ڊاڪٽر راڌا ڪرشن (1888-1975) ۽ ان ڪانسواءِ اربندو گهوش (1872-1950)، سواسيوويڪانند (1863-1920)، مهاتما گانڌي (1869-1948) ڇئي سگهجن ٿا، حاصل مطلب ته ان ۾ ڪوبه وَهم ۽ گمان ڪونهي ته ڏکڻ ايشيا جي سٽاءِ ۾ ڀڳتي تحريڪ يا جديد وحدانيت جو اثر رسوخ رد ڪري نٿو سگهجي. ايئن تصوف ۽ ويدانيت ڀڳتي تحريڪ جو ميلاپ برصغير ۾ هڪ سدا بهار ٻوٽو آهي. انت ته شنڪر آچاريه، ابن العربي، مولانا رومي، گرونانڪ، (1469-1539) ميان مير، شاهه لطيف، سچل سرمست، (1739-1829) سامي، (1743-1850) ساڌو ٽي. ايل واسواڻي، (1879-1966) دادا ڄيٺ مل پرسرام (1948ع) ۽ جي. ايم سيد (1995) تصوف ۽ ويدانيت جي سلسلي جا روشن مينار آهن.“ (ص: 23-24).





# نورالهديٰ شاهه

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

نورالهديٰ شاهه جو جنم 22 جولاءِ 1957ع تي حيدرآباد شهر ۾ ٿيو. ٺٽڙ تعلقي ٽنڊو محمد خان جي سيد گهراڻي سان تعلق رکندڙ، هن ليکڪا بنيادي تعليم لاهور مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ انٽر ۽ بي. اي ڪراچيءَ مان پاس ڪئي. اردو ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ جي ڪري سندس رغبت انهن ٻولين ڏانهن وڌيڪ رهي ۽ ننڍپڻ لاهور ۽ ڪراچي ۾ گذريس، سو سنڌي ٻوليءَ سان ڪيس شناسائي گهٽ هئي، پر سورهن سالن جي عمر ۾ هن هلال پاڪستان ڪراچي اخبار پڙهڻ شروع ڪئي، جنهن منجهس سنڌيت جو ٻج ڇٽيو. هوءَ لکي ٿي ته:
”منهنجو ذهن جنهن جي ارتقا جي شروعات ترقي پسند اردو ادب سان ٿي هئي. مون سنڌ کان، سنڌي ماحول کان ۽ سنڌي ٻوليءَ کان پري اک کولي. ڪو تعلق ئي نه هو انهن سان پنهنجائپ وارو. لفظ ”سنڌ“ ئي اوپرو هو منهنجي لاءِ. سنڌيءَ ۾ نه ڳالهائڻ ايندو هو نه سوچڻ، مان جڏهن سنڌ پهتيس ته منهنجو ننڍڙو ذهن ڪجهه به قبول ڪرڻ لاءِ تيار ئي نه هو. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهه ڪرڻ وارا مون کي غدار لڳندا هئا. منهنجي ذهني اوسر 1965ع جي پاڪ ڀارت ويڙهه واري لاهور ۾ ٿي هئي ۽ ان ماحول جو سحر طاري هو. ايوب خان ۽ پاڪ فوج منهنجا هيرو هئا ۽ اندر ئي اندر سنڌي هئڻ جو ڪمتريءَ وارو احساس به پلجي رهيو هو، جيڪو ڪراچي پهچڻ کانپوءِ اجان به وڌي ويو، جتي ڏاڍي شرمندگي مان پنهنجي سنڌي هئڻ جي Explanation ڏيڻي پوندي هئي“. (شاهه، 2006:395).
ايئن جڏهن اردو ادب ۽ ”مشرق“، ”امروز“ ۽ ”جنگ“ اخبارون پڙهندي، اوچتو هن 1972ع ۾ سنڌي اخبار هلال پاڪستان پنهنجي والد جي اسرار تي پڙهي ته ڪيس سنڌي ٻوليءَ سان واقفيت ٿيندي ويئي. هيڪاري انهيءَ دور ۾ سنڌي ٻوليءَ واري بل پنيان اسيمبليءَ ۾ ٿيل احتجاج سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي ماحول تي اثر وڌو هو. سو اخبارن معرفت جذباتيت جي لهر پڪيڙي ويو. نور صاحبه جي چواڻي ته: ”انهيءَ ماحول ڄڻ منهنجو رت دانگيءَ تي اٿلائي وڌو.“ اهڙيءَ ريت سندس دل ۾ جيڪي به سماجي اوڻاين خلاف احتجاج هئا، سي هن ”هلال پاڪستان“ جي سگهڙين سٽ صفحي ۾ لکڻ شروع ڪيا. نورالهديٰ جو تعلق سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل جاگيردار طبقي سان آهي. هن پنهنجي ئي طبقي جي خامين جو مشاهدو گهريءَ نظر سان ڪيو ۽ ٻي ڌڙڪ ٿي دليرانه قلم هلايو.
پنهنجي همعصر ليکڪائن ۾ نورالهديٰ شاهه جي ادبي حيثيت مٿانهين آهي. سندس دور ۾ ليليٰ ٻانا، خيرالنساءِ جعفري، نذير ناز، سحر امداد، تنوير جوڻيجو، نيلوفر جويو ۽ ٻين لکيو آهي، پر هوءَ غير معمولي مقبوليت حاصل ڪندي پنهنجي فن ۾ هڪ الڳ مقام قائم ڪري ويئي آهي. وڏي ڳالهه نه فقط ادبي طور، پر شخصي طور به هوءَ هڪ منفرد طبع جي مالڪ آهي. سنجيده، ڪم گو، پنهنجي پاڻ ۽ فن سان ڪميٽيڊ آهي. سندس تعلق علمي گهراڻي سان آهي ۽ لکڻ پڙهڻ هن جو ذاتي شوق ۽ طبع جي تسڪين جو ذريعو آهي. پنهنجي مضبوط مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي ذريعي مسلسل لکندي پئي اچي. موجوده وقت گهڻي ڀاڱي اردو ٻوليءَ ۾ ڊراما لکي پئي. سنڌي نثر ۾ سندس ٽي ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ هڪ نثري نظم تي ٻڌل ڪتاب ڇپيل آهن.



بحيثيت ادبي فنڪاره: نورالهديٰ شاهه


لکڻ جي شروعات نورالهديٰ شاهه عربيءَ جي نالي سان روزاني ”جنگ“ ۽ هفتيوار ”اخبار جهان“ ۾ اردو ٻوليءَ سان ڪئي. سنڌيءَ ۾ روزاني هلال پاڪستان جي ”سگهڙين سٿ“ جي صفحي کان ابتدا ڪيائين. کيس وڏي مشهوري ”جلا وطن“ 1980ع ڪانپوءِ ملي. هيءُ ڪهاڻين جو مجموعو ڇاپيندڙن محبت سان ڇاپيو ته پڙهندڙن پاران به ان کي وڏيڪ پذيرائي ملي ۽ هن ڪتاب جا هڪبئي پويان ڇاپا ڇپجڻ لڳا ۽ اڄ ڏينهن تائين پڙهيو ويندڙ اهم افسانوي مجموعو آهي.

سنڌي ادب ۾ سنڌس اچڻ جو اهم سبب سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت آهي. سنڌ جي وڏن شهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ خلاف جيڪو نفرت وارو ماحول تيار ٿيو، انهيءَ پڻ کيس احتجاج تي آماده ڪيو. پنهنجي اباڻي ٻوليءَ سان فطري تعلق کيس اُتساهيو ته هوءَ پنهنجي خيالن جو اظهار پنهنجي ئي ٻوليءَ ۾ پنهنجن ئي ماڻهن سان ڪري، جنهن جي لاءِ هن ساڳي ئي اخبار کي ذريعو بڻايو ۽ عورتن جي صفحي ۾ لکڻ لڳي ۽ کيس اڳيان آڻڻ ۾ انهيءَ صفحي جي سنڀاليندڙ ڊاڪٽر فهميده حسين جو وڏو هٿ هو. نور جي پنهنجي چواڻيءَ ته:

”هلال پاڪستان ۾ پناهه وٺي پنهنجي ٻاٻاڻي ٻولي هِڄ ڪري ڪري پڙهڻ شروع ڪيم ۽ منهنجي رندا روڙڻ جهڙي سنڌي؟ جنهن کي لکڻ ڪانپوءِ پاڻ ئي نه سمجهي سگهندي هئس؟؟ ان کي فهميده Rewrite ڪري ڇپجڻ قابل بڻايو.“

نورالهديٰ جون ڪهاڻيون ”سگهڙين سٿ“ ڪانپوءِ ”سهڻي“، ”سرتيون“ ۽ ٻين مخزنن ۾ ڇپيون. ڪتابي صورت ۾ ٽي مجموعا ”جلاوطن“ 1980ع، ”ڪربلا“ 1981ع ۽ ”رڻ ۽ رڃ جو اتهاس“ 1988ع ۾ ڇپيا آهن. 2006ع ۾ انهن کي گڏي ”ڪيڏارو“ (ڪهاڻي ڪليات) جي عنوان سان روشني پبليڪيشن شايع ڪيو ۽ نصير مرزا اهو ڪتاب ترتيب ڏنو آهي، جنهن ۾ آيل ڪهاڻين جو ڳاڻيٽو، جلا وطن (11) ڪربلا (11)، رڻ ۽ رڃ جو اتهاس (16) ۽ ڪيڏارو (5) ڪهاڻيون آهن. ڪل 43 ڪهاڻين سان گڏ آخر ۾ ليکڪا طرفان سنڌس فن تي ”مان ۽ منهنجي ڪهاڻي“ جي عنوان سان هن پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن. اهي ڪهاڻيون نورالهديٰ جي ٽيهن سالن جي ادبي سفر جو ثمر آهن، جن جو ڳاڻيٽو مناسب مقدار ۾ هوندي پڻ فني معيار جي لحاظ کان اهم حيثيت رکي ٿو. انهن ڪهاڻين ۾ ارتقا جون سموريون منزلون نظر اچن ٿيون. انهن ڪهاڻين ۾ نور جا نظريا، آدرش ۽ ڌرتيءَ جي ڏک ڏولاون سان پيار شامل آهي. نور جي فن ۾ ڪنهن به خاص نظريي جو پرچار ناهي. هوءَ انسانيت جي ليکڪا آهي ۽ ڪل عالم لاءِ شاهه جي بيت، ”عالم سڀ آباد ڪرين“ جيان دعاڳو آهي، وٽس ظالم لاءِ ڌڪار ۽ مظلوم لاءِ همدرديءَ جو احساس آهي. سنجيدگيءَ سان سماجڪ اوڻاين جي اوگهڙ ڪندي، هُن سنڌي سماج جا انيڪ مسئلا لکيا آهن. هن سماجي حقيقت نگاري (Social Realism) کي پنهنجي تحريرن ۾ آندو آهي. نور جي ڪهاڻين ۾ موضوعن جي گوناگونيت، ڪردار نگاريءَ جا ڪمال، ٻوليءَ جو احسن استعمال، اسلوب جو حسن، اڇوتا ۽ چرڪائيندڙ مڪالما، لفظن ۽ جملن جو ترنم ۽ ٻيون فني خوبيون ملن ٿيون. هوءَ آهستي آهستي ڪنهن واقعي يا (Event) کي ڪٿي ٿي ۽ مناسب نموني ماحول جي حد بندي ڪندي، ڪردارن جي مختلف روپن جي عمل ۽ رد عمل معرفت اڳيان وڌي ٿي. ڪهاڻيءَ جي واڌ ويجهه اثرائتن مڪالمن ذريعي ڪرائيندي هوءَ سيني فني خوبين جي ميلاپ سان هڪ اهڙي وحدت عملي قائم ڪري ٿي، جو ڪهاڻيءَ جي اثرانگيزيءَ ۾ چار چنڊ لڳي وڃن ٿا ۽ ان جو تاثر هميشه قائم رهڻ وارو ٿي وڃي ٿو.

موضوع جي جائزي کان پهرين آئون قارئين کي اهو نقطو ذهن نشين ڪرائڻ چاهيان ٿي ته ڪنهن به اعليٰ ليکڪ جي فن جي پرک جي پروڙ سنڌس ارتقائي نظر ۽ تخيلاتي عنصر مان پوي ٿي. نورالهديٰ شاهه بي انداز تخليقي قوت رکندڙ ذهين ادبي فنڪاره آهي. هوءَ (Burning Topic) تي لکڻ چاهي ٿي. سنڌس ڪهاڻين جا موضوع وقت جون صداقتون ۽ حقيقتون آهن. ڪوڙن عقيدن، ريتن، رسمن ۽ شرافت جي ڍونگن کي هن بي نقاب ڪيو آهي. نون موضوعن سان گڏ ڪٿي هن عام موضوعن کي به خاص نموني سان لکي پنهنجن پڙهندڙن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته کيس نثر لکڻ جو ڏانءُ اچي ٿو.



# عالمي ادب ۾ مزاحمتي عڪس: مختصر جائزو

حميده قاضي

سياسي گهٽ ٻوسٽ، اقتصادي ڦرلٽ ۽ سماجي اڻ برابري مزاحمت کي جنم ڏيندي آهي ۽ اهڙي سماج ۾ ئي مزاحمتي ادب جي گهڻي گنجائش هوندي آهي، پر ڪنهن به مزاحمتي شاعر جي سِٽن ۾ حقيقت جو عڪس تڏهن پسي سگهبو آهي، جڏهن ان مان سچ ٻڪندي نظر اچي.

جيڪو شاعر/اديب اهڙي سماج ۾ پاڻ ذاتي طور تي نٿو پوڳي، تيستائين هن جي لکڻين ۾ اها سچائي، اهو درد، اها تڙپ ۽ ڏاڍ خلاف مزاحمت ۽ ڌڪار جو اصلي روپ نٿو ڏيکاري ڏئي سگهي ۽ اهڙو مزاحمتي ادب رڳو ڏيکاءُ وارو ٿي رهجيو وڃي.

مزاحمتي ادب جي حوالي سان ڏسجي ته آنڌ مانڌ وارو دور سڀ کان اڳ ۾ فرانس ۾ نظر اچي ٿو. فرانس ۽ نازي ازم جي خلاف مزاحمتي شاعري ڪئي وئي ۽ اها عوام ۾ ايتري قبول پئي جيتري اسپين جي خانہ جنگيءَ ۾ لورڪا جي ٿي هئي. اها شاعري ماڻهن ۾ لِڪ چوري ورهائي ويندي هئي، اهڙي شاعريءَ ۾ سڀ کان اهم ۽ وڏو نالو پال اليوار (Paul Eluard) جو آهي ۽ بودليئر به 1857ع ۾ فرانس ۾ پنهنجو ڪتاب ”گناهہ جا گل“ (Flowers of Evil) شايع ڪرايو هو.

ان ڪانسواءِ مزاحمتي شاعري/ادب جي لحاظ کان اسپين جي پسمنظر کي ڏسجي ته اسپين ۾ جمهوري ماحول ۾ انقلاب ڪانپوءِ پهريون ڀيرو ٻاهرين قوتن جي سهڪار سان اديبن کي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي خاموش ڪرايو ويو ۽ ڪيترائي پنهنجي ڌرتي ٻه ڇڏي ويا. لورڪا مزاحمتي شاعر هو ۽ هن جو عوامي انداز حڪومت جي ڪارندن کي پسند نہ آيو ۽ رجعت پسند ٽولي ان کي ختم ڪرڻ ۾ دير نہ ڪئي. لورڪا جي شاعريءَ ۾ اسپين جي ڌرتيءَ جو رت شامل آهي.

آلبرٽي ريفل به پنهنجي دور جو وڏو شاعر آهي هن به غلط کي غلط چيو ۽ سچ ٻڌائڻ ۾ ڪوبہ رک رکاءُ نہ ڪيو. جيتري مزاحمت ان دور جي حالتن جي تقاضا هئي، ان کان به وڌيڪ مزاحمت هن جي شاعري ۾ آهي. آندري مالرو ته اڳ ئي اسپين جي مزاحمتي تحريڪن ۾ شامل هو.

اسپين جي خانہ جنگيءَ کي ”شاعره جي جنگ“ به سڏيو ويو آهي. اسپين جي آزاديءَ جي جنگ، شاعرن ۽ اديبن اتساهي هئي ۽ انٽرنيشنل برگيڊ ٺاهي هئائون، جنهن ۾ ڪرسٽا فرڪاڊ ويل، انگريزي ناولسٽ جارج آرويل، فرينچ ناول نگار آندري مالرو، هيمنگ وي، انگريزي شاعر اسٽيفن اسپينڊر ۽ ٻيا گهڻائي شاعر/اديب شامل هئا، جن جو تعلق انگلينڊ ۽ فرانس سان پڻ هو.

آئرلينڊ جي ناول نويس شاعر جيمس جئائيس جي ناول ”يولي سيز“ (Ulysses) ۽ انگريزي ناول نگار ڊي. ايچ لارنس جي ناول ”ليڊي چيٽرلي جي عاشق“ تي جمهوري ملڪن ۾ به بندش وڌي وئي جنهن جي ڪري اهي معاملا مزاحمت جي اسرڻ ۾ محرڪ بڻيا.

اٽلي تي جنهن وقت اتحادين جا حملا ٿي رهيا هئا ۽ ان جي شڪست صاف ظاهر هئي، ان وقت ۾ ان گاريٽي (Ungaretti) به ايولار وانگر شاعري ڪئي، جنهن ۾ دل جي درد کان وڌيڪ ڌرتي ۽ ديس جو درد سمايل هو. اٽليءَ جي نوبيل پرائز ماڻيندڙ شاعر ”سئلوي ڪئاسي موڊو“ به فاشزم جي دور ۾ مزاحمت جو رستو اختيار ڪيو.

يورپ ۾ به تشدد جو دور ۽ نازي ازم ۾ فاشزم جي اپار ڪانپوءِ اتي مزاحمتي شاعري ٿي.

انگلينڊ ۾ مزاحمتي شاعري ٽيهن واري ڏهاڪي ۾ انهن شاعرن ڪئي، جن تي مارڪسزم جو اثر هو.

لاطيني آمريڪا جي مزاحمتي شاعري به خاص اهميت جوڳي آهي. حالانڪ انهن جي مزاحمتي شاعري ۾ نہ تہ ٻوليءَ جون نزاڪتون آهن ۽ نہ ئي ورڪا منظر ڪشي آهي، پر تنهن هوندي به منجهن تلخ سچايون آهن، جن ۾ گوريلا جنگ جا عڪس آهن، انسانن جو دربدر ٿيڻ ڏيکاريو ويو آهي ۽ لاشن سان ڀريل گهٽيون لفظن مان ليئا پائيندي نظر اچن ٿيون.

روسي مزاحمتي شاعري روس ۾ تہ گهٽ ٿي آهي. پولينڊ، هنگري، چيڪو سلواڪيا، مشرقي جرمني، رومانيا ۽ يوگو سلاويا ۾ وڌيڪ اثرائتي هئي. روس ۾ انقلابي شاعري ان دور ۾ گهڻي اتساهيندڙ هئي. اشتراڪي آمريت روسي اديبن جي اها آزادي به کسي ورتي جيڪا هنن کي لينن جي دور ۾ نصيب ٿي هئي، مايا ڪوفسڪو کي تہ سندس ذهانت سبب ڏکايو ويو ۽ اهي ليبر ڪيس برداشت نہ ڪندا هئا، جن جي هٿ وس ۾ اشاعت گهرن جو ڪنٽرول هو.

آفريقا ۾ ڪافي وقت گهٽ ٻوسٽ وارو ماحول رهيو ۽ اتي نسل پرستيءَ جي خلاف مزاحمتي شاعري گهڻي ٿي.

سارتر چيو هو تہ:

“Nagro poetry is the Revolutionary poetry of our time”

ننڍي کنڊ جي حوالي سان ڏسجي تہ چٽوپاڌ يا تورودت، سروجني نئڊو، ٽئگور وغيره جي انگريزي ادب هندستان ۾ جاڳرتا جي جوت جلائي.

سنڌ ڌرتيءَ تي مختلف وقتن ۾ شروع کان ئي انياءُ ۽ ظلم جو راڄ رهيو آهي. ان جي خلاف ڌرتيءَ سان لاڳاپيل سچن شاعرن/اديبن پنهنجي تحريرن وسيلي عام ماڻهوءَ ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي.

سنڌي ادب جي اتهاس تي نظر ڊوڙائجي تہ اسان کي مزاحمتي انداز لاڪيٽي لطيف جي شاعريءَ ۾ نمايان نظر اچي ٿو. لطيف سائينءَ جي شاعري مزاحمت جو سگهارو آواز آهي:


هڻ ڀالا وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
مٿان تيغ ترار مــار تہ متارو ٿئيــن.

بي باڪيءَ ۽ خوديءَ جي اظهار سان سچل سرمست سنڌي ادب ۾ مزاحمت جو چٽو مثال آهي. سچل سارو سچ آهي.


شيخ اياز سنڌي ادب جو انتهائي اهم ۽ معتبر نالو آهي، سندس مزاحمتي شاعريءَ جو اثرائتو رنگ سنڌي ساهت جي اڀ تي چٽي چانڊاڻ آهي.

سنڌي ادب ۾ استاد بخاريءَ جي سموري شاعري پيار، امن سان گڏ مزاحمت جي رنگن سان رنگيل آهي:

سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪب آباد واري عبدالڪريم گدائي جي شاعريءَ ۾ بہ مزاحمت جو گهڻو مواد موجود آهي. ان ڪانسواءِ سرويچ سجاولي، محمد خان مجيدي، نياز همايوني، شمشيرالحيدري، سرڪش سنڌي، امداد حسيني، تاج بلوچ، نارائڻ شيام، راشد مورائي، تاجل بيوس، خاڪي جويو، آڪاش انصاري، مقصود گل، تاج جويو، آسي زميني ۽ اڄ تائين شاعريءَ ۾ مزاحمت جا احساس اظهاريندڙ ٻيا ڪيترائي نالا آهن جن پنهنجي شاعراڻي ذات سان سنڌ ڌرتيءَ جي سينڌ سنواري آهي. هن مختصر جائزي سان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ قومن کي ابتر حالتن مان نڪرڻ واري جدوجهد جي قافلي ۾ شاعر، ليکڪ جي هڪ سالار واري حيثيت هوندي آهي، سندن سگهارا احساس لفظن جو روپ وٺي ظلم جي اڏيل ڪوٽن جا ڪنگرا ڪيرائڻ جي طاقت رکن ٿا.



# ڀراڙي جو شيڪسپيئر



## مدهوش مير

تڪليفن جي هنج ۾ پلجندڙ زندگيون، جڏهن وڏيون ٿي تخليقي تجربن جي ڪلهن تي سوار ٿينديون آهن ته انهن کي ننڍا وڏا ڏک پريشانيون ٻانبڙا پائيندي نظر ايندا آهن، اهڙيون زندگيون گذاريندڙ انسان وري جڏهن ڄاڻي واڻي يا حادثاتي طور ڪنهن فن فڪر، ڪلا ڪرت، ادب يا آرٽ جي چيچ پڪڙي هلڻ سڪندا آهن ته ازل کان انسان جو ويري انسان انهن ماڻهن جي هٿن ۾ مايوسين، مهڻن ۽ مفلوجين جي لٺ ڏيڻ واري سهولت جو سهڪار ڪري انهن کي ٺوڪن، ٺنولين ۽ واحيات گيري جي وڏن نوڙن جا وزني هار پارائيندا آهن جن جو وزن انهن انسانن کي گوڏن ڀر گسڪڻ تي مجبور ته ڪندو آهي، پر ان بخطي پيچري تي هلڻ جي حامي ڀري ان عشق جي طلسمي طاقت سان هو پاڻ ملهائي پنهنجو وجود وقف ڪري ڇڏيندا آهن. وري جڏهن اسان تاريخ جا ورق اٿلائيندا سين ته يقينن اهڙن لاتعدا وجودن جي هجڻ جو ثبوت ملندو جن کي پنهنجي حياتي ۾ سينواريل سماج جي ماڻهن ڪجهه به نه هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ته ڏيئي ڇڏيو، پر اڄ صديون گذرڻ بعد به اصل ۾ انهن قدآور شخصيتن جو دل جي گهراين سان احترام ڪيو وڃي ٿو. اهڙن سوين سرٽيفڪيٽن جي اعزاز سان نوازيل وليم شيڪسپيئر به هڪ آهي، جنهن کي پنهنجي زندگي ۾ ڪوڙي نوٽ جيان ڪنهن به قبول نه ڪيو، پر اڄ دنيا جي ادبي حلقن توڙي ادب دوست انسانن کان ويندي آرٽ ۽ ادب جي دنيا ۾ سندس فن جو سڪو راڄ ڪري ٿو.

شيڪسپيئر جو جنم 23 اپريل 1564ع ۾ لنڊن جي شهر اسٽارٽ فورڊ ۾ هڪ غريب خاندان ۾ ٿيو، وليم شيڪسپيئر جنهن جي زندگي جي شروعات ئي اهڙي اونداهي گهراڻي ۾ ٿي اتي هي ماڻهو ڪيئن ٿو روشن نالو ٿي سگهي. چيو وڃي ٿو ته اسڪول جي دور ۾ چونڊي جي نياڻن شاگردن جي فهرست ۾ هن جو نالو پهرين نمبر تي هو. يقينن اهڙن شاگردن لاءِ استادن وٽ مار ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه هوندو آهي، پر استاد جي مار ٻار جي سنوار اها چوڻي ان ئي ٽائيم شيڪسپيئر رد ڪري ڇڏي ”استاد جي مار وري نه ٻار کي اسڪول جو دڳ ڏيکار“ اسڪول جي ٻاهران وڏن وڻن جون قطارون هونديون هيون ۽ شيڪسپيئر هميشه ڪلاس جي پوين بينچن تي ويهي اسڪول جي دري مان انهن وڻن تي ويٺل جهرڪين ۽ پکين جي آکيرن کي پيو ڏسندو هو. جنهنڪري ڪيترائي ڀيرا هن کي استادن ماري ڪٽي ناس ڪيو، پر هن جي ان وقت جي چال چلت ۾ سڌاري جو تر برابر به فرق نه پيو. سو هڪ ڏينهن هي اسڪول جي دري مان پڄي نڪتو، پوءِ استادن به سمجهيو ته هن جو شوق تعليم بجاءِ جنگ جي دنيا ۾ آهي، ان ڪري استادن به هن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. آخرڪار هن جي اسڪول سان اهڙي دلچسپي ڏسي سندس پيءُ مجبور ٿي هن کي پاڻ سان گڏ ڪاڻين ڪرڻ ۽ ڪاسائي واري ڪم ۾ هٽيڪو ڪيو، ان ڪم سان به هن جي اصل نه لڳندي هئي. آخرڪار پيءُ به سمجهي ويو ته هن جو هاڻي ڪٿي علاج ڪجي جنهن لاءِ هن جي شادي جو انتظام ڪيو ويو. هتي هيءَ ڳالهه به بحث هيٺ آهي ته عام طور تي اسان وٽ چيو ويندو آهي ته ڇوڪرو اڻ سڌريل هجي ته ان جي شادي ڪرائجي خبر ناهي تي پنج سئو سال پهريان به ڪو اهڙو ئي منطق هو حالانڪ اهو به آهي جنهن ٻار کي ماءُ پيءُ سڌاري نٿا سگهن ته ان کي هڪ زال ڪيئن ٿي سڌاري سگهي. اصل ۾ اها ڪا جان ڇڏائڻ واري رٿا بندي آهي، پنهنجي جان ڇڏائڻ لاءِ اها آفت ڪنهن ٻئي جي ڪنڌ ۾ هٽجي نيٺ جان شيڪسپيئر 1582ع ۾ هن پنهنجي 18 سالن جي صدوري پٽ وليم شيڪسپيئر جي 26 سالا عورت اين هٿوي سان شادي ڪرائي ڇڏي جيڪا هن کان 10 سال وڏي هئي قصو هلندو رهيو شادي جا اهي شروعاتي ڏينهن في الحال هن لاءِ راحت جو سبب هئا جنهن ڪانپوءِ اڳتي هلي هن بيروزگار مڙس اڳيان سورن وارا ڏينهن سامهون قطارون ڪري اچي اڳيان بيٺا. زندگي جي پيڙائن وارا پهلو شروع ٿي ويا ۽ ڪم ڪار ڪان آجو ٿي گهمڻ وارو شيڪسپيئر شادي ڪانپوءِ مڪمل تنگدستي ۾ مبتلا ٿي ويو. اهڙين حالتن ۾ جنهن ڏينهن گهر ۾ زال مڙس جو جهيڙو نه ٿئي اهو ڏينهن خوشين جي تهوار برابر هوندو هو ۽ ان ڏينهن کان شيڪسپيئر اڪثر ڪري محروم رهيو. ڏسندي ڏسندي وقت گذرندو ويو ويڇا وڌندا ويا ۽ آخرڪار مجبور ٿي اين هٿوي ڪان حالتن اهو فيصلو ڪرايو جيڪو تاريخ ۾ ڏکهو بحث ۽ تعصب جي ذمري ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو اهو هي فيصلو هو جو اين هٿوي شيڪسپيئر کي ستن سالن لاءِ گهران ڪڍي ڇڏيو، جنهن ڪانپوءِ هو لنڊن هليو ويو، جتي هي ويڳاڻو ۽ بيگانو ٿي پيو گهمندو هو. هي اهو دور هو جڏهن لنڊن توڙي آسپاس جي علائقن اوپر ڪان اولهه تائين اسپين ڪان يورپ تائين سياسي توڙي معاشي نظام جي حوالي سان هڪ اٿل پٿل وارو

ماحول هو ۽ هي انگلينڊ جي عروج جو دور هو، جتي چار پئسا ڪمائڻ واسطي شيڪسپيئر در در جا ڌڪا ڪائيندو لنڊن جي روڊن رستن تي خانا بدوشي واري زندگي گذاريندو رهيو. لنڊن جي بازارن ۾ اسٽيج ڊرامن ۽ اداڪارن جا وڏا وڏا بينر ڏسي هڪ ڏينهن هن روزگار واسطي انهن ٿيٽرن جو رخ ڪيو. آخرڪار هن کي هڪ ڊراما ٿيٽر ۾ ڪم مليو، ڪم ملڻ ڪانپوءِ هن اهڙي وقت کي پاڻ مٿان مهربان سمجهيو. هو جڏهن ٿيٽر ۾ آيو تہ هن جو ڪم هو ٿيٽر جي ٻاهران آيل ويل ماڻهن جي مالڪي ۽ رات جو اتي ئي چوڪيداري ڪرڻ، جتان هن جو پيٽ گذر ٿيندو هو. هن اسٽيج ڊراما ڏسي ڏسي نيٺ هڪ ڏينهن پاڻ بہ هڪ ڊرامو لکيو ۽ جڏهن پاڻ سان ڪم ڪندڙ سنگتين کي اهو ڊرامو پڙهي ٻڌايائين تہ سڀ کليا ۽ هن کي چيائون ميان صاحب تون وڃي مال، ٻڪريون ۽ رڍون چار تنهنجو ڇا وڃي ادب سان تون ڪالهہ ڪلهوڪو ڏينهن آهي هتي آيو آهين وري يڪدم ڊراما نويس ٿيڻ جي ڪوشش ٿو ڪرين. شيڪسپيئر اها ورندي ٻڌي مايوس نہ ٿيو ۽ وري چپ چاپ معمول موجب ٿيٽر جي ڊيوٽي سنڀالي، پر هن جي دماغ ۾ اها ڊراماگيري گهر ڪري وئي ٿيٽر ۾ ڪم ڪرڻ سان گڏ هن جو اسٽيج ڊراما لکڻ جو جنون جاڳي اٿيو. ڪجهہ ٽائيم گذرڻ ڪانپوءِ هن ٻيو ڊرامو لکيو جيڪو مزاحيہ ناٽڪن نما هو جڏهن اهو هن وري ٿيٽر جي دوستن کي پڙهي ٻڌايو تہ ٿوري دير لاءِ خاموشي ٿيڻ ڪانپوءِ سڀ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کليا، پر وري خاموشي ٿي وئي، هن سمجهيو تہ شايد مان ڪٿي هي ڊرامو ايترو سٺو لکيو آهي جو منهنجو مزاحيہ انداز ۾ لکڻ ئي بهتر عمل هوندو جنهن تي هي سڀ کليا آهن. هي اهو سوچيندو ئي رهيو تہ هڪ وڏي معزز وري وڏي سنجيدگي سان هن کان پڇو تہ شيڪسپيئر توهان صحيح صحيح ٻڌايو مان ڪنهن سان بہ اها ڳالهہ نہ ڪندس تہ اوهان هي ڊرامو ڪنهن جو چورايو آهي. هي حيران ٿي ويو ۽ چيائين تہ مان ئي لکيو آهي ان عمل تي هن کي محفل ۾ ويٺلن چيو تہ تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين تون ادبي چور آهين هي پراوا خيال ڪٽي پاڻ کي هيرو نہ ڪر چپ چاپ ڪري پنهنجو ڪم ڪر ٿيٽر ۾ تنهنجو ڪم آ پردو سنڀالڻ سو اهو ئي ڪم ڪندو رهہ. پردو سنڀالڻ جو ڪم اهو هو تہ جڏهن ٿيٽر ماڻهن سان پرجي ويندو هو تہ اسٽيج جي اڳيان هڪ رنگين پردو ٽنگيل هوندو هو، جنهن پردي کي مٿي ڪڻڻ سان سڄو اسٽيج ظاهر ٿيندو هو ۽ اتي موجود اسٽيج اداڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. جڏهن ڊرامو پورو ٿيندو هو تہ شيڪسپيئر ان پردي جي رسي کي هيٺ ڪندو هو ۽ وري اسٽيج ان پردي سان ڍڪجي ويندو هو، هن کي عوام ۽ ڊرامي جي وچ ۾ پردي ڪيرائڻ ۽ ڪڻڻ واري مهارت سان گڏ ڊرامن تي تنقيد جي بہ اها بهتر ۽ تلخ ڄاڻ حاصل هئي جو هو ويهي ويهي اهڙي ڳالهہ ڪندو هو جنهن سان ٻڌڻ واري کي ڪڏهن ڪاوڙ تہ ڪڏهن رحم اچي ويندو هو. آخرڪار هلندي هلندي انهي ڪم سان گڏ هن پنهنجي لکڻ جي صلاحيت کي وڌايو جنهن ۾ هن ڪابہ ڪثر نہ ڇڏي. هن ان بي ترتيب زندگي کي اهڙي ريت فن جي تربيت سان مالا مال ڪيو. اڳتي هلي هن پنهنجو ٿيٽر کوليو ۽ هڪ گهر خريد ڪيو ۽ مسلسل ڊرامن گيتن غزلن مضمونن تي اهڙي تہ پنهنجي تخليق جي ڇنسالي ڪئي جو انهيءَ ٽائيم ۾ ڪير بہ هن کي سمجهڻ مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. شيڪسپيئر پنهنجي زندگي ۾ ڪيترائي نظم غزل گيت ڊراما لکيا، پر هن کي انهيءَ محنت جو ڪو بہ سلو نہ مليو. هلندي هلندي هي آخرڪار پنهنجي جنم ڏينهن واري ساڳئي تاريخ 23 اپريل 1616ع تي هميشہ لاءِ اسان کان جسماني طور تي جدا ٿي ويو ۽ هن جي آخري آرام گاهہ تي هڪ منفرد ڪتبو لکيل آهي تہ "فوتي جي آرام گاهہ ۾ رخنو وجهڻ واري کي خدا ڪڏهن بہ سک نصيب نہ ڪري"، اهڙي ئي ڪردار جي موڪلاڻي جي 100 سالن ڪانپوءِ جڏهن سماج جا ماپا ۽ معيار بدلجي ويا، وقت ۽ حالتون هڪ جهڙيون نہ رهيون، ماڻهن ادبي پهاڙن جا پاسا ڪوٽڻ شروع ڪيا، اچانڪ هڪ هيرو شيڪسپيئر جي نالي سان نڪري پيو ۽ وقت ثابت ڪري ڏيکاريو تہ محنت ڪڏهن بہ مرڻي ناهي هڪ صدي جي پراڻي تاريخ جي پنن ۾ پوريل زنده سوچ جو ملڻ معجزو ٿي پيو هو ۽ اهڙين شاهدين جا انبار لڳي ويا تہ شيڪسپيئر اهو وڏو ڏاهو داناءُ انسان هو جنهن صديون اڳ پنهنجي فن کي آئيندو ڪري پيش ڪيو، جيڪو ان ٽائيم سمجهڻ انتهائي ڏکيو هو ۽ نہ پسند ڪيو ويندڙ بيڪار فضول مواد هو، ذاتي زندگي ۾ ادبي چور ٻهراڙي جو ڄٽ سڏيو ويندڙ شيڪسپيئر جا ڊراما اڄ دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين آمريڪي، فرانسيسي، روسي، اردو ۽ سنڌي اديبن محققن ترجما ڪري شيڪسپيئر جي ان فن ۽ ادب کي وڏو مان مرتبو بخشي دنيا اڳيان معتارف ڪرايو. جڏهن تہ سنڌي ليکڪن جي ڊرامن تي وڏو اثر اوڻيهين صدي کان شيڪسپيئر جي ڊرامن جي ترجما نگاري سان شروع ٿيو، جنهن زماني ۾ سنڌي ڊرامن جو رواج پيو. تڏهن شيڪسپيئر جي ڊرامن جو وڏي پئماني تي ترجمو ٿيو ۽ شيڪسپيئر جي هڪ هڪ ڊرامي جو مختلف ليکڪن پنهنجي پنهنجي طور طريقي سان ترجمو ڪري خوب وڏاءُ ڪيو. شيڪسپيئر جي ڊرامن جا جن اديبن ترجما ڪيا انهن ۾ وڏا نالا هي آهن: مرزا قليچ بيگ، ڄيٺ مل پرسرام، ڀيرو مل مهر چنداڻي، نانڪ رام، مير چنداڻي، تيرٿ بسنت ديوان، ٺاڪر داس، ڀاڳ سنگهہ آڏواڻي، منگها رام ملڪاڻي، عثمان علي انصاري، لطف الله بيدوي، حبيب الله ۽ ٻين ڪيترن ئي قلمڪارن شيڪسپيئر جي ڊرامن سمبلائين، روميو جوليٽ، ڪنگليئر، هئملٽ، سميت ڪيترين ئي شاهڪار ڊرامن جا مختلف ترجما اسٽوريون ڊراما ۽ ناول لکيا. هن وقت تائين شيڪسپيئر جي زندگي تي ڪيترائي مضمون، ڪالم، اسٽوريون، ڊراما ۽ فلمون ملن ٿيون. شيڪسپيئر جا مداح اڄ دنيا جي هر خطي ۾ موجود آهن جيڪي انگريزي ادب جي وڏي نالي شيڪسپيئر جا عاشق آهن. وليم شيڪسپيئر جنهن لاءِ انگلينڊ جي هڪ عالم اديب ڊاڪٽر جانسن ايئن بہ چيو تہ جيڪڏهن هڪ پاسي برطانيہ جي سڄي سلطنت رکي وڃي ۽ ٻئي پاسي شيڪسپيئر کي رکيو وڃي ۽ پوءِ مون کان پڇيو وڃي تہ توهان ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي پنهنجو ڪيو تہ آئون شيڪسپيئر تي هٿ رکندس، اهو شيڪسپيئر جنهن کي زندگي ۾ اذيتن تڪليفن ڪانسواءِ هن کي داد نہ مليو جيڪو هن کي مرڻ ڪانپوءِ مليو. هن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ هن حياتي تہ 52 سال گذاريا، پر اڄ 500 سال گذرڻ ڪانپوءِ هن کي زندگي ملي آهي. هو لکين دلين ۾ اڄ بہ زنده آهي. ٿوري حياتي ۾ اوهان جو فن، فڪر ۽ ادب اوهان کي صدين تائين زنده رکي سگهي ٿو جنهن جو مثال شيڪسپيئر جي زندگي ڪافي آهي جيڪو اڄ بہ ڪيترين دلين ۾ ڌڙڪي رهيو آهي.



حوالا:

انڊا اونڊا ويچ-رسول بخش پليجو

مختيار ملاح: ڪاوش دنيا.

# ڌرتيءَ جا غدار

**ڊاڪٽر پيار علي جتوئي**

اسين ماڻهو ڏاڍا مطلبي، مفاد پرست، دوڪيباز پنهنجي انفرادي ننڍڙي فائدي لاءِ عظيم قومي ورثي کي نقصان پهچائڻ ۾ دير نہ ڪندا آهيون. اسان هر رشتي ۾ پنهنجي چاهيندڙ کي دوکو ڏنو آهي، هر شيءِ ۾ ملاوٽ تہ اڳي کان ڪندا آيا آهيون، پر هاڻي تہ پنهنجي سڳن رشتن ۾ بہ ملاوٽ جو پاڻي وجهي ڇڏيو آهي. اسان سان لاڳاپيل نہ ڪا شيءِ خالص آهي ۽ نہ ئي اسان جا رشتا سچا رهيا آهن. اسان جون ياريون، پائپيون سڀ مٺجي ميسارجي ويون، سيئي سڳا رشتا ويڳا ٿي پيا آهن. اسان انفرادي توڙي اجتماعي طور منتشر ٿي پيا آهيون. اسان پنهنجا مٽ مائٽ، رشتا ناتا ٽوڙي، ڪکاوان گهر، اوطاقون ويران ڪري، جڳهيون، ٻنيون ڪائي ڪپائي، پنهنجا پاڙا، ڳوٺ، وستيون، واهڻ توڙي ويڙها ويران ڪري، پنهنجون ڏيئرون ٽڪن تي ڪپائي، ننگن کي نيلام ڪري، پنهنجي ديش جي ڌرتي ۽ دنگن جي دلالي ڪرڻ لهي پيا آهيون.

ها اسين پنهنجي سنڌو جو پاڻي ٻڳڙن مٺ ڪپائي، پنهنجي ديش جي ذرخيز ٻنين ۽ وڻين جا مياري ٿي پيا آهيون. پنهنجي ڌرتي کي ريجيندڙ پاڻي وڪڻي پنهنجي گهر جو خزانو پُر ڪندا رهيا آهيون، پر پنهنجي ڌرتيءَ تان ڦٽندڙ سونن سنگن، گاهن، اڪن، ڪرڙن، ڪانڊيرن توڙي ٽر جي ٿوهرن سان اڪ ملائڻ جهڙا بہ ناهيون رهيا. اسان سنڌ جا وڻ ٽڻ وڍي پنهنجون نمون ٽاريون ڪپڙ، لئي توڙي ڪنڊي ۽ سنڌ جي گلن گلابن، رابيلن، چنبيلي، ڦولار توڙي ڇٻري گلن جي بہ پيينگ ڪري ڇڏي آهي. سنڌو درياهہ جيڪو شينهن درياهہ سڏبو هو ۽ جنهن جي گجگوڙ ميلن تائين ٻڌبي هئي تنهن جي پيٽ ۾ واري پئي وسي، اها واري سنڌوءَ ۾ نہ پئي اڏامي، پر اها اسان سيني سنڌين جي مٿي ۾ ڌوڙ ٻڻجي پئجي رهي آهي. اسان سنڌين جي ٻوٽ ۾ واريءَ جا ٻُڪ وجهي اسان جي بيوسي ۽ لاچاريءَ تي ماتم ڪري رهي آهي.

پنهنجون ڍنڍيون، ڪڏون ۽ ڪامان فيڪٽرين جي زهريلي پاڻيءَ سان پُر ڪري اسين ڪُرڙي، موراڪي ۽ پلي سان گڏوگڏ اسين نيرڳي، ڪنگن، هنج پکين توڙي سائبيريا جي انهن مڙني کهي آيل مهمان پکين جا بہ گنهگار ٿي پيا آهيون. سنڌ جي تہ اها پراڻي روايت رهي آهي تہ اسان سنڌي سامن تي سِر بہ ڏيندا آهيون، پر اسين ياڙيا ٿي پيا آهيون، اسين ريال وٺي پنهنجون سامون محمد بن قاسم جي نسل هٿان تن جي عزت نيلام ڪرائيندا رهيا آهيون.

اسين جن جهڳين ۾ پيدا ٿياسين، جن گهٽين ۾ راند ڪيڏياسين ۽ جن شاخن ۾ تڙڳياسين، تن گهرن، گهٽين، اوطاقن کي ٻي يارو مددگار ڇڏي آيا آهيون. اسين ٿورڙو پئسو، ڏوڪڙ، نوڪري ملڻ جي ڪري پنهنجي اصليت کي بلڪل وساري ويهي رهياسين. پنهنجي ننڍپڻ جي لنگوٽين يارن جن سان ڪڏهن ڪوڏي ڪوڏي ۽ ونجهہ وٽي ڪيڏيا هئاسين انهن پراڻن دوستن کي وساري ويٺا آهيون. اسان تہ ڏاڍي ترقي ڪري، پنهنجا ڪکاوان جهوپڙا وساري پنهنجو ترُ ڇڏي ولايت وڃي وسايوسين، پنهنجو ديس ڇڏي پرديس کي پنهنجو ديس ٻڻايوسين ۽ پنهنجي ديس لاءِ پرديسي ٿياسين، پنهنجو اسڪول پنهنجا استاد پنهنجو سڀ ڪجهہ اتي جو اتي ڇڏي آياسين، پنهنجون قومي ثقافتي رانديون پاڻ تہ وساري ويٺاسين، پر پنهنجن ٻچن کي بہ پنهنجون ثقافتي رانديون ڪيڏائڻ ۾ عيب سمجهيوسين. پنهنجي پوشاڪ پهراڻ پائڻ ۽ مٿي تي پوتي اوڍڻ ۾ پنهنجو پاڻ تي ٽوڪون ڪرڻ لڳاسين، جڏهن تہ ڌاريا ڪپڙا جينز شرٽ توڙي ابايا پائڻ ۾ پاڻ کي پڏائڻ لڳاسين. عام طور پنهنجا ثقافتي ويس وڳا پهرڻ تہ نهيو پر شادين مرادين ۾ بہ پنهنجا ديسي وڳا اجرڪ، ٽوپي، پٽڪو پائڻ بدران فل سوٽ پائي ماڻهن ۾ پنهنجي پڙهيل لکيل هجڻ جو تاثر ويهاريندا سين. پنهنجي مادري ٻولي لطيف جي ٻولي ٻولڻ وساري ڇڏي سين، شاهہ جا بيت پڙهڻ تہ پري رهيو عام سنڌي بہ صحيح نموني ڳالهائي نٿا سگهون، اسان جي ٻچن لاءِ سنڌي ڪردار وتايو فقير، ملان لٽر تہ اوپرا ٿي ويا، پر هاڻي شاهہ، سچل توڙي امر جليل کي پڙهڻ وارو بہ ڪو نٿو ملي. اسان جي ٻارن ۾ ملا دوپيازو، ملا نصير، بهلول توڙي هيريپوٽر جهڙا ڪردار مشهور ٿي ويا آهن. اسان پنهنجن ٻچن کي جو ڪير پيئي سو وير ٿئي، پئسو لٽم پٽ تان، منهنجي امڙ جهڙا منڙا پيار پريا بيت ياد ڪرائڻ جي بدران ڌارين ٻولين جا اوپرا ۽ غير روايتي بيت ياد ڪرائي پاڻ کي وڏو اڪابر سمجهندا آهيون. اسان پنهنجي ڳالهائڻ ۾ اڌ کان وڌيڪ ڌارين ٻولين جا لفظ استعمال ڪري پاڻ کي پڙهيل ڳڙهيل سمجهندا آهيون. جڏهن تہ پنهنجي سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ کي جاهل ۽ ڄٽ چوندا آهيون. اسان جا پنهنجا ٺهيل ساز، سُر، نڙ، مُرلي، چنگ، يڪتارا، چپڙي، بين ٻوڙينڊو، دنبورو توڙي بانسري جا منڙا مٽر آلاپ وساري اسين وديسي سازن تي جهومي رهيا آهيون جن جو آواز ائين هوندو آهي ڄڻ دٻي ۾ ٺڪريون. اسين پنهنجون ريتون رسمون، اٿڻي ويهڻي، رنگ ڍنگ، چال چلت، رشتا ناتا، ڪاڏا پيتا سڀ وساري ويٺا آهيون. هاڻي اسان جي رشتن ناتن، مٽين مائٽين، دوستين توڙي دشمنين ۾ اصليت ناهي رهي. اسين خالص نج جا ويري آهيون، اسان جي محبتن توڙي نفرتن، دوستين توڙي دشمنين، ٺهڪن توڙي سڏڪن، ڪاڄن توڙي ميتن، سالگراهن توڙي ورسين ۾ ملاوٽ ئي ملاوٽ هجي ٿي. اسان جون عيدون ٻُسيون ٿي پيون آهن، اسان جا شاد مانا دهل دماما ٻي مزي لڳن ٿا. اسين ڪانگ ٻڻجي مور جو هلڻ سکڻ جي چڪر ۾ اسان پنهنجو هلڻ بہ وساري ويٺا آهيون.

اسين پنهنجا وٿاڻ، وستيون، باغ باغيچا، گل گلزار، ٻنيون ٻارا، ڪيت ڪوهہ، اوطاقون اوتارا، مڪتب توڙي منهہ، چونرا ۽ پونگڙيون سڀ وساري ويٺا آهيون. اسان پنهنجي ديس کان اهڙو تہ منهن موڙيو آهي جو وري ڪڏهن پنهنجي ديش جي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي رهواسين جي ڀلي لاءِ ناهي سوچيو. ڪڏهن پنهنجي ڳوٺ جي باري ۾ ناهي سوچيو، نہ ئي ڪڏهن ان اسڪول جنهن ۾ ننڍپڻ ۾ پاڻ بہ پڙهيا هئاسين، جي سڌاري لاءِ ڪو عملي قدم کنيو آهي. اسان نہ ئي پنهنجي مدد پاڻ تحت نہ ئي تر ۾ ڪا هلڪي اسپتال کولرائي آهي ۽ نہ ئي پنهنجي ڳوٺ جي ڪنهن غريب هونهار ٻار جي تعليم جو خرچ پنهنجي سِر تي کنيو آهي. اسان نہ ئي پنهنجي علائقي جي نياڻين جي تعليم لاءِ ڪي ڪوششون ورتيون آهن ۽ نہ ئي پنهنجي پراڻي اسڪول ۾ ڪي علمي ويهڪون ڪري نوجوان نسل کي همٿايو آهي.

اسين ڪنهن انساني محبت ۾ تہ سچا عاشق نہ ٿي سگهياسين، پر اسين پنهنجي ملڪ، قوم ۽ وطن جي محبت ۾ بہ سرخرو ٿي ڪونہ سگهياسين. اسان پنهنجي عشق مٿان پروانا ٻڻجي پچڻ بدران پنهنجي ازلي عشق کي معمولي مفادن مٿان قربان ڪري ڇڏيوسين. ها اسين قوم ۽ ملڪ جا غدار، ديش دروهي، ڪوڙا ڪانئر ٻڻجي پنهنجي ئي ديس ۽ دنيا کي خوار ڪري رهيا آهيون.



ڀل يار اسان جو يار نہ ٿي،
پر ڌرتيءَ جو غدار نہ ٿي.

# 50 لک گهر ٺهرائي ڏيڻ وارو اعلان غريبن سان مذاق تہ ناهي؟

**شيخ سنڌي**

گهر هڪ نعمت آهي، اهڙي نعمت جو قدر ڪير ڄاڻي سگهي ٿو سواءِ ان جي جيڪي پنهنجي گهر کان محروم آهن. محرومي سِرن جي ٺهيل عمارت جي موجود نہ هجڻ جو نالو نہ آهي بلڪہ ”چار ديواري اندر عزت“ عزتن کي محفوظ رکڻ جو نالو آهي. تازو ورلڊ بينڪ جي رپورٽ مان ڄاڻ ملي آهي تہ پاڪستان جي 22 ڪروڙ آبادي مان هڪ ڪروڙ ماڻهو گهر جي نعمت کان محروم آهن، جن ۾ هر سال ست لک ٻي گهر ماڻهن جو اضافو ٿي رهيو آهي. پاڪستان ۾ هر سال ٽي لک پنجاهہ هزار رهائشي يونٽ تعمير ڪيا ويندا آهن، جيڪي ضرورتن لاءِ ناڪافي ٿيا آهن. جڏهن تہ مختلف طريقن سان ڪرپشن جي وڌڻ جي ڪري پاڪستان ۾ گهرن جون قيمتون عام ماڻهو جي پهچ کان مٿي ٿي چڪيون آهن. اهڙين حالتن کي مد نظر رکندي ڪمرشل بينڪن 75 ارب کان مٿي قرض ڏنو هو، جيڪي غريبن جو فائدو ٿيڻ بجاءِ اميرن جون جهوليون ڀرجي ويون جنهن متعلق پاڻ مضمون جي آخر ۾ ضرور پڙهنداسين تہ ڪيئن هائوسنگ اسڪيمن جي نالي تي اربين رپيا هڙپ ڪيا ويا، پر تازو عمران خان کي بہ غريبن، پگهاردارن لاءِ گهر ٺهرائي ڏيڻ جي ڳڻتي ٿي آهي. جنهن سلسلي ۾ هن مثال ڏيندي چيو هو تہ آمريڪا ۾ 88 سيڪڙو ماڻهو قرض کڻي گهر ٺاهيندا آهن. ڀارت ۾ يارنهن ۽ پاڪستان ۾ 0 ڏهائي 25 سيڪڙو ماڻهو قرض کڻي گهر ٺاهيندا آهن، جن کي پي. ٽي. آءِ حڪومت گهر ڏئي سگهيو ڪرڻ چاهي ٿي جنهن سلسلي ۾ قومي اسيمبلي ۾ سوالن واري وقفي دوران هائوسنگ وزارت پاران ٻڌايو ويو تہ غريبن نوڪري پيشا سرڪاري ملازمن جن وٽ گهر نہ آهي انهن کي رهائش لاءِ پنجاهہ لک گهر ٺاهڻ لاءِ بل جلد ڪابينا ۾ پيش ڪيو ويندو. جڏهن تہ قرض جي حوالي سان وزيراعظم ٻڌايو تہ هائوسنگ اسڪيم تحت هر هڪ گهر جي قيمت ٽيهہ لک رپيا هوندي. جنهن لاءِ ستاويهہ لک رپين جو قرض بينڪ ڏيندي جنهن سلسلي ۾ اها خبر منظر عام تي آئي تہ ان سلسلي ۾ وزيراعظم عمران خان، اسٽيٽ بينڪ جي گورنر سان ڳالهائيندو. وزيراعظم عمران خان غريب ماڻهن کي رهائشي سهولتون ڏيارڻ لاءِ پنجاهہ لک گهر ٺهرائڻ جو اعلان ڪيو آهي، ان سلسلي ۾ ڳالهين ڪانسواءِ جيتوڻيڪ اجان تائين تہ اڳيرائي نہ ٿي آهي نہ ڪا پيش قدمي سامهون آئي آهي، پر قومي اسيمبليءَ ۾ هائوسنگ واري وزارت پاران جيڪا ڄاڻ ڏني وئي آهي تنهن مان لڳي ٿو تہ حڪومت اهي گهر ٺاهڻ لاءِ سنجيده آهي. اهي گهر ڪڏهن ٺهڻ شروع ٿيندا؟ ۽ جيڪي ماڻهو اهي گهر بُڪ ڪرائيندا، تن کي انهن جو قبضو ڪڏهن ملندو، تنهن لاءِ في الحال ڪا تاريخ يا عرصو مقرر ڪري نٿو سگهجي. جيئن تہ هن وقت ملڪ معاشي بدحالي واري صورتحال ۾ ڦاٿل آهي. ملڪ تي اربين رپيا قرض چڙهيل آهي ۽ وفاقي سرڪار ملڪ جو گاڏو هلائڻ لاءِ آءِ ايم ايف کان قرض وٺڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي. اهو قرض موجوده حڪومت کهڙن ميگا پراجيڪٽن تي خرچ ڪندي تنهن بابت صورتحال واضح نہ آهي. اهڙي ريت پنجاهہ لک گهر آءِ. ايم. ايف کان ورتل قرض مان ٺاهيا ويندا يا انهن گهرن لاءِ وري ڪنهن ٻئي وياج خور عالمي اداري کان قرض ورتو ويندو اهو بہ هڪ وڏو سوال آهي. اهڙي ريت هائوسنگ واري وزارت پاران اهو چوڻ تہ ٽيهہ لک رپين مان ستاويهہ لک رپين جو قرض بينڪ ڏيندي ان تي ڪوبہ نفعو نہ ورتو ويندو تہ پوءِ انهن گهرن جي اڏاوت تي ايندڙ خرچ ۽ بينڪ کان ورتل قرض بينڪن کي ڪيترن سالن ۾ واپس ٿيندو. تنهن لاءِ ڪيتريون ئي ڳالهيون بحث طلب آهن. فرض ڪريو جيڪڏهن اڄ کان انهن گهرن جي اڏاوت وارو ڪم شروع ڪيو وڃي تڏهن بہ اهي گهر موجوده پي. ٽي. آءِ حڪومت جي اقتدار واري مدي ۾ ٺهي راس ٿيڻ ممڪن نہ هوندا. ڇاڪاڻ تہ موجوده حڪومت جي پنجن سالن مان ڏهہ مهينا گذري چڪا آهن يعني هاڻ باقي چار سال ۽ ٽي مهينا وڃي بچيا آهن. ايندڙ چونڊن ۾ جيڪڏهن پي. ٽي. آءِ ٻيهر اقتدار ۾ اچي ٿي تہ پوءِ هائوسنگ اسڪيم وارو ڪم مڪمل ٿيڻ جي اميد رکي سگهجي ٿي، پر جيڪڏهن عام چونڊن جي نتيجي ۾ ڪا ٻي پارٽي يا ڪو اتحاد حڪومت ۾ آيو تہ ڇا اها پارٽي ان هائوسنگ اسڪيم کي جاري رکندي؟ يا پي. ٽي. آءِ حڪومت ۾ ڪيل هائوسنگ اسڪيم جو حشر اڳئين حڪومت جي دور ۾ غريب عوام لاءِ ڪيل واعدن جهڙو تہ نہ ٿيندو؟ جن ۾ سال 1959ع ۾ ايوب خان ڪراچي ۾ جڳهين ۾ رهندڙ لاءِ ڪورنگي ٽائون شپ هائوسنگ اسڪيم ٺاهي جنهن لاءِ پنج سئو ايڪڙ ايراضي تي ڇائنا ڪٽنگ ڪري پنج هزار کان مٿي پلاٽ غريبن جي نالي تي الاٽمينٽ ڏيکاري شهرين کان پنج هزار چار سئو پنجاسي پلاٽن جا اداڻي ارب جيڪي ورتا ويا ان جي انڪوائري اڃان تائين هلندڙ آهي. ان کانپوءِ ڪورنگي ۽ ٻين جاين تي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (KDA) ڇهن نئين اسڪيمن جي منظوري ڏني جنهن ۾ اٺيهہ هزار ٽي سئو ٽيهہ گز زمين جي نالي ماڻهن کي سور ڏنا ويا.

1972ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو ”گهر افراد“ لاءِ پنجن ايڪڙن تي رهائشي اسڪيم متعارف ڪرائي.

1987-85ع تي محمد خان جوڻيجو ”اپني بستي“ ٺاهڻ جو ارادو ڪيو جنهن ۾ ڏيڍ لک يونٽ تعمير ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو هو جيڪو منصوبو ضياءُ ۽ محمد خان جي وچ ۾ سياسي اختلافن سبب مڪمل ٿي نہ سگهيو.

1996ع ۾ بينظير ڀٽو غريب ماڻهن کي خواب ڏيکاريو ان کان علاوه شهيد بينظير ڀٽو هائوسنگ اسڪيم ۾ غريب ماڻهن سان فراڊ

كندڙ مجرم چيئرمين منظر عباس ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر سميت پنج ڄڻن کي چوويهه ڪروڙ رپين جي خرد برد ڪرڻ جي ڏوهه ۾ احتساب عدالت (فور) جي جج فريد انور قاضي پنج سال قيد جي سزا ۽ ڏنڊ وڌو.

1997ع ۾ نواز شريف "ميرا گهر" جو اعلان ڪري هزارين ايڪڙ زمين حاصل ڪئي. وري 2010ع ۾ شهباز شريف "آشيانه" هائوسنگ اسڪيم جو بنياد وڌو. 2014ع ۾ وري نواز شريف پنج لک رهائشي يونٽن لاءِ "اپنا گهر" جا ٻيهر خواب ڏيکاري زمينون ڦٻايون. ٻنهي پائرن پنجاب اسيمبلي مان قانون سازي ڪرائي پنجاب لينڊ ڊولپمينٽ ڪميٽي جو قيام عمل ۾ آندو ۽ پرائيويٽ پبلڪ پارٽنرشپ تحت ساهيوال، فيصل آباد ۽ لاهور ۾ رهائشي اسڪيمون شروع ڪيون هيون پر ان وقت جي مختلف ٽي. وي چئنلن ۾ مختلف ماڻهن جيڪي دانهون ڪيون ته سندن جا ڪڻن ذريعي نالا نڪتا هئا هنن اڍائي سالن تائين قسطون به جمع ڪرايون، پر جڏهن آفيس مان معلومات ورتي وئي ته لسٽ ۾ نالو ئي نٿي مليو. غريب عوام سان اهڙي قسم جي کيل مذاق جو نتيجو ئي هو جو ٻئي ميان صاحب

گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڪروڙ درخواستون حڪومت کي حاصل ٿينديون. چاڪاڻ ته اسان ماضي ۾ مختلف هائوسنگ اسڪيمن لاءِ ادارن کي ملندڙ درخواستن جي روشني ۾ اها ڳالهه ڪري رهيا آهيون. فرض ڪجي ته حڪومت کي پنجاهه لک کان وڌيڪ درخواستون ملن ٿيون ته پوءِ ڇا اهي گهر ڪڻن ذريعي ڏنا ويندا؟ اسان سمجهون ٿا ته حڪومت پاران جيڪي اسڪيمون اعلانيل هونديون آهن تن لاءِ عوام جي موٽ ته ڀرپور هوندي آهي، پر جيئن ته ڪنهن به اسڪيم شروع ڪرڻ وقت ان جي مختلف رخن، فائدن ۽ نقصانن بابت ڪابه تفصيلي ڪوجنا نه ڪئي ويندي آهي، جنهنڪري حڪومت پاران اعلانيل رٿائون گهڻو ڪري ناڪام ٿي وينديون آهن. مثال طور وزير اطلاعات ۽ ثقافت فياض الحسن چوهاڻ چيو ته پاڪستان ۾ آيل حڪمرانن جي اعلانيل گهر اسڪيمن ۾ اربين رپين جا اسڪينڊل ٿيندا رهيا آهن. جن ۾ هتي فقط ڪوآپريٽو سوسائٽيز اسڪينڊل جو مثال ڏيندي ٻڌايو ته ان ۾ سترنهن ارب يعني هڪ سئو ستر ملين ڊالر جو فراڊ ٿيو. راولپنڊي ۾ ايڪيتاليهه نجي هائوسنگ اسڪيمن ۾ چاليهه ارب رپيا ۽ بحريا ٽائون سميت ٻين هائوسنگ اسڪيمن ۾ ٻه ارب چوڏهن ڪروڙ جو نقصان ٿيو آهي.



ڪنهن وقت ديوارن جي اندر آهن ته ڪنهن وقت ٻاهر آهن ۽ ان کان علاوه انهن اسڪيمن جي حوالي سان نيب جي جاچ پڙ جاري آهي. متي جيئن ته آئون مختلف وقتن تي اعلانيل هائوسنگ اسڪيمن جو ذڪر ڪري آيو آهيان انهن مان جيڪي به اسڪيمون مڪمل نه ٿي سگهيون ته انهن مان ڪيترين ئي زمينن تي غريب، مسڪين، بي گهر يا پئسا ڀريندڙ ماڻهن جي آباد ٿيڻ بجاءِ پهچ ۽ سرندي وارن جا قبضا ٿي ويا جهڙوڪ محمد خان جوٽيجي جوٽيجا ڪالونيون جوڙايون انهن تي وسوارن جا قبضا ٿي ويا. بينظير ڀٽو پاران سستي بستي اسڪيم به اڌ ۾ رهجي وئي ته ان جي زمينن تي حڪومت ۾ ويٺل جي آشير واد تي بااثر ماڻهن جا قبضا ٿي ويا. اڄ وري پ پ جي سنڌ حڪومت گهر ڏاهڻ جو اعلان ڪيو آهي ته حڪومت ڪڻن ذريعي خوشنصيبن کي نهرائي ڏيندي ۽ خيرپور ۾ ٻه هزار پلاٽ ڏنا ويندا، پر سوچڻ جي ڳالهه آهي ته هن وقت سوڏو پ پ حڪومت ۾ ڪوٽڙي جي بهار ڪالوني يا پيٽارو ويجهو غريبن لاءِ ٺهيل گهر ۾ اڄ به مالڪ نه پر قبضا خور آباد آهن. تازو ڪوٽڙي ليبر اسڪوائر ۾ مزدورن جي لاءِ ٺاهيل رهائشي فليٽ اڄ به سالن کان ويران پيا آهن، پر نامدار ڪنهن به مزدور کي فليٽ ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. اڄ وزيراعظم عمران خان پاران پنجاهه لک گهرن بابت اجان ڪو تفصيلي پروگرام جاري نه ٿي سگهيو آهي ته اهي گهر عام ماڻهن کي ڪيئن ملندا ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو هوندو. اسان جي خيال ۾ جيئن ته انهن گهرن لاءِ ستاويهه لک رپيا بينڪ پاران قرض ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي ۽ گهر حاصل ڪرڻ جي خواهشمندن کي رڳو ٻه لک رپيا ادا ڪرڻا پوندا تنهن کي ڏسي لڳي ٿو ته اهي گهر حاصل ڪرڻ لاءِ پنجاهه لک درخواستون نه پر

ٻيو مثال ته نواز شريف (اڳوڻي وزيراعظم) پاران ڦڪي ٽيڪسي اسڪيم شروع ڪئي وئي هئي اها اسڪيم عوام کي سفري سهولتون ڏيڻ جي حوالي سان شروع ڪئي وئي هئي ان اسڪيم تحت ننڍيون وڏيون گاڏين آسان قسطن تي عوام کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. عوام پاران اهي گاڏيون حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ هڪ ماڻهو 3، 3 يا ان کان وڌيڪ گاڏيون بڪ ڪرايون خاص طور تي افغانستان مان آيل افغاني ماڻهن ڪوڙن سڃاڻپ ڪارڊن تي معمولي رقم يعني 25 هزار رپيا جمع ڪرائي گاڏيون حاصل ڪيون، انهن گاڏين کي هنن افغانستان ۾ ڪٽي وڃي وڪرو يا مختلف ماڻهن کي قسطن تي ڏنيون ائين ڪٽي چئجي ته افغانستان جو سڄو ملڪ نواز شريف واري ڦڪي ٽيڪسي اسڪيم تحت هلندڙ ڪارن سان ڀرجي ويو. اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف کي جڏهن اقتدار تان هٽايو ويو هو تڏهن اڳوڻو صدر، نواز شريف تي ڪرپشن وارو الزام هڻندي اهو چيو ويو هو ته هن نوجوانن کي ٽيڪسي ڊرائيور ٺاهي وڏو ڏوهه ڪيو آهي. بهرحال وزيراعظم عمران خان پاران اعلانيل پنجاهه لک گهر واري ان اسڪيم بابت جيڪڏهن تفصيل سان غور ويچار ڪري اها شروع نه ڪئي ويئي ته ان اسڪيم مان عوام کي فائدو ملڻ ته پري جي ڳالهه آهي، پر قومي ناڻي جي ڪربين رپيا پاڻي ٿيڻ جا امڪان ٿي سگهن ٿا. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پنجاهه لک گهر ٺاهڻ واري رٿا کي شفاف بنائڻ لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر تفصيلي ويچار ڪيو وڃي ته جيئن اها اسڪيم عوام لاءِ لاڀ ڏيندڙ ثابت ٿي سگهي. نه ته ان چوڻ ۾ واڌارو نه ٿيندو ته: ڪودا پهاڙ، نڪلا چوها.



## ناول _ قسط پنجتيهين

# رنگ ڳِرهڻ

ضراب حيدر

سمرينا جڏهن منهنجي هٿ مان رِبن ڦري تڪڙي تڪڙي هلي وئي هئي ته مان ڪيتري دير اُتي ئي پارڪ ۾ ويٺو رهيو هئس. رات جا پاڇا ڪافي لڙي چُڪا هئا، تنهنڪري سمرينا جو وڌيڪ انتظار ڪرڻ مناسب نه لڳم، مان جڏهن پارڪ ۾ رکيل بينچ تان اُٿيو هئس ته منهنجي نظر اوچتو گُڏيءَ تي پئي هئي جيڪا شايد سمرينا تڪڙ ۾ ڪيرائي وئي هئي. مون گُڏي کي کنيو هو ۽ آهستي آهستي هلندو اچي پنهنجي ڪمري تي ڪريو هئس ۽ مون کي ننڊ ڪٿي وئي هئي.

صبح جو سجاڳي گهنٽي وڄڻ تي ٿي، اکيون مهٽيندي اچي دروازو کوليم ته سامهون سمرينا بيٺل هئي. سندس اکيون سُڄيل هيون. ايئن پئي لڳو ته هُن ننڊ ڪونهي ڪئي ۽ تمام گهڻو رُني آهي. مان دروازي کان پاسيرو ٿيس ته هوءَ اچي لائونج ۾ ويهي رهي. مان واش روم ۾ هليو ويس هَٿ مُنهن ڌوئي سندس سامهون اچي ويٺس، سگريٽ دکايم سائُس مخاطب ٿيس.

”ڇا مسئلو آهي سمرينا، تون اڳ ته ڪڏهن ايئن نه اوچتو آئي آهين نه ئي وري ڪڏهن ايڏو سوير آئي آهين...“

”ها بلڪل، مون ته رات ئي توڏانهن اچڻ پئي چاهيو، پر ايئن ٿي نه سگهيو، گرجا انتظاميه مون کي اويلي ٽائيم نڪرڻ ڪونه ڏنو.“

”پر اهڙي ڪهڙي ڳالهه هئي، جنهنڪري تو رات ئي مون ڏانهن اچڻ پئي چاهيو، رات ته پاڻ گڏ هئاسين.“

”ها ملهار پاڻ رات گڏ ئي هئاسين، پر مان اُن لمحي ته جذبات ۾ روئيندي پارڪ مان هلي وئي هئس، پر ڪمري تي پهچڻ کانپوءِ مون کي احساس ٿيو ته مون کي ايئن ڪرڻ نه گُهربو هو. مون ڏُک ۽ ڪاوڙ ۾ جڏهن ٻيلو بيڊ تي اُڇلايو هو ته اُهو کُلي ويو هو. جنهن ۾ رکيل سموريون شيون ٽِڙي پکڙي ويون هُيون. مون جڏهن اُهي شيون ميڙڻ شروع ڪيون هُيون ته مون کي لڳو هو ته ٻيلي جي شين کان علاوه ڪا شيءِ کُٽل آهي، ٻيلي جي شين کان علاوه گُڏي نه هئي، مون ڪافي دير بيڊ جي هيٺان کُنڊن پاسن ۾ گُڏيءَ کي ڳوليو هو، الماريءَ ۾ ڏٺو هئم، پر ڪٿي به مون کي منهنجي گُڏي نظر نه آئي هئي. اُن وقت منهنجي ڪيفيت اهڙي هئي جو مون کي ڪجهه سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو. مان ڪافي دير ڪمري ۾ ويٺي روئيندي رهيس. پوءِ ياد آيم ته گُڏي ته مان توکي ڏيکارڻ لاءِ پارڪ ۾ کڻي آئي هئس سو تڪڙي تڪڙي پارڪ ۾ آئي هئس. پارڪ ۾ نه تون هئين نه وري گُڏي هئي. مون پارڪ ۾ به ڏاڍو جاچيو هو، پر ڪٿي به گُڏي نه هئي. تون کڻي آيو آهين نه گُڏي ملهار؟“ مون مذاق ۽ تڙپائڻ جي خيال کان سمرينا کي چيو هو،

”نه سمرينا نه، مان ڇا لاءِ گُڏي کڻي ايندس تنهنجي.“ سندس اکين مان ٻي ٻها لُڙڪ وهي نڪتا هوءَ ٻارن جيان روئڻ لڳي.

”اڙي ڇري روئين ڇا لاءِ ٿي، گُڏي ئي ته هئي. ڪيڏانهن گُم به ٿي وئي ته خير آهي.“

”گُم ٿي وئي ڇا مطلب، معنىٰ تو گُڏي نه کنئي آهي؟“

”چيم نه ته مون گُڏي نه کنئي آهي.“ منهنجي جواب تي هوءَ رانياٽ ڪري روئڻ لڳي. مان وڏي سندس ويجهو ٿيس سندس لُڙڪ اگهندي کيس پرچائيندي کِلندي چيم:

”اڙي ڇري ڇوڪري ته ڏسو ڪيئن پئي ٻارن وانگي روئي. گُڏي گُم ٿي آهي ته ڄڻ ڪو قضيو ٿي پيو آهي.“ هُن اوڇنگارون ڏيندي چيو:

”ها قضيو ئي ته ٿيو آهي، توکي ڪهڙي خبر ته منهنجي گُڏي منهنجي ننڍپڻ جي سهيلي آهي.“

”بس هاڻي بس به ڪر ڇري ڇوڪري، گُڏي مون وٽ آهي. تون جڏهن روئيندي تڪڙي تڪڙي پارڪ مان هلي وئي هُئين ته گُڏي پارڪ ۾ ڪِري پئي هئي. جيڪا وڃائجي وڃڻ جي انديشي کان کنيو آيو هئس.“ اُن لمحي سندس چهري تي هڪڙي عجيب خوشي پکڙجي وئي، لُڙڪن ۽ مُرڪڻ سان سندس چهرو سنگتڙي جيان ٻڻجي پيو. هُن روئيندي کِلندي مون کي ڌڪ هڻندي چيو:

”وڃ مان توسان نٿي ڳالهايان، ملهار! تون ڪِنو آهين.“ هوءَ ڌڪ هڻندي منهنجي سيني ۾ چنبڙي پئي ۽ روئڻ لڳي. کيس ڀاڪر ۾ ڀري ورتم ۽ آٿت ڏيندي سندس پُٺي تي هٿ ڦيرڻ لڳس.

”تون ڏاڍي سُٺي ۽ معصوم آهين سمرينا! سچ چوان سمرينا تون مون کي ڏاڍو وڻندي آهين.“ هُن منهنجي سيني تان مُنهن مٿي کنيو، ڳوڙهن هاري چهري تي هلڪي مُرڪ هئس. مون سندس مُنهن ۾ ڏٺو ۽ چيم:

”مون کي توسان پيار آهي سمرينا.“ هوءَ مُرڪندي شرمائجي وئي ۽ مُنهن کڻي هيٺ ڪيائين. مون کاڏيءَ کان وٺندي سندس مُنهن مٿي کنيو، پيشانيءَ تي چُمي ڏيندي چيم:

”سمرينا! تون زندگيءَ جو احساس لڳندي آهي، ايئن اُداس نه ٿيندي ڪر، نه ئي وري روئيندي ڪر.“

”تون ڇا ٿو سمجهين ملهار! مان اِهو سڀ ڪجهه ڄاڻي واڻي ڪندي آهيان؟ نه بلڪل نه... مون ننڍپڻ کان زندگيءَ ۾ انيڪ اڪيلائيون ڪاٽيون آهن، توکي ڪهڙي خبر ته ننڍڙي ٻار لاءِ پيار ۽ ڀرپاءُ ڪيڏو ضروري هوندو آهي. منهنجو ننڍپڻ ته لِڪندي ۽ ڊڄندي گذريو آهي. ايئن امان جي مري وڃڻ کانپوءِ مون جيڪي ڏينهن گرجا ۾ گُذاريا سي به ڏاڍا ڀيانڪ آهن. اِها گُڏي ئي ته آهي جنهن کي مون پنهنجا ڏک سُک ٻُڌايا آهن.“ هُن ٿورو هاسيڪار مصنوعي مُرڪندي چيو:

”شُڪر آهي جو مون پنهنجا سمورا ڏک ۽ اذيتون گُڏي سان ئي سَليون ڀرم به رهجي ويا ته راز به رهجي ويا.“

”ڪهڙا ڀرم ڪهڙا راز سمرينا مون کي به ٻُڌائي نه...“

”ڇڏ تون ٻُڌي ڇا ڪندين؟ اجايو تون به مون کان ڪنارا ڪش ٿي ويندين.“

”مان توکان ڪنارا ڪش ٿيندس، نه نه ايئن ٿي ئي نٿو سگهي.“ هُن صوفي تان اُٿندي چيو:

”چڱو ٻُڌ تون منهنجي گُڏي کڻي اچ، مان ٿيستائين چانهه ٿي ٺاهي اچان.“ ٿوري دير ۾ هوءَ چانهه ٺاهي کڻي آئي چانهه وارو ٽري اچي ٽيبل تي رکيائين. مون ڏانهن ڏسندي چيائين:

”گُڏي ڪٿي آهي؟“

”گُڏي مون وٽ آهي، ٻيو ڪٿي هوندي!“

”پوءِ تون ڏين ڇو نٿو مون کي.“

”گُڏي هاڻي بس مون وٽ ئي رهندي.“

”ڇو تو وٽ ئي رهندي؟“

”ان لاءِ جو مان گُڏي کان تنهنجون سموريون ڳالهيون پُڇندس جيڪي تون نٿي ٻُڌائين.“



”چڱو هاڻي ڇڏ مذاق چانهه ڪٽي پي ۽ پوءِ شرافت ۾ منهنجي گڏي ڪٽي اچ.“ مون چانهه جو ڪوپ کنيو آهستي سُرڪيون ڀريندي چانهه پيتم، چانهه پي پوري ڪندي اُٿي سمرينا جي ڀرسان وڃي ويٺس. سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي چيم:
”سمرينا اڄ ته ڏاڍو پيئي وڻين، هڪڙي چُمي ته ڏي...“
”هل، بدتميز قسم جا ماڻهو.“ هُن چنچلتا وچان ٿورو مُرڪيو. مون سندس هٿ مان ڇڪي کيس ويجهو ڪيو ۽ ڀاڪر ۾ ڀريندي پنهنجا چپ سندس چپن تي رکي ڇڏيم. ڪن پل لاءِ ته هوءَ صفا ٿڌي ٿي وئي، پر پوءِ ڀڙڪو ڀري مون کان ڌڪجي ڌار ٿي وئي.
”سمرينا! تون ايئن ڇو ڪندي آهين... مان جڏهن به توسان پيار ڪندو آهيان ته تون مون کي پاڻ کان ڌِڪي ڌار ڪندي آهين، ٻُڌائي نه ڇو؟“
”اِن لاءِ جو ملهار مان هارائڻ نٿي گهران....!“
”ڇا مطلب... اِن ۾ هارائڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي.“
”بس ڇڏ تون اِن ڳالهه کي تون اِها ڳالهه سمجهي نه سگهندين...“
”تون ئي ڀلا سمجهائي نه مون کي... ته آخر ڪهڙي هار؟ ڪهڙي ڳالهه آهي!“
”سمجهه ۾ نٿو اچي ته تون هر ڳالهه لاءِ اِهو ٿي چوين ته ڇڏ ان ڳالهه کي... ان ڳالهه کي ڇڏيان ته ڪهڙي ڳالهه کي وٺان.“
”ها، تون ان ڳالهه کي وٺ ته منهنجي گڏي ڪٽي اچ في الحال پوءِ ڏسون ٿا ٻين ڳالهين کي.“
”اِها ڳالهه آهي ته پوءِ منهنجو به ضد آهي. گڏي ته هاڻي توکي ڪڏهن به نه ملندي.“
هوءَ صوفي تان اُٿي، چانهه جا خالي ڪوپ کنيائين ۽ بورچي خاني ۾ رکڻ لاءِ هلي وئي. ڪوپ رکي واپس آئي ته ٻئي صوفي تي ويهي رهي. مان سگريٽ دکائيندي کيس ڏسڻ لڳس.
”ڇا پيو ڏسين؟ ايئن مظلومن جيان.“
”ڏسان پيو ته سمرينا تون ڪيڏي ظالم آهين.“ هُن کان هڪڙو ٽهڪ نڪري ويو.
”تنهنجون اِهي ڳالهيون ته ماري ڇڏينديون آهن ملهار! تون مون کي ڏاڍو پيارو لڳندو آهين.“ مون نخري واري انداز ۾ سگريٽ دُکايو ۽ هڪ وڏو ڪش هڻندي چيم:
”ماري ته تنهنجون ڳالهيون ۽ ادائون به ڇڏينديون آهن مون کي. ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي آهي ته پيار ۾ توکي هارائي ڇڏيان، پر بس پنهنجي شڪست سُٺي لڳندي اٿم تنهنجي هار جي ڀيٽ ۾.“
”ملهار! تون مون کي ڏاڍو وڻندو آهين، جيتوڻيڪ مون کي مرد کان شديد نفرت آهي، پر الائي ڇو مان توکي پنهنجي اُن شدت واري دائري ۾ آڻي نه سگهي آهيان... تون ته منهنجي انتهائن ۾ سمايل آهين... پر الائي ڇو مان اُنهن انتهائن سان توکي موٽ به ڏئي نه سگهي آهيان...“ مان حيرت وچان ڪيس ڏسڻ لڳس.
”شايد ان ڪري به سمرينا تون منهنجي انتهائن جي موٽ ڏيئي نه سگهندي هُجين ته توکي پنهنجي هار ۽ شڪست سُجهندي هُجي، پر سمرينا پيار وِڪٽري سوپ جي علامت آهي ايئن سمجهه ته پيار محبت، سوپ جو لوگو آهي. مون کي خبر آهي ته تون مون کي نه ٻُڌائيندينءَ ته مون کان هارائڻ ڇو نه چاهيندي آهين. پوءِ به وري توکان پُڇڻ چاهيان ٿو ته تون مون کان هارائڻ ڇو نٿي چاهين ۽ پيار ۾ وري هارائڻ ڇا جو هوندو آهي.“
”رات جڏهن مان تڪڙي تڪڙي جذبات ۾ پارڪ مان هلي وئي هئس، پر پنهنجي ڪمري تي وڃي مون کي احساس ٿيو هو ته مون غلط ڪيو آهي. اُن وقت به اُهو ڊبلو منهنجي هٿ ۾ هو، مون ڪاوڙ ۾ اُهو ڊبلو پنهنجي بيڊ تي اُڇليو هو جيڪو کُلي ويو هو، اُن لمحي مون کي گڏي جي نه هجڻ جو احساس ٿيو هو اُهو احساس رُڳو گڏي تائين محدود نه هو مون کي لڳو هو ڄڻ مان به ڪٿي وڃائجي وئي آهيان. ڊبلي مان ڪريل شيون ميڙيندي ربن به منهنجي هٿ ۾ آئي هئي، ربن کي ڏسندي الائي ڇو تنهنجو چهرو منهنجي سامهون اچي ويو هو. مان جنهن لمحي گڏيءَ جي ڳولها ۾ پارڪ تائين آئي هئس ته اُن لمحي به ربن منهنجي هٿ ۾ هئي. تنهنجي نه هُجڻ تي مون کي مايوسيءَ سان گڏ ڏاڍي اڪيلائي محسوس ٿي هئي. مون ڪوشش ڪئي هئي ته تو وٽ اُن لمحي ئي هلي اچان، مون گيٽ واري گارڊ کي ٻاهر وڃڻ جي درخواست ڪئي هئي، پر هُن اهو چئي مون کي واپس ڪيو هو ته ايئن ڪرڻ سان مون لاءِ ته مسئلو ٿيندو ئي، پر فادر ڪيس به نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندو. مان اڃا به وڌيڪ مايوس ٿي وئي هئس. الائي ڇو مون کي اِهو احساس ٿي رهيو هو ڪاش! تون هُجين ها، توسان ڪوڙ ڳالهيون ڪريان ها. مان واپس پارڪ ۾ آئي هئس، ڪا مهل پارڪ ۾ ويٺي رهي هئس. مون کي، اُن لمحي ساريڪا به ڏاڍو ياد آئي هئي، مون خيالن خيالن ۾ ساريڪا سان ڏاڍيون ڳالهيون ڪيون هيون.“ مون وچ ۾ انٽرپ ڪندي چيو:
”ساريڪا سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون هيئي، ٻُڌائي پليز...“
”هل، ڇو ٻُڌايانءِ...“
”پليز ٻُڌائي نه سمرينا...!“
”نه ڪڏهن به نه....“
”چڱو ڀلا ٻُڌائي ته تون ڇو مون کان هارائڻ نه چاهيندي آهين.“
”ملهار! مون ننڍپڻ ۾ جيڪو پنهنجي ماءُ سان ٻن مردن جو لقاءُ ڏٺو، الائي ڇو مون کي عورت ۽ مرد واري قصي کان نفرت ٿي وئي هئي. ويتر مون سان گرجا ۾ جيڪو ڪجهه راهبا ڪيو اُن ته منهنجو روح ئي داغدار ڪري ڇڏيو. مون سان جيڪي ڪجهه ننڍپڻ کان ٿيندو پئي آيو اُن سموري حالت ۾ مون بس پيار ئي پئي ڳوليو. سوچيندي هئس پيار ڪٿي آهي، هڪ دفعو صرف بابا جي ڀرانڊِيءَ ۾ مون پيار محسوس

ڪيو هو سو بہ ڇڻ خواب ٿي ويو. باقي تہ جيڪو ڪجهہ ڏسندي هُئس سا تہ رڳي حوس هئي، جيڪا پيار جي روپ ۾ نيلام ۽ بدنام ٿي رهي هئي، پر پوءِ جڏهن تون مون سان ملين تہ مون وٽ پيار جو احساس موٽي آيو، پر...."

"پر ڇا سمرينا؟" هوءَ ڇڻ ڳالهہ مٽائي وئي،

"خبر اٿئي ملهار! رات جيڪر تون مون سان ملين ها تہ مان ربن پنهنجي ڪارائي تي ٻڌان ها."

"هِن وقت ربن ٻڌڻ ۾ ڇاهي؟ تون هاڻي بہ اُها رِبن ٻَڌي سگهين ٿي...!"

مون ڏٺو تہ سندس چهري جا سمورا رنگ بدلجي ويا، سندس چهرو جيڪو بهار بهار پئي لڳو، سو پل ۾ خزان بڻجي ويو.

"پليز سمرينا، ڪڏ نہ اُها رُبن، ٻڌي ڏيڪار نہ مون کي...!" هُن جو جسم ڄڻ پٿر ٿي ويو، هوءَ ڄڻ خيال ۾ هلي وئي. ڪافي دير هوءَ خاموش رهي، اوچتو سندس اکيون وري ڀرجي آيون.

"ملهار! توکي خبر آهي تہ رات ڪهڙي رات هئي..."

"نہ مون کي خبر ناهي... تہ رات ڪهڙي رات هئي!"

"ها توکي ڪيئن خبر پوي ها تہ رات ڪهڙي رات هئي، تون تہ جلدئي پارڪ مان اُٿي، شهر جي عمارتن ۾ گُم ٿي ويو هئين..." هُن جي چپن تي هڪڙي عجيب مُرڪ تري آئي.

"ملهار! مان جڏهن ربن ڪٽي پارڪ ۾ آئي هئس ۽ سوچيو هئم تہ اُها رَبن توکي پنهنجي ڪارائي تي ٻَڌي ڏيکاريندس، پر.... توکي پارڪ ۾ نہ ڏسي مان سموري وِسامي وئي هئس. جيتوڻيڪ منهنجي آسپاس هلڪيون روشنيون هيون، پر پوءِ بہ ايئن پئي لڳم بس هر پاسي اونداهيون آهن ۽ پوءِ اوچتو اُوپر ڪان چنڊ پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪيو هو... ها! ملهار! رات چوڏهينءَ جي چانڊوڪي رات هئي، مون چنڊ ڏانهن نِهاريو هو، مون کي الائي ڇو چنڊ ۾ تنهنجو چهرو نظر آيو هو. چنڊ جي اُيري نِروار ٿيڻ سان منهنجي چوطرف روشنيون پکڙجي ويون هيون. اهڙيون روشنيون جيڪي ننڍپڻ ۾ مون کي گُڏو ملڻ تي محسوس ٿيون هُيون. اُهو گڏو جيڪو مون کي بابا وٺي ڏنو هو. ياد اٿئي نہ مون توکي اُن گڏي بابت ٻُڌايو هو، جنهن کي منهنجي ماءُ ڪاوڙ ۾ ساڙ ۾ چيري ڦاڙي الائي تہ ڪيڏانهن اُڇلائي ڇڏيو هو.

رات الائي ڇو جڏهن چنڊ ڏانهن ڏٺو هو تہ مون کي محسوس ٿيو تہ منهنجي گُڏيءَ جو گُڏو اچي ويو آهي. مون کي ساريڪا جي چواڻيءَ، محسوس ٿيو هو ڄڻ مون کي منهنجي خوابن جو شهزادو ملي ويو آهي. مون رِبن کي چانڊوڪيءَ جي روشنيءَ ۾ سامهون ڪري ڏٺو هو. منهنجي دِل ڏاڍو چاهيو هو تہ مان اُها ربن پنهنجي ڪارائيءَ تي ٻَڌان... پر الائي ڇو منهنجا هٿ ڏڪڻ لڳا هئا." هوءَ وري اُداس ٿي وئي.

"سمرينا! تُنهنجا هٿ ڇو ڏڪڻ لڳا هئا...! هانءَ ٻُڌائي نہ.....!!!"

"ملهار توکي ياد آهي نہ تہ مون توکي هڪ ڀيري چيو هو تہ مان توکي پنهنجي اُها گڏي سنڀالڻ لاءِ ڏيندس، پر تڏهن جڏهن هن گُڏيءَ جو گُڏو ملي ويندو..." تو تڏهن مون کي چيو هو تہ مان تنهنجي گُڏيءَ جو گُڏو ڳوليندس... مون توکي چيو هو تہ هاڻي گُڏيءَ جو گڏو مليو بہ تہ ڇا! ها ملهار! مان اڄ بہ ساڳئي ڳالهہ چوان ٿي تہ هاڻي اُن گُڏيءَ جو گڏو مليو بہ تہ ڇا؟

"سمرينا تون الائي ڇا پئي چوين، مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي..."

"ملهار! مان اڄ توکي گهڻو ڪجهہ، پر سڀ ڪجهہ ٻُڌائڻ ئي آئي آهيان.... ياد اٿئي مون توکي ٻُڌايو هو جڏهن پهريون ڀيرو مون کي بابا گڏو وٺي ڏنو هو تہ مون سوچيو هو تہ هي گُڏو گُڏي ڪڏهن بہ هڪبئي کان ڌري نہ ڪنديس، پر اُن رات ئي امان گُڏي کي پنهنجي حوس جو نشانو بڻائي ٻُج ٻُج ڪري الائي تہ ڪيڏانهن اُڇلائي ڇڏيو هو. منهنجا سمورا خواب اُن لمحي ڇڪنا ڇُور ٿي ويا هئا. گُڏي جي وڃڻ ڪانپوءِ مون گُڏيءَ کي لِڪائي ڇڏيو هو، ڪڏهن ڪڏهن جڏهن ڏسندي هئس تہ امان پنهنجي ڪنهن ڪِرت ۾ يا بابا يا وري گهر ۾ ايندڙ ماڻهوءَ سان وندريل هوندي هئي تہ مان گُڏيءَ سان ڳالهيون ڪندي هئس. گُڏيءَ کان گُڏي لاءِ پُڇندي هئس، گُڏي اُداس ٿي ويندي هئي مان گُڏي کي چوندي هُئس "تون فڪر نہ ڪر مان جلدي توکي تنهنجو گُڏو آڻي ڏينديس" اُن ڪانپوءِ مون بابا کي ٻُڌايو هو تہ امان منهنجو گُڏو الائي ڪيڏانهن اُڇلائي ڇڏيو آهي، مون کي منهنجي گُڏيءَ لاءِ ٻيو گُڏو وٺي ڏيو. بابا مون کي پيار ڪندي ها ڪئي هئي. اُن ڪانپوءِ اوچتو امان مري وئي ۽ بابا الائي ڪيڏانهن گُم ٿي ويو ۽ مان گرجا گهر ۾ داخل ٿي ويس."

سمرينا جي اکين ۾ لُڙڪ اچي ويا هوءَ وري روئڻ ويهي رهي. "اڙي ڇري روئين ڇو ٿي؟ اِن ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي."


"روئڻ جي ڳالهہ ڪيئن ڪونهي ملهار! اُن ڪانپوءِ منهنجي گُڏي هميشہ لاءِ مون جيان اڪيلي رهجي وئي. وقت جيڪي ستم ظريفيون ڪيون سي توکي ٻُڌائي نٿي سگهان. نہ منهنجي گُڏي ڪنهن گُڏي جي قابل رهي، نہ وري مان ئي ڪنهن شهزادي جي قابل رهيس... تڏهن ئي تہ ربن ڏسندي ساريڪا جون ڳالهيون ياد ڪندي منهنجا هٿ ڏڪي رهيا هئا." هوءَ وري سُڏڪڻ لڳي.

"مون کي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ تون الائي ڇا پئي چوين الائي ڇا پئي چوڻ چاهين. سمرينا! مون کي کولي ٻُڌائي."

"ملهار توکي ياد آهي نہ تہ مون توکي ٻڌايو هو تہ، مون هڪ ڀيرو تڏهن اُها رِبن پنهنجي ڪارائي تي ٻڌي هئي جڏهن پهريون ڀيرو مون سان ساريڪا واري حالت ٿي هئي. رَت جو هڪڙو ننڍڙو ريلو منهنجي زرخيز جسم مان وَهي نڪتو هو. مان اُن وقت گرجا ۾ ئي هئس، مان ساماڻجي تہ ڪجهہ وقت اڳ ئي چُڪي هئس، پر اِها حالت مون سان ڪجهہ مهينا پوءِ ٿي هئي. اُن وقت مون کي عجيب عجيب لڳي رهيو هو، مَٿو ڳرو، جسم ڄڻ بي مزي، مون کي ايئن لڳو هو تہ منهنجا ڪپڙا آلا ٿي ويا آهن، منهنجي ٽنگن جي وچ ۾ مون کي پاڻياٺ ۽ آلاڻ محسوس ٿي هئي. مون واش روم ۾ وڃي جڏهن ڏٺو هو تہ منهنجي شلوار رت سان ڳاڙهي ٿي وئي هئي. مان سمجهي وئي هئس تہ مان بالغ ٿي وئي آهيان. اُن وقت مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪريان؟ مان گرجا واري اُن راهبا ڏانهن وئي هئس جيڪا اسان کي پڙهائيندي هئي. اُها ئي راهبا هئي جيڪا فادر جي گهڻو ويجهو رهندي هئي. هوءَ اسان کي روحاني تعليم سان گڏ زندگي جا اِهم مسئلا سمجهائيندي هئي. هوءَ مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وئي هئي، هُن مون کي ڪپڙي جو هڪڙو پيڊ ناهي ڏنو هو پيڊ سان گڏ هڪڙو ڪَڇو بہ ڏنو هئائين ۽ سمجهايو هئائين تہ مان ڪيو پائي پيڊ رکان. پوءِ هُن هڪ ليڪچر ڏنو ۽ گهڻو ڪجهہ سمجهايو هو."

"ها، پر مان اڃان نہ سمجهيس."

"ملهار! اُن راهبا اِها ڳالهہ فادر سان ڪئي هئي جنهن منهنجي پاڪ ٿيڻ جي ٻئي ڏينهن، مون کي پنهنجي ڪمري ۾ گهرايو هو ۽ پوءِ جيڪو مون سان ٿيو هو سو مان ٻُڌائي نٿي سگهان." هوءَ رانياٺ ڪري روئڻ لڳي، مان ڪيس پرچائڻ لاءِ سندس ويجهو ٿيس ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريم، هوءَ منهنجي ڀاڪر ۾ روئيندي روئيندي ڄڻ بيهوش ٿي وئي. ....(هلندڙ)....



## شيخ اياز جي زندگيءَ جي پسمنظر ۾ ورتل انٽرويو

# ڊاڪٽر قاضي منظر حيات

زاهده ابڙو

**تعارف:** منهنجو نالو قاضي منظر حيات ولد قاضي عبدالحئي قائل آهي. بابا سائين ڊرائنگ ٽيچر، شاعر، اديب، صحافت سان واسطو رکندڙ ۽ سماجي ڪارڪن هئا. ضلعي لاڙڪاڻي جي شهر رتوديرو ۾ علمي، ادبي گهراڻي ۾ اک کولي. اهڙو گهر جنهن ۾ ڪتاب، رنگ، برش ۽ پين، پنن جو ماحول مليو. اڳتي هلي اسڪول ۾ انتهائي محنتي ۽ محبتي استاد مليا، جن درسي سبقن سان گڏ سٺن اکرن سميت سماج ۾ بهتر ڪردار بڻجڻ لاءِ سٺي سکيا ڏني. گهر ۾ ادبي ماحول مليو سڀ ڀائر ادب ۽ آرٽ سان دلچسپي رکڻ وارا هئا. وڏو ڀاءُ قاضي خضر حيات جيڪو انجنيئر آهي ان به آرٽ ۽ سرامڪ آرٽ (ڪاشيگري) تي ڪم ڪيو آهي جنهن نوابشاهه ۾ سڪندر آرٽ گيلري جوڙي آهي. قاضي مقصود گل جنهن پنهنجو نالو شاعري ۾ مڃرايو. اسان جي گهر ۾ هر هفتي مشاعرو ٿيندو هو، والد صاحب جي لطيف ادبي سنگت نهيل هئي، جنهن ۾ سڄي سنڌ جا شاعر جنهن ۾ استاد بخاري، سرڪش سنڌي ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر ايندا هئا. ٽيون ڀاءُ قاضي اختر حيات اسڪيچز ٺاهيندو هو، مختلف رسالن جا ڪور پيج ٺاهيندو هو. اسان ٽنهي ڀائرن کي دوستاڻو ماحول مليو. قاضي اختر جڏهن بابا رٽائر ٿيو ته رتيديري ۾ ان جي جاءِ تي ڊرائنگ ٽيچر ٿي ڪم ڪيو. مان 1977ع ۾ هاءِ اسڪول ۾ ويس، جيڪو وقت بچندو هو ان ۾ آرٽ ورڪ ڪندو هئس. هڪ نهيل نڪيل ماحول مليو ان ۾ فائدو اهو ٿيو جو وڏين وڏين شخصيتن سان ملاقاتون ٿيون ۽ اتان لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ چاهه پيدا ٿيو. جڏهن ڀائر ڀينرون سڀ گڏجي ويهندا هئاسين تڏهن سمجهو ته هڪ ادبي ويهڪ ٿي ويندي هئي، پنهنجو ڪم هڪبئي کي ڏيکاريندا هئاسين ۽ پوءِ ان تي تنقيد به ٿيندي هئي. 1982ع ۾ رتيديري مان ميٽرڪ ڪيم ۽ هميشه ڪلاس ۾ پوزيشن ڪٽي پاس ٿيندو هئس. ان وقت ۾ انٽر ڊرائنگ جو امتحان ٿيندو هو جنهن ۾ آئون وينس ۽ هڪ ڏينهن وينا هئاسين ته ريڊيو تي ان ڳالهه جو اعلان ٿيو ته قاضي منظر حيات ان امتحان ۾ حيدرآباد ريجن ۾ ٽاپ ڪيو آهي. اهي ننڍيون ننڍيون شيون تمام گهڻي خوشي ڏينديون هيون. پنجين درجي واري اسڪالرشپ ۾ ٽاپ ڪيم. 1984ع ۾ رتيديري ڪاليج ۾ انٽر ڪيم. مان پري ميڊيڪل ۾ هئس ان وقت ۾ اهو هو ته سڄي سنڌ مان سٺين مارڪن ۾ پاس ٿيڻ وارن شاگردن کي ڪراچي موڪليو ويندو هو. هر ضلعي جون ڪجهه سيٽون هونديون هيون، منهنجو نالو به ان ۾ آيو ۽ ايس. ايم. سي ڪاليج ۾ منهنجي داخلا ٿي. اتي ڪراچي ۾ خانداني دوست جن ۾ سائين بدر قريشي هوندو هو پنهنجي دور جو اديب ۽ سٺو نقاد هو جيڪو استاد شاعر امير بخش قريشي جو پٽ هو. سندس هينيون ڏڙ 1970ع ۾ ايڪسيڊنٽ ٿيڻ ڪري مفلوج ٿي پيو هو نرسري واري علائقي ۾ مسواڙي گهر ۾ رهندو هو. محبتي ماڻهو هئڻ سبب سدائين دوست ايندا رهندا هئس ۽ ادبي ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. مون کي اتي بلڪل گهر جهڙو ماحول مليو. سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جي ويهڪ سندس گهر ۾ ٿيندي هئي. فقير محمد لاشاري، بدر ابڙو ۽ ڪراچي جا ٻيا ڪيترائي اديب سندس حاضري ڀريندا هئا. منهنجي ڪراچي وڃڻ تي بابا ڪيس منهنجي پارت ڪئي ۽ هر هفتي اتي وڃڻ ٿيندو سو ان وٽ به تمام سٺو ادبي ماحول مليو. هاسٽل تي به ڳوٺ مان جيڪي شاعر ۽ اديب بيمار ٿي ايندا هئا ته اچي مون وٽ رهندا هئا، جنهن ۾ سائين استاد بخاري، سرڪش سنڌي، استاد گلزار علي، وفا ناٿن شاهي، مختار گهمرو ۽ خان محمد پنهور شامل هئا. ان ڪانسواءِ روزاني هلال پاڪستان اخبار جي آفيس به سکيا جو مرڪز رهيو. اتي اديب آرٽسٽ هئا بدر ابڙو، نصير اعجاز، هدايت منگي، شڪور نظاماڻي ۽ فقير محمد لاشاري انهن چيو ته نواڻ مئگزين ٿا ڪيون ان وقت ڪمپوزنگ ڏاڍي ڏکي هئي بٽر پيپر تي هڪڙي خاص پين سان ان تي ڪيليگرافي ۽ اسڪيچ جو ڪم شروع ڪيو. ايئن مختلف اخبارن ۾ پنهنجا فن پاره، شاعري ۽ ليک موڪليندو هئس



Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

جيڪي ڇپجندا هئا ۽ ڇپجڻ ڪانپوءِ ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي، 1991ع ۾ گريجوئيشن ڪيم.

**سوال: شيخ اياز سان توهان جي ويجهڙائي ڪڏهن ٿي؟**

**جواب:** 1990ع جي شروعات هئي يا 1989ع جي آخر وارو ٽائيم هو، شيخ اياز سان ويجهڙائي ٿي. مان اسپتال ۾ شاگرد جي حيثيت سان ايندو هئس. جڏهن هو اسپتال ۾ داخل هوندو هو ته منهنجي ڪوشش اها هوندي هئي ته مان ساڻس ان وقت ملڻ وڃان جڏهن هو اڪيلو هجي ۽ دل ۾ اهو خيال هوندو هو ته هو مون کي سڃاڻي ته مان سندس تمام وڏو پرستار آهيان. سندس باري ۾ اهي ڳالهيون ٻڌندا هئاسين ته هو ماڻهن سان گهٽ ملندو آهي. 1989ع جي آخر ۾ اخبار ۾ خبر آئي ته شيخ اياز کي دل جو دورو پيو آهي ۽ هو اين. آءِ. وي. سي. ڊي ۾ آءِ. سي. يو جي هڪ ڪمري ۾ داخل آهي. مان ملاقات وارن ڪلاڪن ۾ ساڻس ملڻ ويس، پنهنجو تعارف ڪرايومانس مون ڏانهن ڏسي مرڪيو. پوءِ جيترا ڏينهن هو هتي رهيو مان روز ڪنهن نه ڪنهن وقت ساڻس ملاقات لاءِ ويندو هئس پوءِ آهستي آهستي مون سان ڳالهائڻ شروع ڪيائين. مون کان پڇيو هئائين، "نالو ڇا اٿئي؟" چيومانس "منظر حيات" جنهن تي چيائين ته ڇا تنهنجو بابا به ايڏو ادبي آهي ڇا جو تنهنجو نالو منظر حيات رکيو اٿس. ٻڌايومانس ته بابا هڪ شاعر آهي ۽ اڪثر مشاعرن ۾ حصو وٺندو آهي طالب الموليٰ واري دور جي شاعرن مان آهي. رتيديري ۾ والد صاحب جي نگراني ۾ هڪڙو سنڌڙي ڪتابي سلسلو هلندو هو جنهن جا پنج ڇهه ڪتاب جنهن ۾ سائين سرڪش جي شاعري، مقصود گل جي شاعري ان مان ڪجهه ڪتاب هڪڙي ڏينهن شيخ اياز ڏانهن کڻي ويس ۽ کيس ڏيکاريم ته اسان جو هڪڙو ادارو آهي جنهن تي مون کي چيائين، "تون ته پاڻ ئي اديب آهين." انهن ڏينهن ۾ جلدي جلدي کيس ٽي چار دفعا دل جي تڪليف جي ڪري اسپتال ۾ داخل ٿيڻو پيو ۽ ٽي چار ڏينهن هتي رهندو هو. منهنجون ساڻس جلدي جلدي ملاقاتون ٿينديون رهيون، مان ته سندس پرستار هئس کيس مٿي ۾ سور ٿيندو هو ته مٿي کي زور به ڏيندو هئومانس. انهيءَ دوران منهنجي ساڻس تمام سٺي ڄاڻ سڃاڻ ٿي وئي ۽ اتي ايندڙ ويندڙ جيڪي به سندس وزيٽر هوندا هئا انهن جي لسٽ ناهڻ لاءِ مون کي هڪ ڏينهن پيڊ جو پنو ڏنائين ۽ مون کي چيائين ته تون انهن جا نالا نوٽ ڪر. ڪتاب "ڪَتين ڪر موڙيا" ۾ انهن سيني وزيٽرن جو ذڪر ڪيو اٿس. پوءِ وري مان ڪوشش ڪندو هئس ته مون وٽ جيڪو به وقت ڪاليج ڪانپوءِ بچي ٿو، سو شيخ اياز سان گڏ گذري. پوءِ اتي ايندڙ ماڻهن جا نالا لکندو هئس ۽ انهن جي ڳالهه ٻولهه جا نوٽس وٺندو هئس. هڪ ڏينهن منهنجا اکر ڏسي چيائين، "تنهنجا اکر ته ڏاڍا سٺا آهن ڪنهن پريس جي ضرورت ئي نه پوندي." هڪ ڏينهن مون کي پنهنجا ڪجهه شعر لکيل ڏنائين ۽ چيائين ته هي ڏس، مان وري فل اسڪيپ پيپر تي لکي ڏنامانس ته کيس ڳالهه ڏاڍي وڻي. پوءِ وري پرنس ڪامپليڪس ۾ وڃڻ لڳس، ان ٽائيم ۾ ادي نرگس لطيف هوندي هئي اها کيس اچي سندس ڪم فيئر ڪري ڏيندي هئي. ان جي صورتخطي ايتري سٺي نه هئي هڪ ڏينهن مون کي سندس ڪم ڏيکاريائين ۽ چيائين ته سندس سنڌي ايتري سٺي ناهي ۽ ان ۾ اردو جو استعمال آهي، پوءِ مون کيس چيو مون وٽ جيترو ٽائيم هوندو مان اچي ويندس. پوءِ معمول اهو ٿي ويو جو شام جا ٽي ڪلاڪ ساڻس گڏجي گذرندا هئا ۽ چوندو هو ته شام جي چانهه به ساڻس گڏ پيئان. سندس پٽ به حيران هوندا هئا ته بابا جي منظر سان ايتري انڊر اسٽينڊنگ ڪيئن ٿي آهي. مان شام جو ويندو هئس شيخ اياز پنهنجي بيڊ تي ليٽيل هوندو هو، مان سندس پرسان ڪرسي تي ويٺو هوندو هئس. هو هڪ گليزڊ پيپر ڊائري ۽ سٺي فائونٽن پين لکڻ لاءِ استعمال ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ سندس لکڻ جي ڏات مٿس مينهن وانگر وسڻ لڳي. هو دل جو مريض هو ننڊ جون گوريون کائيندو هو، پر رات جو اٿي لکندو رهندو هو، پين جي مس ختم ٿي ويندي هئي، هو خالي پين جي نب سان ان ڪاپي تي لکندو هو اکر ڪُرڇجي ويندا هئا ۽ پوءِ هڪ ڏينهن چاڪ کي مس ۾ ٻوڙي ان سان ان پني کي ڪلر ڪيم ته اکر اڀري آيا ۽ پوءِ مان کيس اهي بيت ٻڌائيندو هئس ته حيران ٿي ويندو هو ۽ چوندو هو ته هي مون ته نه لکيو آهي ۽ پڇندو هو ته تو هي ڪيئن ڳوليو آهي. "ڪتين ڪر موڙيا" ٽي واليوم، ننڊ وليون، چوليون ٻوليون سمنڊ جون، سر لوهيڙا ڳِپيا، جرَ ڏيا چمڪن، سورج مکي سانجهه، هرڻ اکي ڪيڏانهن، ڪتي نه پڃبو ٽڪ مسافر، چنڊ ڳليون، ڏيئا ڏيئا لاٽ جو مهاڳ، ڀٽائي جي رسالي جو اردو منظوم ترجمو اهي سڀ شيون مون لکيون سوين هزارين صفحا هئا جيترو هو تخليق ڪندو هو مان به ٽائيم وجائڻ کان بنا اها امانت ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ ڪوشش ڪندو هئس ته ان کي ماڻهن تائين پهچڻ گهرجي ڪٿي کو سندس ڪم ضايع نه ٿي وڃي. آخر ۾ کيس فيروز ميمڻ يا سنڌيڪا وارا ڪتابن جي رائلٽي مان گهٽا ته نه پر ڪجهه پئسا جڏهن لفافي ۾ ڏيئي ويندا هئا ته هڪڙي ڏينهن لفافو ئاهي مون کي ڏنائين. مون کي چيائين، "قاضي هي تون رک مون کي مليا آهن مان هي توکي ٿو ڏيان." مون کيس چيو ته سائين جيڪڏهن توهان ائين ڪندا ته مان سياڻي کان اچڻ ئي بند ٿو ڪريان. چيائين، "يار تون شاگرد ماڻهو آهين تنهنجون گهرجون هونديون." مان چيومانس ته مان هڪ مقصد تحت هي ڪم ڪري رهيو آهيان ته جيڪو هي هيڏو وڏو ڪم توهان ڪري رهيا آهيو اهو ماڻهن تائين پهچي، ڏسن ته سهي ته هي اسان جو عليل قدآور ڪوي جيڪو هيڏيون ننڊ جون گوريون ٿو کائي پوءِ به هو تخليق جو عمل جاري رکندو پيو اچي. ان ۾ رڳو شاعري نه پر نثر به شامل هو ۽

## ڊاڪٽر قاضي منظر حيات جو ادبي ڪم:

"هڪڙو پيارو ماڻهو" پنهنجي والد قاضي عبدالحئي قائل صاحب جي سوانح حيات لکي، 1992ع ۾ سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتوديرو مان ڇپيو. ان کان علاوه ناميارا سائنسدان (حصو 1، 2، 3) سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي 2009 ۾ پهريون ايڊيشن ڇپيو، جنهن کي 2010 ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران ترجمي واري صنف ۾ سال جو بهترين ڪتابي ايوارڊ مليو. ناميارا سائنسدان جي ٽنهي جلدن جو ٻيون ۽ ٽيون ڇاپو 2015 ۽ 2016 ۾ سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي ئي ڇپرايا ۽ ان تي لاڳيتو ٻه ٽي سال ترقي پسند مصنفين سنڌ پاران ترجمي تي ايوارڊ ڪنيو. ان کان علاوه 2012ع ۾ سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي سائنسي ڄاڻ جو پهريون ڇاپو ۽ 2015 ۾ ٻيو ڇاپو آندو. ان کانسواءِ "وقت ۽ امتحان" جيڪو ترجمو ٿيل آهي سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي ڇپرايو، ان جا به ايڊيشن ڇپجي چڪا آهن پهريون 2010 ۾ ۽ ٻيون 2016 ۾.



يادگار تصوير: قاضي منظر حيات، شيخ اياز، تاج جويو ۽ آسي زميني.
(پرنس ڪامپليڪس - ڪراچي. آڪٽوبر 09. 1991ع)



نثر ۾ وري ان جي نوٽنگ. ڪتين ڪر موڙيا جي ٽئين پاڱي ۾ جن دنيا جي ليکڪن جو ذڪر ڪيو اٿس انهن تي نوٽس لڪرائيندو هو، ڇا ته سندس علم هو ۽ ڇا سندس يادگيري هئي. هو دنيا جي چند پڙهيل لکيل ماڻهن مان هڪ هو، هن شاعري رڳو لکي ڪونهي، پر سڄي دنيا جو علم حاصل ڪري ان جو نچوڙ اسان کي ڏنو آهي. ان کي پنهنجي ڪتابن جي لوڪيشن، انهن جا پيج نمبر ۽ انهن تي لکيل نوٽ به ياد هوندا هئا ۽ مون ڏٺو ته سندس هر ڪتاب هڪ پين سان نه پر ڪيترن ئي رنگن جي پينن سان مارڪ ٿيل هوندو هو، جنهن مان خبر پوندي هئي ته هن اهو ڪتاب هڪ دفعو نه پر اٺ نو ڀيرا پڙهيو آهي ۽ پڙهڻ ڪانپوءِ انهن جي حاشين تي نوٽ لکندو هو. هن پنهنجو نور نچوئي دنيا جو ادب پڙهيو.

**سوال: هڪ اياز جيڪو ڀٽائي ڪانپوءِ وڏو شاعر هو ۽ هڪ اياز جيڪو عام انسان هو ان جي باري ۾ اسان کي ٻڌايو؟**

**جواب:** شيخ اياز جي شخصيت لاءِ ڪيترائي مفروضا قائم ٿيل آهن، پر جيئن مون ان کي ڏٺو ته هو جيترو وڏو اسڪالر هو ان جي پيٽ ۾ هو هڪ ٻار وانگر معصوم هو، جيڪو منٽ ۾ رسي وڃي ۽ منٽ ۾ پرچي وڃي. تمام گهڻو پيار ڪرڻ وارو ماڻهو، سندس شخصيت ۾ انتظار ڪرڻ وارو عنصر تمام گهڻو هو. ڪنهن جيڪڏهن کيس چيو ته هو ساڻس ملڻ لاءِ ائين وڳي پهچندو ته هو اٺ لڳي هڪ منٽ کان بيچين ٿيڻ شروع ٿيندو هو، اٿي ويهندو هو، اندر ڪمري ۾ پيو هلندو هو، ڪاريڊور ۾ چڪر ڏيندو هو ۽ جيڪڏهن لفٽ کليل هوندي هئي ته هيٺ لهي وڃي انتظار ڪندو هو. منهنجو ته وٽس روز وڃڻ ٿيندو هو، ڪراچي جهڙي شهر ۾ ڪڏهن ٽريفڪ جام ته ڪڏهن گاڏي نه ملڻ جي ڪري دير ٿي ويندي هئي، پر منهنجو به انتظار ڪندو هو ته مان الائي ڇو ٽائيم تي نه پڳس، انتهائي شفيق انسان هو.

هن جيڪو ڪم ڪيو پئي کيس تمام گهڻو ٽائيم ٿي گهربو، تنهنڪري شايد پنهنجي فيملي کي اهو ڪوالٽي وارو ٽائيم نه ڏيئي سگهيو. مون ته کيس سندس آخري سالن ۾ ڏٺو، جڏهن هو پنهنجي گهرواري سان گڏ ويهندو هو، ڳالهيون ڪندو هو، پر مون کي ائين لڳندو آهي ته هن پنهنجي عمر کان تمام گهڻو وڌيڪ ڪم ڪيو. هو هڪ وڪيل هو چوندو هو، ”جيڪڏهن مان اهو لکڻ پڙهڻ وارو ڪم نه ڪريان ها ته خالد اسحاق کان وڌيڪ پئسا ڪمايان ها (جيڪو سندس جونيئر وڪيل هو).

اڪثر ماڻهو چوندا هئا ته هو ماڻهن کي چانهه جي صلاح به ناهي ڪندو، پر منهنجي لاءِ ته پاڻ چانهه ڪٽي ايندو هو. سندس آخري دور ۾ کيس تمام گهڻو ايذايو ويو، مٿس گهڻا ئي الزام لڳايا ويا، ماڻهو آرٽيڪل لکي در جي هيٺان اڇلائي ويندا هئس. اهڙي صورتحال ڪانپوءِ شايد هن اهو محسوس ڪيو ته وقت ضايع نه ڪجي ۽ ڪم ڪندو رهجي. جنهن ڳالهه کان ڏک پهچندو هئس ان جو اظهار ضرور ڪندو هو.

**سوال: ڇا شيخ اياز کي خبر هئي ته هو ڪيڏو وڏو شاعر ۽ اسڪالر هو؟ ۽ ڇيو وڃي ٿو ته هو تنقيد برداشت نه ڪندو هو.**

**جواب:** ها هو اڪثر چوندو هو ته جيترو مان پڙهيو آهي ۽ جيڪو مان لکان ٿو هتان جي ماحول ۾ ٻيو ڪير اهڙو ڪم نه پيو ڪري ۽ ان تي جيڪي تنقيدون آيون ان ڪانپوءِ هو ڏاڍو خائف رهيو. چوندو هو ته مان هي هزارين پنا لکيا آهن انهن مان ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين کي ڪٽي انهن تي تنقيد ڪئي ٿي وڃي، پر جيڪو منهنجو ڪم آهي ان تي نٿو ڳالهايو وڃي. سندس چوڻ هو ته مٿس جيڪا تنقيد ٿي آهي اها ذاتي آهي، پر سندس ڪم تي ادبي ۽ ٽيڪنيڪل تنقيد اڃان تائين نه ٿي آهي ۽ مٿس جيڪا ذاتي تنقيد ٿي آهي اها بغض ۽ ذاتي دشمني جي حوالي سان آهي. منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن ٽيڪنيڪل تنقيد هجي ها ته ضرور هو برداشت ڪري ها. مٿس اها تنقيد به ٿي ته هو دعائون ٿو لکي، ان باري ۾ سندس چوڻ هو ته هن سڄي زندگي ٻيا فلسفا پڙهيا ۽ آخر ۾ جيڪا ڪنڌ رهيل هئي هن ان کي به پڙهيو. مون سان اڪثر ان باري ۾ ڳالهائيندو هو ۽ چوندو هو ته انهن مان به ڪجهه شيون مون چونڊيون آهن جن کي ادبي ۽ آرٽسٽڪ انداز ۾ ڏسان ٿو ۽ استعمال ڪريان ٿو.

**سوال: جڏهن توهان جي شيخ اياز سان ملاقات ٿي ته ڇا هو ڪميونسٽ خيال رکندو هو يا مذهب ڏانهن لاڙو ٿي چڪو هئس؟**

**جواب:** مون ته کيس هميشه هڪ حقيقت پسند انسان ڏٺو. مون کيس جيترو سمجهيو ته هو ڪڏهن به مذهبي انتها پسند نه رهيو ۽ آخر تائين هن ڪڏهن به نماز نه پڙهي. هڪڙي ڏينهن جڏهن ڪمري ۾ ويس ته پرسان تسبيح پئي هئس پڇومانس ته تسبيح رکي اٿوَ مسڪرائي چيائين ته نه پرسان هندن واري جپٽي به پئي آهي، سائين مرنا به هلي ٿو. هڪڙي ڏينهن ويس ته ٿوري ڏاڙهي وڌيل هئس، مون کي چيائين، ”دل چوي ٿي ته ڏاڙهي کي ڇڏيان.“ مون جواب ڏنومانس، ”سائين ٻيو ڪجهه ڪونهي هاڻي اسان کي توهان ڏنو ڪرائيندوَ. دعائون ته هونئن به لکو ٿا وري ڏاڙهي جو رکندوَ ته توهان جو ٽوپي سان ڪو اسڪيچ ٺاهي رکي ڇڏيندو ته اياز مُلو ٿي ويو آهي.“ جواب ۾ وراڻيائين، ”ها سهي ٿو چوين.“ شام جو وڃان ته سائين ڪلين شيو ٿي وينو آهي. هو هڪ معصوم انسان هو. هڪ ڏينهن ڪنهن انب واري کان انب وٺي ايندو هو ته ان کي چوندو هو ته منهنجو دوست آهي. هو جڏهن شديد بيماري ۽ پيڙاءُ واري ڪيفيت مان گذريو، دوستن اچڻ وڃڻ گهٽ ڪري ڇڏيس، سندس گهڻو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ وقت گذارڻ سندس گهرواري سان ٿيو جيڪا تمام گهڻو مذهبي لاڙو رکندي هئي. ان وقت ۾ هن مختلف تفسير پڙهيا، جنهن سندس دل کي شايد ڪٿي مطمئن ڪيو. هن جو هڪ ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاڪڙي“ سائين محمد ابراهيم جويو ڏانهن لکيل خطن جي ڪتاب ۾ هڪ هنڌ هڪ منظر تي ويچار وندي ٿو... ”اڄ پڻ منهنجي ”يار“ وسڻ جا ويس ڪيا“، هتي اهو ”يار“ ڪير آهي.... ۾ لکي ٿو ته مان اڳ ۾ به انتها پسند نه هئس ۽ منهنجو مزاج صوفياڻو هو. هو هڪ انسان دوست ماڻهو هو ۽ سندس سوچ ۾ عالمگيريت هئي.

**سوال: روزاني برسات اخبار ۾ اياز ڀرپور لکيو، ان وقت ۾ آريسر ۽ آغا سليم به مستقل ان اخبار ۾ لکندا هئا. ڇا سندس لاڙو صحافت ڏانهن به رهيو؟**

**جواب:** يوسف شاهين سان سندس پراڻي دوستي هئي. هي اهو وقت هو جڏهن 1993ع ۾ مون کي نوڪري ملي ته مان هليو آيس، ان وقت ۾


ڪيس اڪيلائي جو تمام گهڻو احساس هو ۽ يوسف شاهين اچي ويهي رهيس ته توهان کي روز گاڏي کڻڻ ايندي ۽ توهان رڳو اچي آفيس ۾ ويهو ان تي اياز يوسف شاهين کي اها ڳالهه چئي هئي ته مون کي صحافت جي خبر ڪونهي، جنهن تي هن چيو هئس ته توهان پنهنجي زندگي جو جيڪو نچوڙ آهي اهو اسان کي ڏيندا مان ان کي صحافت ڪري هلائيندس. مئنيجمينٽ مان پاڻ هلائيندس، شيخ اياز يوسف شاهين کي چيو ته توتي تنقيد ٿيندي جنهن تي هن وراڻيس ته انهن سڀني شين کي هو پاڻ منهن ڏيندو. اياز برسات اخبار جو ايڊيٽر رهيو ۽ ايڊيٽوريل تي تمام گهڻي محنت ڪندو هو. هو جنهن موضوع جي چونڊ ڪندو هو ان تي تمام گهڻي محنت ڪري لکندو هو. جنهن ۾ هو مختلف حوالا ۽ نوٽس شامل ڪندو هو. هو رف لکي ڏيندو هو وري اهي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيندا هئا ۽ پوءِ وري پاڻ انهن کي چيڪ ڪندو هو. هن پنهنجي پهرين آرٽيڪل "مان ۽ صحافت" ۾ لکيو آهي ته سندس صحافت سان واسطو رهيو آهي. سندس ايڊيٽوريل تمام شاندار هئا. سندس فلسفو هو ته زندگيءَ ۾ شارٽ ڪٽ نه هجي ۽ سچائيءَ سان ڪم ڪجي.


**سوال: ڇا ڪجهه اهڙا ماڻهو هئا جيڪي شيخ اياز کي تمام ويجها رهيا ۽ پوءِ وري اختلافن جي ڪري سندن ويڇا به وڌي ويا هجن؟**

**جواب:** تاجل بيوس جيڪو ساڻس تمام گهڻو ويجهو هئس پوءِ وري گهڻا تضاد به ٿي پيس، طارق اشرف، غلام نبي مغل پرنس ڪامپليڪس ۾ رهندي به ساڻس نه ملندا هئا، اي ڪي بروهي جيڪو فليٽ جي پرسان ئي رهندو هو. آخر ۾ الائي ڇا ٿيس جو جڏهن شيخ اياز بيمار هو ۽ جڏهن لفٽ ۾ هيٺ پئي لٿو ته هن ڪانئس طبيعت به نه پڇي ۽ لهي هليو ويو. انهن جي باري ۾ وري شيخ اياز سمبولڪ لکيو به آهي جنهن مان پڙهڻ وارو سمجهي سگهي ٿو ته اهو ڪنهن جي لاءِ لکيل آهي. غلام رباني آگرو ان سان به سندس گهڻي دوستي هوندي هئي پر پوءِ ان سان به دوري ٿي ويس.

**سوال: ڇا شيخ اياز سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر شپ قبول ڪرڻ تي ڪڏهن افسوس جو اظهار ڪيو؟ ماڻهن جو خيال آهي ته شيخ اياز يونيورسٽي کي گهڻو نقصان پهچايو.**

**جواب:** ها ان جي باري ۾ اهو ذڪر ڪندو هو ته هو پاڻ ان ڳالهه لاءِ راضي نه هو ته وي سي ٿئي. هن ٻڌايو ته هڪ رات ذوالفقار علي ڀٽو جو فون آيو ۽ هن پاڻ ڳالهايو ۽ چيائين، "اياز تون سنڌ جو اياز آهين هاڻي سنڌ کي جيئارڻ لاءِ اياز جي ضرورت آهي توکي سنڌ يونيورسٽي جو وي سي ٿيڻو آهي." جنهن تي شيخ اياز ٻڌايو ته هن ڀٽي کي چيو هو، "منهنجو تعليمي حوالي سان يا انتظامي حوالي سان ڪو تجربو ناهي". ڀٽي يڪدم اياز کي چيو، "مان ڪڏهن وزيراعظم ٿيو هئم"، ايئن چئي يڪدم فون بند ڪري ڇڏيائين. ان ڪانپوءِ سندس وي سي شپ جا آرڊر اچي ويا، سندس چواڻي مطابق ته هو پاڻ بلڪل به ان ڳالهه لاءِ راضي نه هو، پر اها ڀٽي جي خواهش هئي ته اياز وي سي ٿئي ۽ سنڌ يونيورسٽي کي ناهي. ڀٽي جو خيال هو ته هو ٻئي ڳڏجي سنڌ يونيورسٽي کي ناهيندا ۽ بين الاقوامي معيارن تي ڪٽي ايندا. جنهن ۾ سنڌ الاجي جو ڪانسيپٽ به شامل هو ۽ هو ٻڌائيندو هو ته ڀٽي سنڌ جي لاءِ تمام گهڻو ڪجهه ڪرڻ ٿي چاهيو. سنڌ الاجي جي پي سي-1 نهي ۽ ان ۾ اياز پنهنجي مرضيءَ سان ماڻهو ڀرتي ڪيا ويا جنهن ۾ ڀٽي جي ڪڏهن به ڪا مداخلت نه رهي. سنڌ يونيورسٽي ۾ ان وقت ۾ جيڪي به ادب سان تعلق رکندڙ ماڻهو هئا انهن کي آڻڻ وارو ڀٽو هو. جڏهن ته اياز، عاشق عارباڻي کي به ڀرتي ڪيو ۽ علڻ فقير کي به نوڪري ڏنائين. ان





وقت ۾ هڪ ڪنٽوورسي ٿي ته ڀٽي جو آرڊر ٿيو ۽ شاگردن کي جيل اماڻيو ويو. جنهن ۾ ڪجهه اهڙيون قوتون شامل هيون جن اياز جي انتظاميه کي ڪمزور ڪرڻ ٿي چاهيو. ان ڪانپوءِ مارشل لا اچي وئي ۽ ضياءُالحق اياز کي مدو پورو ڪرڻ لاءِ چيو ۽ جيئن ئي سندس مدو پورو ٿيو ته هو ان ڏينهن ئي گهر روانو ٿي ويو. سڀني ڳالهين مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته شيخ اياز هڪ انسان هو ۽ شايد هن سنڌ جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ ٿي چاهيو ان لاءِ هن پنهنجون خدمتون ان ماڻهو جي چوڻ تي آڇيون جيڪو سنڌ جي لاءِ هڪڙو ويزن ڪٽي آيو هو. هن اهڙي ڪابه غلطي نه ڪئي هئي جنهن کي سنڌ جو ماڻهو معاف نه ڪري سگهي. منهنجو خيال آهي ته سندس شخصيت تي تمام گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، هن جي زندگي جي هر پهلو تي ريسرچ ٿيڻ کپي.

**سوال: ڇا توهان کي لڳي ٿو ته اياز جو ڪو اهڙو لکيل مواد آهي جيڪو ڇپجي نه سگهيو هجي؟**

**جواب:** منهنجي خيال ۾ اياز جون تمام گهڻيون شيون خاص ڪري هو مون کي ٻڌائيندو هو ته هو ڀٽائي تي هڪ ناول لکي رهيو آهي اها 1993 ع جي ڳالهه آهي. ٻيو مختلف دورن ۾ سندس وڪالت سان لاڳاپيل تجربا، هن ٻڌايو ته هو الڳ سان لکندو ٿو وڃي ته ڪنهن کي بيڏوهي ڦاهي چاڙهيو ويو. هن جو اهو معمول هوندو هو ته هو ملزم سان جيل ۾ ٽي چار ملاقاتون ڪندو هو. شيخ اياز جي لاءِ سکر، جيڪب آباد واري پاسي اها ڳالهه مشهور هوندي هئي ته هو جيڪو به ڪيس کڻندو هو اهو کٽي ويندو هو، پوءِ چاهي ڪيڏو وڏو ڏوهي هجي بچي ويندو هو. هو ڪرمنل وڪيل هو، ٻڌائيندو هو ته جج ڪانئس تمام گهڻا ڊڄندا هئا، هلڪن ڦلڪن ڪيسن تي ته هو توجهه ئي ڪونه ڏيندو هو ۽ ڪارروائي دوران هٿ ۾ ڊائري ڪٽي شاعري پيو لکندو هو ۽ جج سمجهندا هئا ته شايد هو نوٽس پيو وٺي. ڀٽائي کي اردو ۾ ترجمي وارو ڪم به سندس چوڻ مطابق ته جڏهن وڪالت جي ڪمن سان سفر ڪندو هو ته شاهه جو رسالو ۽ ڪتاب گاڏي ۾ پيا هوندا هئس ۽ اهو ڪم پيو ڪندو هو.

**سوال: اياز پنهنجي آتم ڪٿا "ڪٿي نه ڀڃبو ٽڪ مسافر" ۾ ته گهڻن ئي محبتن جو ۽ گهڻ قومي عشقن جو ذڪر ڪيو آهي.**

**جيئن هڪ ڪتاب روسي محبوبہ ارينا ڪي بہ ارپيو اٿائين. اياز جي ان پاسي تي ڳالهائيندا.**

**جواب:** منهنجي ساڻس ملاقات ڪان پهرين تہ سندس زندگي ۾ ڇا هو ڇا نہ هو مون کي خبر ناهي، پر جڏهن منهنجي ساڻس ملاقات ٿي تہ مون کيس ڏٺو تہ هو عاشق مزاج هو. انهن ڏينهن ۾ هڪڙي ڇوڪري کيس فون ڪئي ۽ پوءِ وري ملڻ آيس ان جو سندس ڪتابن ۾ خوشبو جي نالي سان ذڪر بہ آهي. ٻاهر مينهن پئي پيو مون کي چيائين تہ تون ويهہ مان اچان ٿو. ان کي سي آف ڪرڻ جي لاءِ ٻاهر ويو، مون کي ڊپ هو تہ سندس ڇاتي نہ خراب ٿي پوي. جيجي زرينا بہ اچي ڪاوڙيس. ان ڪانپوءِ عطيہ ۽ خدا بخش وارن اها ڳالهہ مون تائين پهچائي ۽ چيائون تہ ٿورو خيال ڪريو تہ جيئن اها ڳالهہ اسڪينڊلائيز نہ ٿي وڃي. ان وقت ۾ ليند لائين فون هوندي هئي، پوءِ فون ايندي هئي تہ کيس ٻڌائبو ئي نہ هو. مون جيئن شروع ۾ ذڪر ڪيو تہ هو تمام معصوم طبيعت جو مالڪ هو. ان ڪري کيس انهن ڳالهين جي سمجهہ ئي نہ ايندي هئي تہ هو ڪو غلط ڪم پيو ڪري، هو پنهنجي طبيعت مطابق تمام گھڻو محبت ڪندڙ ماڻهو هو، شاعر هو، ان ڪري هو عورت ڏانهن يقينن مائل هو ايئن چئي سگهجي ٿو، وري پنهنجي فيملي سان بہ ايترو ئي پيار ڪندو هو. اسلام آباد مان ”حُسنِ ڪارڪردگي“ جو ايوارڊ مليس. جڏهن گهر آيو تہ ائين پيو خوش ٿئي جڻ ڪو ننڍڙو ٻار هجي.

**سوال: اياز ستر اسي واري ڏهاڪي ۾ نوجوانن لاءِ وڏو اتساهہ رهيو، پر پوءِ وي سي ٿيڻ بعد ڪافي تنقيد ٿيس ۽ قومپرست نوجوان سندس خلاف ٿي بيٺو ان جا ڪهڙا سبب هئا؟**

**جواب:** ان دور ۾ سندس لکيل تراني تي پابندي لڳل هئي، پر پوءِ وري ڪوبہ اهڙو ترانو لکي نہ سگهيو. سائين جي ايم سيد وري ان کي منظور ڪري ڇڏيو ۽ چيائين تہ اياز اسان جو آهي. آريسر برسات واري دور ۾ سندس هينان ڪم ڪيو. آخر تائين هن پنهنجي لکيل قومپرستي واري شاعري کي قبول ڪيو، سائين وارا جيڪي ساڻس ڪاوڙيل هئا آخر ۾ راضي ٿي ويا.

**سوال: اياز جو سنڌ سان عشق توهان ڪيئن ڏٺو؟**

**جواب:** سنڌ سندس حياتي جو مرڪزي خيال هئي، پر هڪ دانشور وانگر هن جيڪو بہ ڪم ڪيو آهي اهو سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪيو آهي. هو چوندو هو تہ مون جيڪو ڪم ڪيو آهي سو سنڌ کي ديوار چين جيترو وڏو قلعو ڏيئي ڇڏيو آهي. ماڻهو جن کي قدر نہ هوندو سي قدر نہ ڪندا ان سان مون کي ڪو فرق نٿو پوي، چنڊ تہ چمڪندو رهندو، گڏهہ تي ويهي لنگهڻ وارا چنڊ کي ڏسي متاثر ٿين يا نہ ٿين. سندس چوڻ هو تہ هن جيڪو بہ ڪم ڪيو آهي اهو ڪنهن تحسين لاءِ ناهي ڪيو سنڌ لاءِ ڪيو آهي. هن کي اها پڪ هئي تہ سندس ڪم هميشہ ياد رکيو ويندو ۽ تاريخ ۾ اڻ مِٽ نقش ڇڏيندو.

**سوال: ڇا توهان جي اياز سان خط و ڪتابت ٿيندي هئي؟ جيڪڏهن توهان اياز جو ڪم سهيڙڻ ۾ سهڪار نہ ڪريو ها تہ ڇا اهو ڪم محفوظ ٿي سگهي ها؟**

**جواب:** بلڪل هن ڪافي خط مون ڏانهن لکيا هئا جيڪي ڪافي ڇپيا بہ آهن ۽ اڪثر مون کي لکندو هو تہ موٽي آ، ڇوين تہ تنهنجي بدلي ڪرايان ۽ هاسٽل ۾ بندوبست بہ ڪرائي ڏيان يا وري لکندو هو تہ هن هفتي اچ جيڪي مون شيون لکيون آهن اهي اچي ڪٽي وڃ، تو جهڙو شين کي سنڀالي نه ڪو ناهڻ وارو ۽ امانت ٻين تائين پهچائڻ وارو مون کي نہ ملندو. اهي سندس لکيل خط ”شيخ اياز ۽ صحافت“ واري مجموعي ۾ ڇپيل آهن. مهراڻ جي شاعر نمبر ۾ بہ ڪجهہ خط شامل آهن. مان اهو نٿو چوان تہ جيڪڏهن مان اهو ڪم نہ ڪريان ها تہ شيخ اياز جو ورثو محفوظ نہ ٿي سگهي ها، پر هو ان وقت ۾ تمام تيزي سان لکي رهيو هو ۽ سندس خواهش هوندي هئي تہ سندس هڪ سٽ بہ ضايع نہ ٿئي ۽ ان ۾ زير ۽ زبر جو بہ خيال رکيو وڃي. پروف لاءِ تمام گهڻي ڳڻتي هوندي هئس. مان جيڪڏهن چار دفعا پروف بہ ڪندو هئس تہ هو پنجون دفعو پاڻ پروف ضرور ڪندو هو. پاڻ جيستائين پنهنجي شاعري جي تصديق نہ ڪندو هو تيستائين اطمينان نہ ايندو هئس. زير زبر جي فرق سان چوندو هو تہ توهان منهنجي شاعري جا ڏند ڀڃي ٿا ڇڏيو. هيڏانهن تيزي سان تخليق پئي ڪيائين، هڪ هنڌ شاعري جي تخليق ٿيو وري نثر پنهنجي حافظي مان لکرائيندو ويندو هو ۽ مان لکندو ويندو هئس. هڪ تہ اهي شيون جيڪي هو پاڻ لکرائيندو هو ۽ ٻيو اهو ڪم جيڪو هو رات جو ٽيهہ چاليهہ پنا لکي رکندو هو اهي لکڻا هوندا هئا ۽ ان کان پهرين جيڪي شيون پبلشر کي ڏنيون وينديون هيون اهي پبلشر ڪٽي ايندو هو تہ ان جا پروف بہ ڏسڻا هوندا هئا. ان وقت ۾ مون پنهنجي پڙهائي کي بہ نظر انداز ڪري سندس ڪم کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ”سر لوهيڙا ڳيپا“ ۾ ٻہ اکر ۾ پنهنجي طرف کان منهنجي لاءِ شڪرگذاري وارا لفظ لکيا اٿس ۽ چيو اٿس تہ ”مان قاضي منظر حيات جو شڪرگذار آهيان جنهن سانده ٻہ سال محنت ڪري اهي ٻارهن ڪتاب، مهاڳ ۽ انٽرويو خوشبختي سان نقل ڪيا جي مون انهيءَ عرصي ۾ لکيا هئا. هو ان ڳالهہ جو عيني شاهد آهي تہ ڪيئن نظم ۽ نثر ٻئي مون تي برسات وانگر ايندا هئا. هن اهي چارئي هارٽ اٽيڪون بہ اکين سان ڏٺيون جن جي پرواهہ نہ ڪندي ڊاڪٽرن جي مشوري خلاف مان اسپتال ۾ بہ لکندو رهندو هئس- (شيخ اياز)“.

شيخ اياز جي هن دنيا مان لاڏاڻي ڪانپوءِ سندس ڪافي شين جي هيڏانهن هوڏانهن ٿي وڃڻ جو افسوس آهي. مون کي تہ سندس گهر ۾ سندس رکيل ڪتابن جي گهڻي ڀاڱي خبر هئي تہ سندس ادبي اثاثو ڪٿي رکيل آهي، پر وقت مون کي اهو موقعو فراهم نہ ڪيو جو مان سندس ان اثاثي کي مناسب انداز سان سهيڙي سگهان ها. جيجي زرينا سندس علمي ۽ ادبي اثاثي کي گهڻي حد تائين ضايع ٿيڻ کان بچايو، پر مان سمجهان ٿو تہ سندس ڪجهہ اڻ ڇپيل مواد گم آهي!

**سوال: ورهاڱي کان اڳ اڳتي قدم نالي هڪ رسالو بہ ڇاپيندو هو، جيڪو پوءِ بند ڪرڻو پيس. ورهاڱي ادب کي نقصان پهچايو ان بابت سندس ڪهڙا ويچار هئا؟**

**جواب:** ورهاڱي ڪانپوءِ هن پنهنجو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪيو ڇو جو سندس سڀئي دوست هليا ويا هئا. سندس خيال هو تہ ورهاڱي جي ڪري پڙهيل لکيل خاندان سڀ هليا ويا ۽ ان جو ادب تي بہ اثر پيو. شڪارپور جي وايو منڊل ۾ تہ هو چوي ٿو تہ سڀي پينگ ٿي وئي، سڀي اونداهي ٿي وئي، سڄو علم ۽ عقل هليو ويو.



حصو ايڪيهون

# ڊوما ياترا

اعجاز منگي

اندر گهڙڻ سان هڪ عجيب احساس ٿيو اڌ اونداهہ اڌ سوجهرو سج جي روشني ذريعي رنگ برنگي شيشا چمڪن پيا ۽ انهن شيشن تي درويشن ۽ بزرگن جا رنگيل تصويرون بہ چمڪڻ لڳيون. سامهون حضرت عيسيٰ جي ديوقامت بُت جي اڳيان ميڻ بتيون ٻرن پيون مون کي ايئن پئي لڳو عيسيٰ جو غم انهن ميڻ بتين جي ٻرڻ سان اجان وڌيڪ گهرو ٿي ويو هو. غم جون بہ ڪيفيتون ۽ رنگ ٿين ٿا. هر غم جو احساس مختلف ٿئي ٿو دلبر جي وڇڙڻ جو غم ڪنهن ويجهي مائٽ جي وڇڙڻ کان مختلف ٿئي ٿو، بيروزگار ٿيڻ جو ڏک ڪنهن مقابلي جي امتحان ۾ ناپاس ٿيڻ کان مختلف ٿئي ٿو. پنهنجي ملڪ کان ڏور رهڻ جو ڏک پنهنجي شهر جي پري رهڻ جي غم کان الڳ ٿئي ٿو. جيڪڏهن اسان پنهنجي عمر جو حساب لڳايون تہ زندگيءَ جو گهڻو عرصو ڪنهن نہ ڪنهن غم ۾ گذري ٿو.

مون کي عيسيٰ عليہ السلام جو غم گهرو ٿيندي نظر آيو حضرت مريم عليہ السلام جي مجسمي تي نظر پئي تہ شايد پنهنجي پٽ جي غم ۾ اجان وڌيڪ ٻڏل نظر آئي هئي. تيشي ۽ ڇيڻي جي استعمال ۾ ان ماهر سنگتراش جو ڪمال هو جو پٿرن جي جسمن ۾ بہ غم جو احساس پري ڇڏيو هئائين. پٿرن ۾ غم جيڪو صدين تائين مستقل آهي ۽ جيڪو هميشہ رهڻو آهي. سنگتراش نہ رهندو اسان مان هزارين ماڻهون نہ رهندا، صديون گذرنديون، زمانہ گذرندا، وقت ايندا رهندا، وقت ويندا رهندا پر پٿرن ۾ غم جو احساس هميشہ رهندو. غم جيڪو مستقل آهي جيڪو دائمي آهي جيڪو نہ ڪٽندڙ آهي. چرچ ۾ رکيل هر بت جو مختلف غم هو اسان سڀ غم ڏسندا پئي وياسين ۽ انهن غمن جو احساس پنهنجي اندر ۾ ٿورو ٿورو محفوظ ڪندا پئي وياسين. غم سان گڏ خوشيءَ جا احساس بہ گڏ گڏ هجن ٿا، سامهون ڪرسچن جوڙو يسوع مسيح جي اڳيان گوڏا ٽيڪي ويٺو هو سندن اکيون بند هيون، مسيح کان شايد پنهنجي عشق جي دائميت جي دعا گهري رهيا هئا. سندن چهري تي هڪ اڻ لکي خوشيءَ جو احساس تہ تہ ڪري رهيو هو. پهرين پيار جا احساس ڪيترا نہ مٺڙ ٿين ٿا، پر هر پيار جا احساس دل ۾ جلترنگ وڄائي دل ۾ هڪ اڻ لکو خوشيءَ جو احساس جاڳائي ونن ٿا. هن جوڙي جي دل ۾ بہ خوشيءَ جا جلترنگ وڄن ٿا ۽ پنهنجي خوشي جي دائميت غم جي دائميت کان گهرن ٿا، جيئرا جاڳندا خوشيءَ جا احساس دائمي مري ويل غم جي اڳيان جهڪن ٿا، خوشيون غمن کان خوشيون گهرن ٿيون، اسان انسان جا احساس بہ عجيب آهن ان خوبصورت جوڙي کي ڏسي مان بہ ماضيءَ جي خوبصورت وادين ۾ گم ٿي ويس.

سرڪش سنڌي لاءِ سرمد چانڊيئي شعر لکيو هو تہ:

جهڙو سرڪش ٿيندو آهي
ڦوهہ وهيءَ جو پهريون عشق

ڦوهہ وهيءَ جي پهرين عشق جا خمار سڄي عمر رهن ٿا. يونيورسٽي جو ڪئمپس، شديد ترين گرمي ۾ ڊپارٽمينٽ کان سي ايل ٽائين پنڌ اچڻ ۾ ڪيس پوائنٽ تي ويهاري اڪٽرين سان الوداع ڪري واپس ايندو هئس تہ رستي ۾ ملندڙ دوست مرڪندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪوئي دوست چئي بہ ڇڏيندو هو، ”وس پڄئي تہ گهر جي در تائين ڇڏي اچينس“ وقت بس درياهہ وانگر وهندو رهي ٿو اسان اتي ئي بيٺا هوندا آهيون ۽ عمر ۾ وڏا ٿيندا ويندا آهيون، خير ماضي جي وادين جا قصا بہ لکبا ۽ پنهنجي پرپور محبت جا بہ. سڄو ڊوما گهميوسين يورپ جي ڪليسائن جو هڪ عجيب ئي ماحول ٿئي ٿو. مذهبي عنصر اڄ بہ اسان کي ملي ٿو جيتوڻيڪ اهو ڪٽرپڻو ناهي رهيو، پر پوءِ بہ ماڻهو عبادت جي نيت سان بہ اچن ٿا. شايد هتي ويٽيڪن سٽي آهي ۽ پوپ جي هجڻ جي ڪري ماڻهن تي مذهبي اثر مسلسل رهي ٿو. باقي يورپ مان تہ شايد اهو اثر ختم ٿي ويو آهي. ڊوما جي تہ خاني ۾ هڪڙو ميوزيم هو جيڪو ڊوما جي ٺهڻ ڪانپوءِ دريافت ٿيو هو ساڳي ٽڪيٽ ۾ اهو بہ ڏسي سگهجي ٿو سو هيٺ تہ خاني ۾ لهي وياسين اتي پراڻيون صديون گذري ويل درويشن جون قبرون هيون جيڪي بعد ۾ دريافت ٿيون ۽ هر قبر جي اڳيان هڪ ڪتبو لڳل هو جنهن تي هر درويش جي پوري تاريخ لکيل هئي تہ خانو ڪافي سوڙهو هو ان ڪري گهمڻ ڦرڻ لاءِ سوڙها رستا ٺهيل هئا، پر رستن کي هڪ تہ



اهڙي طريقي سان ناهيو ويو هو جو سياح هڪ هڪ شيءِ ڏسي سگهن ان ڪانسواءِ رستي جي ٻنهي پاسن کان گلدان رکيل هئا جيئن گهمندڙن کي تہ خانن ۾ بہ خوبصورتي جو احساس ٿئي هڪ هڪ درويش جي قبر تي اچاتري نظر وجهندا اڳتي وڌياسين هتي بہ جيئرن کان وڌيڪ مري ويلن کي مرتبو ڏنو وڃي ٿو. گمنام مري ويل جنهن ۾ شايد ئي ڪنهن کي ڪائي دلچسپي هجي جن زندگيءَ ۾ شايد ئي ڪوئي ذڪر جوڳو ڪم ڪيو هجي، پر سندن موت اتي ٿيو جتي ڊوما آهي ان ڪري شايد سندن مان وڌي ويو، پر ان کان بہ وڌو سبب اهو ٿي سگهي ٿو تہ سياحت کي وڌائڻو هو. هڪ نئين ڪشش پيدا ڪرڻي هئي ان جي ڪري گمنام ماڻهن کي بہ تاريخ ۾ اهم بڻايو ويو آهي ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن خاص مقصد تحت ايئن ڪيو ويندو آهي، ڪجهہ مخصوص مفاد هوندا آهن انهن جي پورائي لاءِ گمنامن کي بہ نامور ڪري پيش ڪيو ويندو آهي نوان هيرو پيدا ڪيا ويندا آهن، انهن کي بهادر ڪري پيش ڪيو ويندو آهي، پر ايئن هوندو ناهي. جيئن اڪبر جي زماني ۾ شيخ احمد سرهندي جي ڪائي حيثيت نہ هئي هڪ غير معروف قسم جو ماڻهو هو. اڪبر اهو مغل بادشاهہ

هو جنهن باقاعدگي سان مغل سلطنت جو پايو رکيو ننڍين ننڍين رياستن کي گڏ ڪري مغل سلطنت ۾ ضم ڪيائين. تمام وڏي پئماني تي سڌارا ۽ تبديليون آنڊائين جنهن سان مغل سلطنت کي مضبوطي ملي. پهريون ڪم جيڪو اڪبر ڪيو اهو مقامي هندو چڱن مڙسن کي برابري جي بنياد تي اقتدار ۾ شريڪ ڪيائين پيو ايرانين کي پنهنجي دربار ۾ شامل ڪيائين. ايران جي هزارين سالن جي ثقافتي، ادبي ۽ علمي تاريخ آهي. علمن جي سالن کان نسل در نسل منتقلي جي ڪري ايرانين ۾ ڏاهپ ۽ علم نمايان نظر ايندو آهي. ايراني پلا منتظم هئا ۽ سندن شعر ۽ شاعري ۽ موسيقي سان شوق بہ تمام گهڻو هو. اڪبر جي پاليسي تمام زبردست هئي هن هر طبقي کي اقتدار ۾ شريڪ رکيو. ڪين برابري جو درجو ڏنو ان جي ڪري هر هڪ رياست کي پنهنجو سمجهڻ لڳو. هندن مٿان ڍل ختم ڪيائين ڇو تہ ان سان هندن ۾ غلاميءَ جو احساس پيدا ٿيندو هو ۽ هو مغل حڪومت کي غاصب سمجهندا هئا ڍل ختم ٿيڻ سان هو مسلمانن جي برابري ۾ اچي ويا ۽ رياست ۾ پنهنجو پاڻ کي ايئن ئي ڀاڱي ڀائيوار ۽ مضبوط سمجهڻ لڳا جيئن مسلمان. تنهن کان سواءِ اڪبر جي دور ۾ ڳئون کي ذبح ڪرڻ جي جهل هئي ڇو تہ ان سان هندو عوام جي جذبن کي ڇيهو رسندو هو.

شيخ احمد سرهندي اڪبر جي مقابلي ۾ ڪا حيثيت نہ رکندو هو، پر پوءِ بہ پيو مخالفت ڪندو هو، هو مذهبي رواداري جو شديد مخالف هو سندس چوڻ هو تہ هندن کان ڍل ضرور وٺڻ گهرجي ڇو تہ ان سان ڪين ذلت جو احساس هميشہ رهندو ڳئون کي ذبح ڪرڻ اسلام جي مطابق آهي گهڻو ڪري محفلن ۾ اڪبر جي ان پاليسي جي شديد مخالفت پيو ڪندو هو. ايرانين جو بہ شديد دشمن هو ايراني جيئن تہ شيعا فرقي سان تعلق رکندا هئا ان ڪري شيخ احمد سرهندي ڪين اسلام جو دشمن ۽ بدعت پسند چوندو هو.

اڪبر جي شخصيت ايتري مضبوط هئي جو ان جي اڳيان سندس تحريڪ انتهائي بري طريقي سان ناڪام ٿي وئي، پر جهانگير جي دور ۾ سندس تنقيدي انداز وڌيڪ سخت ٿي ويو سنڌي ۾ چوندا آهن تہ "ڳوهہ کي ڪٽي ڪتي تہ ڳولي گهر شڪارين جا" شيخ احمد سرهندي هڪ خواب جو ذڪر ڪيو تہ هو خدا سان وڃي مليو آهي سندس خواب جي ان ذڪر عوام ۽ مذهبي ماڻهن کي مشتعل ڪري ڇڏيو. جهانگير کي بهانو ملي ويو همراهہ کي ڪٽي ڪاٽ ۾ وڌائين ڪيس گواليار جي قلعي ۾ بند ڪيو هئائين 1920 ۾ هي همراهہ ٻيهر تاريخ جي سرد خانن مان ٻاهر ڪڍي عوام آڏو پيش ڪيو ويو، تاريخدانن جي هڪ گروهہ ڪيس عوام آڏو هيرو ڪري پيش ڪيو. اهو مشهور ڪيائون تہ اڪبر وڏو لعنتي هو جنهن اسلام ۽ اسلامي سڃاڻپ کي وڏو ڇيهو رسايو. جيڪڏهن احمد سرهندي نہ هجي ها ۽ اڪبر جي الحاد جو مقابلو نہ ڪري ها تہ سڄي ننڍي کنڊ مان مسلمانن جو وجود ختم ٿي وڃي ها هن گروهہ جو خاص مقصد شدت پسندي پکيڙڻ هو. اڪبر اسلام دشمن ٿي پيو ۽ احمد سرهندي "مجدد الف ثاني" تاريخ جي سرد خانن مان ڪڍهن نوان هيرو ٺاهيا ويندا آهن. هر ڳالهہ جو هڪ تاريخي پسمنظر هوندو آهي ميلانو جي ڊوما ۾ اهي قبرون سياحت کي زور وٺرائڻ لاءِ آهن ۽ هتي جا اهڙا هيرو شدت پسندي کي وڌائڻ لاءِ.


انهن غير معروف بزرگن جي قبرن مان نڪري ٻاهر آياسين انعام کي چيم تہ بک پئي لڳي ان لاءِ پيٽ پوڄا ڪجي. ان کانپوءِ ڊوما جي ڇت تي چڙهي پورو نظارو ڪجي ٿو ٻاهر نڪتس تہ زبردست اس نڪتل هئي جنهن عجيب سرور ۽ ڪيف جو احساس پيدا ڪيو.

ڊوما جي ڏاڪڻين تي سوين سياح ويٺا هئا ۽ گورين سياح عورتن جون اس جي تڙڪي ۾ ٽنگون چمڪي رهيون هيون اسان وٽ ڪوئي اهڙو نظارو نظر اچي تہ ماڻهن جا وات ڦاٽي وڃن، پر هتي زندگي تي ڪو خاص اثر نہ پيو پوي زندگي روان دوان هئي. پرسان ئي اسٽار بڪس جو ڪافي شاپ هو جتي مون ڪافي پيتي برگر ڪاڌو ۽ ٻاهر لان ۾ مزو ورتو ڪجهہ ساهہ ۾ سامت آئي ۽ جسم ۾ ساهہ پيو ٻئي اٿياسين تہ ڊوما جي ڇت تي چڙهي پوري شهر کي ڏسجي. پر ڊوما جي ڇت تي وڃڻ لاءِ هڪ ڊگهي قطار هئي ۽ ڊوما ڪنهن محبوبہ وانگي بالم ٻڌجي بي پرواهہ لڳي ويٺي هئي ڪيس اها خبر بہ نہ هئي تہ لاڙڪاڻي مان هزارين ميل پري سندس ديدار لاءِ ڪوئي آيو آهي.

قطار جي ڊيگهہ جو اندازو لڳائي محسوس ڪيم تہ بہ ٽي ڪلاڪ لڳي ويندا ۽ شهر جو پيو حصو ڏسڻ کان رهجي ويندا سين ايترو انتظار بہ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو آهي ان لاءِ فيصلو ٿيو تہ ڊوما جي ڇت تي نٿا وڃون مير تقي مير جو شعر آهي تہ:

اب تو بت خاني سي جاتي هين مير
ڦر ملين گي اگر خدا لايا

زندگي رهي ۽ ٻيهر اچڻ ٿيو تہ ڊوما جي ڇت جو سير ضرور ڪبو ڏسڻو هو هاٽي يوني ڪريڊيٽ ٽاور، اهو يورپ جو ڪافي وڏو نيٽ ورڪ آهي جيڪو دنيا جي سترهن ملڪن ۾ آهي اصل ۾ هي ٽاور ميلان جي حصي پورتا نووا(Porta Nuova) جنهن جو سنڌي ۾ ترجمو نئون دروازو ٿيندو. پورتا نووا ميلان جو ڪاروباري علائقو آهي جتي سڀ نيون عمارتون آهن جنهن کي پاڻ قديم شهر جي وچ ۾ هڪڙو ننڍڙو جديد شهر چئون تہ ٺيڪ رهندو، مون کي اهو جديد شهر ڏسڻ جو شوق هو. سج لٿڻ وارو هو ميلان جي رستن تي روشنيون ٻرڻ لڳيون، هوا ۾ ٿڌ وڌي رهي هئي ۽ زندگي ڪوهيڙي ۾ لڪڻ لڳي هئي اڄ ميلان کي ڇڏڻو هو ۽ هڪ نئين منزل تي وڃڻو هو مون گوگل ميپ کي کولي پورتا نووا لکيو تہ فاصلو ڪجهہ ڪلو ميٽر پيو اچي مان پنڌ ڪرڻ جو هوندئن ئي شوقين آهيان پنڌ ڪرڻ سو بہ يورپ ۾ ۽ اهو وري ميلان ۾ اهڙي خوبصورت موسم ۾ ڪهڙو ڪافر ٿو ٽرام يا ميٽرو ۾ گهمي. ڊوما کان پورتا نووا سفر پيرين پنڌ ڪيوسين ڪلاڪ اندر وڃي پورتا نووا پهتاسين، هڪ وڏي ميدان ۾ اچي بيٺاسين جنهن جي چوڌاري جديد عمارتون هيون جيڪي آسمان سان ڳالهيون پيون ڪن. ننڍڙو نيو يارڪ پيو لڳي. يوني ڪريڊٽ ٽاور جنهن جي اوچائي 231 ميٽر يا 758 فوٽ آهي ڪانئي ڪديو بيٺو هو 4.8 بلين يورو جي ڪل لاڳت سان ٺهيل هي ٽاور يوني ڪريڊٽ بينڪ جو هيڊڪوارٽر آهي وڏي ميدان جي وچ ۾ هڪ وڏو ڦوهارو جنهن مان رنگ برنگي ڦوهارا نڪرن ۽ بند بہ ٿين پيا مون کي اهو ڦوهارو ڏاڍو خوبصورت لڳو سوچيم تہ ٻارڙن کي ڏيکاريان ڏسي خوش ٿيندا ۽ مان ڪين ڏسي خوش ٿيندس. ڪال ڪئي تہ جاڳن پيا اسود منهنجو ننڍڙو پٽ انهن ڦوهارن کي ڏسي ڪو خاص متاثر نہ ٿيو پر مون کي ڏسي تمام گهڻو خوش ٿيو رميسا لائيو پاڻي وارا رنگ ڏسي تمام گهڻي خوش ٿي. سرمد مون سان ڪچهري ڪئي ان کانپوءِ سندن ماءُ کي ٻڌايم تہ ميلانو کانپوءِ اسان جو سفر پيرس ڏانهن آهي. ....



(هلندڙ)....

# اکري سئو وکري

## بيت_ شاهہ لطيف

همسري

**ڳنجهي1 ڪيرَت2 ڪينرو3، واڄو4 وِلاتي،**
**هَنئي تَندُ حُضوُرَ5 ۾، تَنهن پارِسَ6 پيراتي7،**
**ڏِسَنديئي ڏِياچَ ڪي، ظاهِرُ ٿيو ذاتي8،**
**ڳَڏي تَنهِن ڪاتي، وِڌو ڪَرٽ9 ڪَپارَ ۾.**

**ڏکين اکرن جي معنيٰ:**

1. **ڪنجهي**- رون رون ڪري وڃي. 2. **ڪيرت**- راڳ. 3. **ڪينرو**- سُرندو. 4. **واڄو**- ولايتي ساز. 5. **حضور**- راجا جي حضور ۾. 6. **پارس**- پارس جهڙو شخص. 7. **پيراتي**- سربستي پيرائتي. 8. **ذاتي**- نور يا جوهر. 9. **ڪرٽ**- خنجر. 10. **ڪپار**- ڪنڌ.

****

## پهاڪو

همسري

### ڪُڪڙن دس نہ ڏنا، تہ ڇا صبح نہ ٿيندو؟

معمولات جا ڪم ٿيندا رهندا، ڪنهن جي چاهڻ يا نہ چاهڻ سان يا رنڊڪ وجهڻ سان ڪجهہ بہ نٿو ٿئي.

****

مختصر ڪهاڻي

## مدرس ڊي

**زاهد منگي**

هن ٿوري دير اڳ پنهنجي فيس بُڪ وال تي مدرس ڊي تي پوڙهي ماءُ سان گڏ نڪتل سيلفي "امڙ تنهنجي عظمت کي سلام" جو ڪيپشن ڏئي رکي تہ سندس دوستن جا لائيڪ ۽ ڪمينٽس اچڻ شروع ٿي ويا، جن کي ڏسي بيحد خوش ٿيندي هر ڪمينٽس کي لائيڪ ڪري رپلاءِ ڏئي رهيو هو تہ پرسان وينل ماءُ چيس ابا تاس لڳي آ پاڻي ڊڪ تہ پيار" چيائين تہ: "امان پاڻي ڊڪ بہ تون پنهنجي پيٽ ۾ پري نٿي پئين اهو بہ مان ڏيانءِ!؟

****

## چونڊ قول

**همسري**

- جيڪڏهن تنقيد ئي ڪرڻي هجي تہ نرم لهجي ۾ ڪريو ڇو تہ نرم لهجو ضمير جاڳائي ٿو جڏهن تہ سخت لهجو انا کي جاڳائي ڇڏيندو آهي.
- حقيقت ۾ غلط ڳالهہ کي برداشت ڪرڻ کي ئي برداشت چئبو آهي، ڇو تہ سٺي ڳالهہ کي برداشت ڪرڻ جي ضرورت ناهي هوندي.
- ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ ماڻهو ٻين کي بيوقوف سمجهي رهيا هوندا آهن، پر اصل ۾ اهي انهن هوشيار ماڻهن جي چالاڪين کي نظرانداز ڪري رهيا هوندا آهن.
- سڀني کي ٻين جي خبر هوندي آهي، پر اهي ماڻهو پنهنجي باري ۾ لا علم هوندا آهن.

****

نئين ڪويتا

## عيسيٰ ميمڻ

تون منهنجو وشواس آهين
۽
وشواس جو سبب بہ آهين،
مان توکي ڪهڙي امڪان ۾ رکان،
تون منهنجي جاڳ بہ آهين
جاڳ جو ڀاڳ بہ آهين،
منهنجي مقدر جي هر لڪير
تو تائين پهچي گم ٿي وڃي ٿي،
تون منهنجو سپنو آهين
هر سپني جي ساڀيان آهين،
مان توکي ڪهڙي نانءُ سان سڏيان
هر نانءُ تنهنجي نانءُ اڳيان
بي معنيٰ بڻجيو پوي.
مان ڪهڙي دل سان توکي محسوس ڪريان
هر دل ۾ ڌڙڪن تنهنجي آهي،
جيڪا بہ ڪائنات ۾ ادا وسي ٿي،
هر ادا ۾ تنهنجي ادا رهي ٿي.
اڄ جڏهن تنهنجو جوڀن موٽي رهيو آهي
ڪائنات جا رنگ اڏرڻ لڳا آهن،
ها پر پوءِ بہ منهنجي ساهہ ساهہ ۾
تون اڳ جيان آهين،
منهنجي ڪائنات آهين
ڪائنات جي هر رنگيني
اڄ بہ
توسان ئي منسوب آهي.

****

هيلٿ ٽپ

**همسري**

## ونگي جا فائدا

ونگي مينهن جي مند ۾ پيدا ٿيڻ وارو فروٽ آهي، ونگي جڏهن ننڍي هوندي آهي تڏهن نرم ۽ ذائقيدار هوندي آهي. گرم موسم ۾ ونگي کائڻ صحت لاءِ تمام گهڻي راحت بخش ۽ اڄ کي اجهائيندڙ آهي، رت جي گرمي کي ختم ڪري ٿي ۽ جگر جي سوڄ ۾ فائديمند آهي. پيشاب جي تڪليفن ۾ تمام فائديمند آهي. بدن ۾ سنڌن جي سور کي ختم ڪري ٿي، بک وڌائي ٿي، آن ۾ پاڻياٺ جي گهڻي هجڻ ڪري جلد هضم ٿي وڃي ٿي. مثاني جي تڪليفن لاءِ تمام مفيد آهي، مادي جي گرمي کي ختم ڪري ٿي. ان کي کائڻ وقت گهڻو چٻاڙي ۽ گهٽ مقدار ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي تہ جيئن جلد هضم ٿي وڃي. ڪڙي ونگي جا اهي فائدا آهن تہ اها مثاني جي پٿري کي ٽوڙي ٿي ۽ مثاني جي اندر جمع ٿيل مٽيءَ کي صاف ڪري ٿي. گرم موسم ۾ ان کي ٻنپهرن جي ماني ۾ سلاد جي طور تي استعمال ڪرڻ سان ڪاڏو جلد هضم ٿي وڃي ٿو.

# سنڌ فوڊ اٿارٽي
## گورنمينٽ آف سنڌ

No. D.G/DIR (OPR)/SFA/5-84/2019 Karachi

بتاريخ 16 اپريل 2019

# نوٽيفڪيشن



سنڌ فوڊ اٿارٽي ايڪٽ 2016 جي سيڪشن (22) تحت مليل اختيارن هيٺ ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي عام تجزيہ ڪارن پاران عوامي صحت ڪي پيش ايندڙ خطرن بابت ڏنل رپورٽ ڪانپوءِ مان هڪ اعليٰ قانوني عملدار جي حيثيت ۾ برف جي فيڪٽرين ۾ ڪير ڪي ڄمائڻ واري عمل، ذخيرو ڪرڻ ۽ ان جي نقل ۽ حرڪت تي هنگامي پابندي لاڳو ٿو ڪريان.

جيستائين برف وارين فيڪٽرين ۾ ڪير ڪي ڄمائڻ واري عمل بابت، عوامي صحت ڪي پيش ايندڙ خطرن ڪي آڏو رڪندي برف فيڪٽرين پاران جوڳا قدم ڪنيا وڃن.

1. لوهہ جي ڍٻن ۾ زنگ (ڪٽ) لڳي وڃي ٿو، جيڪو ڪير جي معيار لاءِ خطرناڪ آهي.
2. لوهہ جي ڍٻن جي اندروني بناوٽ غير معياري هجڻ ڪري اُنهن جي صفائي ممڪن ناهي.
3. ڄميل ڪير جا وڏا ٽڪرا برف جي ڪارخانن ۾ غير معياري ۽ گندي فرش تي رکيا وڃن ٿا. (جنهن ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار جراثيم پيدا ٿي وڃن ٿا).
4. ڪڏهن ڪڏهن ڪير ڪي ڄمائي گهڻي عرصي لاءِ رکيو وڃي ٿو (هي ٻئي عمل ڪير لاءِ ڪيميائي ۽ حياتياتي طور هاڃيڪار آهن).
5. ذخيرو ٿيل ڪير ٻاهرين آلودگيءَ کان بچائڻ گهرجي.

**هي حڪم نامون نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ واري تاريخ کان لاڳو رهندو.**

**(ڊائريڪٽر جنرل)**

**سنڌ فوڊ اٿارٽي**

مري نٿو صحتمند ۽ ٿلها ٿنيرا غلام مري ٿا وڃن. هڪ موقعي تي سندن مٿان پهريدار طور مقرر ٿيل سپاهي پاڻ ۾ ڳالهائيندي چون ٿا ته آخر هي ڪمزور غلام مري ڇو نٿو؟ ٻيو سپاهي کيس ورائي ٿو: "هن ڪميني جي اندر موجود اسان کان شديد نفرت مرڻ نٿي ڏيس". سو مون کي به لڳندو آهي ته هن بگڙيل ۽ ناانصافي سان ڀريل سماج تي منهنجي اندر ڀريل نفرت مون کي مرڻ نٿي ڏي، هونئن مون کي پڪ هئي ته مان جواني ۾ ئي مري ويندس.

ارم: وفا؟

انعام شيخ:

**وفا ڪٿي نه رهي آ، وفا تلاش نه ڪر،**
**خدا جي واسطي اهڙي خطا تلاش نه ڪر. (نثار بزمي)**

***

**بيوفا يرا ڪنون ڪتا يار ڪريجي! (سرائيڪي چوڻي)**

**ارم: ثقافت ؟**

**انعام شيخ:** خدا جن قومن تي راضي ٿيندو آهي انهن کي شاندار ثقافت ڏيئي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن ناراض ٿيندو آهي ته ڪانئن اعليٰ ثقافتي قدر ڦري ڪين غلام، پست ۽ معمولي بڻائي ڇڏيندو آهي. ثقافت ڪنهن به قوم جي مجموعي پورهئي جي عظيم حاصلات آهي جيڪا کيس وسيع انساني سماج ۾ سڃاڻپ ۽ انفراديت بخشي ٿي. سنڌي ثقافت به دنيا جي شاندار ورثن مان آهي، پر سماجي ناانصافين، ڪرپٽ سياسي سرشتي ۽ اجتماعي قومي بي حسي سبب زوال جو شڪار آهي جيڪڏهن اسان ان زوال کي نه روڪيو ته وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. موجوده دور ۾ به ثقافت جي ايتري اهميت آهي جو مغربي عالم چون ٿا ته مستقبل جون جنگيون ثقافت جي بنياد تي وڙهيون وينديون.

**ارم: سياست ؟**

**انعام شيخ:** سياست ڪانسواءِ ڪوبه معاشرو اڌورو آهي بلڪ قومن جي عروج ۽ زوال کي سياست ئي طئي ڪندي آهي. سنڌ جي سياست جو الميو اهو آهي ته ان کي رٿابندي ۽ منصوبن سان برباد ڪيو ويو آهي ۽ هاڻ سياستدانن جي نالي تي جاهلن، ڪاهلن ۽ بدعنوانن جا ٽولا سنڌ جي نمائندگي ڪري رهيا آهن. انهيءَ صورتحال جو ذميدار سنڌ جو پڙهيل لکيل ۽ سمجهدار طبقو آهي جنهن سياست کان ڪنارا ڪشي اختيار ڪري ان کي اهڙن هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي جن کي گڏيل ۽ قومي مفاد نالي ڪنهن شيءِ سان آشنائي ناهي.

**ارم: سوشل ميڊيا ۽ اسان ؟**

**انعام شيخ:** سوشل ميڊيا هڪ ٻه ڌاري تلوار آهي جنهن جو ذميداري ڀريو استعمال سماج ۾ هاڪاري تبديلي آڻي ٿو. جڏهن ته غير ذميدار رويو تباهه ڪن ثابت ٿئي ٿو. ان ڪري جو ان ميڊيا ۾ توهان پاڻ ايڊيٽر، پروف ريڊر، پيشڪار ۽ ذميدار آهيو. مان سمجهان ٿو ته ابتدائي طور (جيئن اسان وٽ واضح آهي) وڏي ڌاڙهي پٽ ۽ ويڙهاند ٿيندي هر ٽٽي ٽامڻي هڪٻئي تي الزام هڻندو پر وقت گذرندي سچا ۽ هاڪاري ماڻهو برتري حاصل ڪري وٺندا. سوشل ميڊيا هڪ اهڙو آئينو آهي جنهن ۾ توهان جا جهڙا پرڪار هوندا اُهڙي شڪل نظر ايندي. تنهنڪري هن ميڊيم ۾ احتياط ۽ سچائي جي سخت ضرورت آهي.

**ارم: اسان جا نوجوان ؟**

**انعام شيخ:** پوئين ٽهي ۽ موجوده ٽهي ۾ هڪ وڏو خال آهي. ان جو سبب اڳين ٽهي طرفان ادارا سازي ڪرڻ ۾ ناڪامي ۽ جديد دور جي تقاضائن موجب هڪ مهذب سماج جي اڏاوت ۾ مناسب ڪردار ادا نه ڪرڻ آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن اسان جو نئون نسل گمراهه ٿئي ٿو ۽ سندس ترجيحون معمولي سطح جون ٿين ٿيون ته ان ۾ سندس ڏوهه گهٽ اسان جو وڌيڪ آهي. بنيادي طرح سنڌ جو نوجوان باصلاحيت آهي، پر ادارن ۾ ميرٽ ۽ تربيت جي اڻاٺ سبب سندس مجموعي ڪارج ساراهه ڀريو ناهي. سنڌ جي نوجوانن مان ٿورو انگ مثالي صلاحيتون رکي ٿو، پر اڪثريت انتشار، بي راهه روي جو شڪار آهي. ڇاڪاڻ ته گهرو زندگيءَ جي حساب سان هو ارڙهين صدي ۾ ويٺو آهي جڏهن ته عملي طرح کيس ايڪيهين صدي ۾ رهڻو ٿو پوي.

**ارم: سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا ؟**

**انعام شيخ:** اها ميڊيا زوالي ميڊيا آهي. سرڪاري ادارا تباهي، لاوارثي ۽ بدعنواني جي ور چڙهيل آهن، جڏهن ته خانگي اليڪٽرانڪ ميڊيا نان پروفيشنل ۽ جوڪن مالڪن يا منتظمين جي ور چڙهيل آهي تنهنڪري سنڌ جي اجتماعي معاملن تي سندس بهتر ڪردار هوندي به اها پنهنجي جوهر ۾ پوئتي پيل ۽ ڏتڙيل آهي، سو سمجهان ٿو ته ڊگهي عرصي تائين اها اسان جي سماج کي هاڪاري رخ ۾ وٺي هلڻ کان قاصر ۽ اسان جي روايتي، ثقافتي قدرن ۽ جديد دور جي روين کي هم آهنگ ڪري اڳيرو ٿيڻ کان لاچار آهي.

**ارم: سماج مان ڪا منفي شيءِ رد ڪرڻ جو اختيار ملي ته ؟**

**انعام شيخ:** انساني تذليل ڪرڻ وارن عملن کي هميشه لاءِ پاڙون پٽي ڇڏيان ۽ پاڻ سميت هر سنڌي جي لاءِ پڇاڻي جو مڪينزم جوڙيان.

**ارم: سانپيان ؟**

انعام شيخ: **صليب جاڳ اسان کي مسيح خواب مليا،**
**اڪيون اڪيون نه رهيون ايترا عذاب مليا. (مظهر لغاري)**

لڳي ٿو ته ننڍپڻ کان هڪ آزاد، انسان دوست ۽ انصاف ڀريي سنڌي معاشري وارو خواب دنيا کان موڪلاڻي تائين سانپيان نه ٿي سگهندو. شخصي توڙي قومي حاصلات جي حوالي سان مان پاڻ کي هڪ محروم انسان سمجهندو آهيان. ڇاڪاڻ جو زندگي جي ابتدا ۾ ئي مون کي احساس ٿي ويو هو ته پئسو ۽ مرتبو ڪڏهن به خوشي خريد نٿا ڪري سگهن..Life is somewhere else

**ارم: شڪايت ؟**

**انعام شيخ:** تمام گهڻيون شڪايتون آهن، پر نارائڻ شيام جو هي شعر انهن شڪايتن جي آڏو سدائين آٽت جو سبب بڻبو آهي:

**زندگي مسئلا هزار مگر،**
**مرڪ تنهنجي سين جو حل آهي.**

**ارم: سنڌ ؟**

**انعام شيخ:** ماضي ڏور توڙي ويجهي ماضي ۾ ته سنڌ وڏي ڳالهه هئي، پر جيتري گڏريل چاليهن سالن ۾ تبديل ٿي آهي، اوتري گذريل ٻن صدين ۾ به نه ٿي هوندي. مان مايوس ماڻهو ته ناهيان، پر عقلي طرح سوچيندي مستقبل ڪو چڱو نٿو لڳي. البته روحانيت ۾ يقين رکڻ سبب مون کي هڪ احساس آهي ته ڪي ماورا قوتون سندس حق ۾ آهن، جيڪي شايد کيس مڙني بحرانن مان ڪڍي پار ڪن. ان هوندي به جيڪڏهن ماءُ لفظ کانپوءِ مون زندگيءَ ۾ حسين، نفيس، دل ڇهندڙ لفظ/آواز ٻڌو آهي ته اهو "سنڌ" آهي.

رپورٽ

# سنڌي ادبي سنگت شاخ نصيرآباد جي گڏجاڻي

**ستار سومرو**

سنڌي ادبي سنگت شاخ نصيرآباد جي گڏجاڻي ڪامريڊ ضمير شيخ ميموريل لائبريري تي ٿي گذري. جنهن جي صدارت نوجوان شاعر ساحل قلپوٽي ڪئي. پروفيسر ستار سومري، آسي امين ۽ گلزار چني پنهنجا آسر پيش ڪيا، جن تي شريڪ ساٿين تفصيلي ويچار ونڊيا. "مارڪسي تنقيد جو تعارف" مضمون تي راءِ ڏيندي مقررن چيو ته گلزار چنا ترجمي ۾ سگهاري ٻوليءَ جو استعمال ڪيو آهي جنهن ۾ مضمون اصلوڪو محسوس ٿئي ٿو. تنقيد جو موضوع تمام پيچيده آهي، ان ڪري دوست پنهنجو مضمون تخليق ڪري اڃا وڌيڪ ان موضوع کي آسان ٻوليءَ ۾ بيان ڪري. پروفيسر ستار سومري جي مضمون "تنوير عباسي جي لطيف شناسي" تي مقررن ڳالهائيندي چيو ته ستار سومري ڊاڪٽر تنوير عباسي جي ڪتاب تي تبصرو ڪيو آهي جنهن سان سٺو نباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، مضمون ۾ ٻوليءَ جو تسلسل برقرار رکڻ تي ستار صاحب کي جس آهي. موضوع کي اڃان به وڌيڪ واضح انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر صاحب جي ڪتابن جا باب ۽ صفحا حوالي طور لکڻ کپندا هئا. آسي امين جي غزل تي ڳالهائيندي ساٿين چيو ته غزل جون فني گهرجون پوريون ڪيون ويون آهن، پر ڪٿي ڪٿي جهول به نظر اچن ٿا جنهن تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي. گڏجاڻيءَ ۾ سعيد لوهار، احسان جويو، گلزار چنا، آسي امين، ساحل قلپوٽو، سارنگ چنجڻي ۽ ستار سومرو شريڪ ٿيا.

---

رپورٽ

# حضرت سچل سرمست جو 198هون عرس مبارڪ جو احوال

**ذوالفقار علي جلباڻي**



هر سال جيان هن سال به سچل سرمست جو عرس درازا شريف ۾ ملهايو ويو. هن عرس مبارڪ جي افتتاحي تقريب سنڌ سرڪار جي صوبائي وزير اوقاف فراز حسين ڏيرو، درگاهه شريف جي گادي نشين عبدالحق فاروقي صاحب ۽ ٻين مزار شريف تي گلن جي چادر چاڙهي سرڪاري تقريب جو افتتاح ڪيو. ٻئي طرف وري سچل سائين جي عرس موقعي تي هر سال منعقد ٿيندڙ سچل يادگار مشاعرو ٿيندو آهي انهيءَ مشاعري کي به سرڪاري تقريب مان ٻاهر ڪيو ويو. انهيءَ مشاعري جي روايتي ڳالهه کي برقرار رکڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت خيرپور پاران سچل سرمست يادگار مشاعري جي تقريب مظهر ماڊل اسڪول راڻيپور ۾ رئوف پارس دايو جي صدارت ۾ تقريب ڪرائي وئي. هن مشاعري جو خاص مهمان اوقاف کاتي جو چيف ايڊمنسٽريٽر منور علي مهيسر صاحب هو. عرس جي موقعي تي نامياري ڪلاسيڪل رقاصه شيما ڪرماڻي سچل سائين جي ڪلام تي رقص ڪيو. ٽن ڏينهن واريون تقريبون ٿي گذريون آخري ڏينهن تي ثقافت ۽ سچل يادگار ڪاميٽي پاران ادبي ڪانفرنس به ڪئي وئي جنهن ۾پروگرام جي صدارت پروفيسر الطاف اثيم ڪئي. پروگرام ۾ جن مقالا نگارن پنهنجا مقالا پيش ڪيا تن ۾ محمد ابراهيم ڪرل، محمد علي پٺاڻ، پروفيسر سرور سيف، ڊاڪٽر عائشه ڏاريجو، ڊاڪٽر مهر خادم، حبدار علي جاگيراڻي، حسن شيخ ۽ ٻيا هئا. ڪانفرنس ۾ ڪيترن ئي سگهڙن پنهنجي بيتن جي ذريعي سچل سائين کي ڀيٽا به پيش ڪئي ۽ هن نشست جي صدارت، چيف ايڊمنسٽريٽر منور علي مهيسر ڪئي. هر سال جيان هن سال به ايوارڊ تقريب به ٿي جنهن ۾ مختلف شعبن سان واسطو رکندڙن جي نمايان ڪارڪردگي تي سچل ايوارڊ ڏنا ويا تن ۾ بهترين مقالا نگار جو ايوارڊ غوث بخش عباسي کي، بهترين شاعر جو ايوارڊ هدايت بلوچ کي ڏنو ويو. بهترين راڳي جو ايوارڊ ممتاز ڪنول کي ۽ بهترين صوفي راڳي جو ايوارڊ رجب ۽ سلامت ۽ سهراب فقير، پورل پٽني ماڻيا. ساڳي طرح سنڌ جي ثقافت ۽ ملهه پهلواني ڪندڙ جو ايوارڊ عبدالقادر ميتلو ۽ محمد صديق بگٽي کي مليو. اهڙي طرح بهترين سگهڙ جو ايوارڊ خليل مهيسر ۽ بهترين ڪارڪن جو ايوارڊ، ڊسٽرڪٽ انفارميش آفيسر سيد ساجد حسين کي ڏنو ويو. جڏهن ته سگهڙ درمحمد سهتو کي لائيف اچيوَمينٽ ايوارڊ ڏنو ويو. ان کان اڳ سچل يادگار ڪاميٽي پاران سرمست 40 ۽ سوونيئر 30 ۽ اطلاعات کاتي پاران "حق موجود" رسالي جي مهورت پڻ صوبائي وزير اوقاف فراز حسين ڏيرو ۽ ٻين مهمانن کان ڪرائي وئي.

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

مزاح

# بيواهه مڙس

**صدام لاشاري**

لالو ڊيرا نالي ڳوٺ ۾ اهي ماڻهون آباد هئا جن جون شخصيتون هوبهو جانورن جهڙيون هيون ۽ سندن حرڪتن ڪان وٺي ڪمن تائين چال مڙئي ساڳي هئي. تن جا نالا به مائرن افلاطون جي افواهن کي ڳولڻ ڪانپوءِ رکيا، جن ۾ جانو ڪوڪڙائي، نورو نوريئڙو، گامون گڏهه ۽ چقمق چيڙاڪ جهڙا پنهنجو مٽ پاڻ هئا. هر نئين اپرندر سج جيئان انهن کي پنهنجن جانورن جو الڪو لڳي ويندو هو. هميشه جيئان جانو ڪوڪڙائي گهر جا ڪوئنرا ڪپائي پئسن جو پورائو ڪندو هو ۽ انهن ڪوئنرن جي پٽ ۽ پاراتن جي ڪري جانو ڪوڪڙائي هميشه هارائي ايندو هو. نورو نوريئڙو رات ڏينهن وڻ تي نوريئڙي جيئان وينو هوندو هو ان جو چوڻ هو ته جيڪڏهن هو هيٺ لهي آيو ته ڪٽي ڪيس وهنجڻو نه پئي. انهن شخصيتن مان گامون گڏهه سڌريل هو، جنهن پنهنجي زندگي ۾ ڪڏهن به گڏهن ڪانسواءِ ماني ڪونه ڪاڌي هئي. گامون گڏهه لاءِ ڪيترائي رشتا آيا، پر گامون، گڏهن کي نه ڇڏڻ جو چئي اهي رشتا وڃائي ويهندو هو ان ڪري لالو ڊيرا جا رهواسي گامون کي گڏهه چوندا هئا، ايئن گامون جو نالو گامون گڏهه پئجي ويو. انهن سيني ڳالهين تي ۽ لالو ڊيرا جي رهواسين تي سڀ ڪان گهٽي ڪاوڙ چقمق چيڙاڪ کي ايندي هئي، چقمق چيڙاڪ لالو ڊيرا جو سلجهيل فرد هو جيڪو هميشه سيني جي ڳالهين تي چڙ ڪائيندو هو. تنهنڪري ڳوٺ جا سڀ ماڻهون چقمق کي چيڙاڪ چوندا هئا، جنهنڪري نالو چقمق چيڙاڪ پئجي ويس. چقمق چيڙاڪ لالو ڊيرا جي ڳوٺ واسين کان ان ڪري چڙندو هو جو انهن جون عادتون عجيب هيون، انهن جون ريتون رسمون به عجيب هونديون هيون ۽ انهن جو اٿڻ ويهڻ سڄي دنيا کان الڳ ٿلڳ هوندو هو. جيڪڏهن ان ڳوٺ ۾ ڪو ماڻهون مري ويندو هو ته ان جي زال کي رنڙ سڏيو ويندو هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي زال مري ويندي هئي ته ان جي مڙس کي بيواهه سڏيو ويندو هو، جيڪو صفا عجيب هو. پروُ بيواهه کي مُني سان ڏاڍو پيار هو جيڪو هر حال ۾ مُني سان شادي ڪرڻ چاهي پيو، شادي کان اڳ پرو بيواهه مُني جي پتڪڙين پينرن کي پنهنجن ڪلهن تي کڻي ڪرمو ڪلفي واري کان هر روز ڪلفي وٺي ڏيندو هو.

لالو ڊيرا جو واحد ڳوٺ هو جتي سج گرهڻ، چنڊ گرهڻ بجاءِ زمين گرهڻ ٿيو هو، هي اهو وقت هو جنهن مهل مُني جي ماءُ هاتي ديوي، هوٿو حيوان جي ٻني تان پاڻي پرڻ لاءِ نڪتي ان وقت هاتي ديوي کي ديو کان وڏو پيٽ هو. پاڻي پرڻ دوران اچانڪ زمين گرهڻ ٿيو جنهن هاتي ديوي جي ديو جيڏي پيٽ تي اثر ڪيو ۽ هاتي ديوي زمين تي ڪري پئي هڪ ئي وقت هاتي ديوي کي اوڻٽيهه ڇوڪريون پيدا ٿيون جيڪي قد جون ٽي فوٽ ٽي انچ هيون تن جا وار به سندن قد کان وڏا هئا ۽ چهرو وري اهڙو خوبصورت جو حُسن جون حسينائون به افسوس ڪن. انهن منجهان مُني به هڪ هئي انهن اوڻٽيهه ڇوڪرين پويان ڳوٺ جا اوڻٽيهه ڇوڪرا عاشق ٿي پيا جن مان پروُ بيواهه به هڪ هو. عشق ۾ پرو بيواهه سيني ڳوٺ وارن کي پوئتي ڇڏي ڏنو هو. پرو اڪثر چوندو هو ته مڙسن جا قد ناهن ڪڇبا وارو پهاڪو غلط آهي بلڪ صحيح پهاڪو اهو آهي ته حُسن وارن جا قد ناهن ڪڇبا. پرو چوندو هو هي پهاڪو صحيح ان ڪري آهي جو منهنجي محبوب جو قد ننڍو آهي، پر هو انتهائي خوبصورت آهي ان ڪري حسن وارن جا قد ناهن ڪڇبا.


هاتي ديوي جي اوڻٽيهه ڇوڪرين سان لالو ڊيرا جا اوڻٽيهه ڇورا عشق ۾ گرفتار ٿي چڪا هئا. مُني ۽ پرُو بيواهه سان گڏ ماکوڙو راجا،
ڏوڏو خان، ڊوڊُو ڊور،
جلُو جواري ۽ ٻيا عشق ۾ صفا انڌا ٻوڙا
۽ گونگا ٿي چڪا هئا ان جو سبب اهو هو ته هنن کي ڪا ملي نه پئي ۽ هنن کي ڪو وٺي نه پيو. جيئن ئي سج پنهنجي تپش تار ڪري لهڻ جو سوچيندو هو ئي مس ته هيڏانهن وري لالو ڊيرا جا سڀ عاشق هاتي ديوي جي در تي ديرا ڄمائي ويهي رهندا هئا، ايئن نيڻن جا تير هاتي ديوي کي گهايل ڪندي پنهنجي منزل ڏانهن وڌندا هئا. هيڏانهن نيڻ جو ذڪر ٿيو ئي مس ته جلُو جواري پنهنجي محبوب جي نيڻن ۾ ڏسي چيو:

**مون کي عشق تنهنجي وارن سان ٿي ويو،**
**پيارا اڄ نيڻن جا نشانا تنهنجي قد تي آهن.**
**ٻڌوآ سڄي ڳوٺ جا ڇورا توکي ڇڏي ويا،**
**ڳالهه خبرأ پئي واقعي اهي حق تي آهن.**

شعر ٻڌي هاتي ديوي جي گهر ٻاهران واهه واهه واهه جا نعرا لڳي ويا جلُوُ جواري اڃان ڪجهه چوڻ وارو هو ته ڏوڏو خان ان کي پنهنجي هٿن جي اشاري سان روڪيندي چيو ته هاڻي مان پنهنجي محبوب لاءِ شعر چوندس جنهن جو قد ٽي فوٽ ۽ ٽي انچ آهي سيني شعر کان پهريان ئي چيو واهه واهه تنهن تي ڏوڏي خان چيو، ”داد شعر ڪانپوءِ، پهريان شعر ٻڌو“، ڏوڏو خان پنهنجي محبوب جي نيڻن ۾ ڏسي فرمائي ٿو:

**منهنجي لاءِ ڪمرو تنهنجي لاءِ نوڪري هجي،**
**بس تو جهڙي هڪ خوبصورت ڇوڪري هجي.**

هيڏانهن ڏوڏي خان شعر پورو ڪيو هوڏانهن هاتي ديوي جي در تي محفل مچي وئي. هاتي ديوي جڏهن ٻارن کي جنم ڏنو هو تنهن وقت هڪ نجومي چيو هئس ته هنن ڇوڪرين مان ڪنهن جي به شادي ٿي ته اهي سڀ مري وينديون، تنهن تي هاتي ديوي لالو ڊيرا جي عاشقن کي شادي کان منع ڪري ڇڏيو هو، تنهن تي سڀ عاشق هر روز در تي اچي ويهي رهندا هئا ۽ شعر ۽ شاعري ڪندا هئا. وڏا وس ڪرڻ باوجود هاتي ديوي سڳ ڏيڻ لاءِ تيار نه هئي تنهن تي سيني عاشقن وڏيري واڇوڙي کي ساڻ ڪري هاتي ديوي وٽ رشتي لاءِ پهتا، هوءَ وڏيري جا احسان هجڻ ڪري وڏيري واڇوڙي کي جواب نه ڏئي سگهي ۽ شادي پڪي ٿي وئي. شادي ۾ سيني ڳوٺ وارن جهمريون هنيون، دهل وڄايا، نڪاح مس ٿيو ته اوڻٽيهه ڇورن جي ڪنوارن دم ڏڻي حوالي ڪيو ايئن لالو ڊيرا جا اوڻٽيهه گهوٽ



بيواهه ٿي ويا جنهن ۾ پرو بيواهه پڻ هو. ٻئي ڳوٺ کان آيل ماڻهن پڇيو ڇا ٿيو آ؟ تنهن تي ڳوٺ وارن وراڻيو سامهون وينل بيواهه مڙس کان پڇيو.

ماهوار منگرين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

## ڪهاڻي

# ڪلائيميڪس

فوزيہ ناز

آئون جيئن ئي اڪيون کوليان ٿو تہ ڪمري ۾ هن جي ڪپڙن جي ڳاڙهاڻ ڦهلجي وڃي ٿي. آئون ان ڳاڙهاڻ ۾ الوپ ٿي وڃان ٿو. اها ڳاڙهاڻ ڄڻ دل ئي دل ۾ منهنجي اڪيلائيءَ تي ٺهڪ ڏئي کلندي هجي ۽ چوندي هجي تہ ڏس آئون زنده آهيان ۽ هميشہ زنده رهنديس. اها زندگي جيڪا تو مون کان کسي ڇڏي هئي، تنهن کي هڪ ڪهاڻيڪار هميشہ لاءِ جياري ڇڏيو آهي. هاڻي مون کي تنهنجو اعليٰ اسٽيٽس ۽ اڻ مئي دولت ڪڏهن بہ ٻوڙي، ماري ۽ ختم ڪري نٿي سگهي. پوءِ هوءَ ان ڳاڙهاڻ مان لپَ ڀري منهنجي اکين ۾ اڇلي غائب ٿي وڃي ٿي. آئون اکيون مهٽي اٿان ٿو، پر مون کي فقط ڳاڙهاڻ ئي ڳاڙهاڻ نظر اچي ٿي. مون کي لڳي ٿو تہ منهنجي احساسن جو وجود ابابيلن جي حملي جي زد ۾ اچي ويو آهي ۽ منهنجا ڪنَ چمڙن جو واهيرو ٻڌجي ويا آهن. انهن چمڙن جي آوازن مون کي ٻوڙو ڪري ڇڏيو آهي. ابابيلن جي اڏامن کان خالي آسمان کي کهڙي خبر تہ هر روز شام جو سمورا ابابيل منهنجي ڪمري ۾ جنگي جهازن جيان ڦيراٽيون پائي منهنجي احساسن تي حملا آور ٿيندا آهن. جڏهن آئون ابابيلن جي انهن حملن ۽ چمڙن جي آوازن کان بچڻ لاءِ ٻئي هٿ ڪنن تي رکي، اکيون پوريندو آهيان تہ زرينا جو ٻُڏندڙ وجود هٿ لوڏي مون کي پڪارڻ لڳندو آهي. سندس پڪارون پاڻيءَ ۾ غوطا کائي لهرن ۾ لڙهي وينديون آهن. آئون دل ئي دل ۾ ٺهڪ ڏئي ڪناري تان مٿي اچي پُل ڪراس ڪندو آهيان تہ ائين لڳندو آهي، ڄڻ زندگيءَ جي ڪلهن تان ڪو وڏو بوجهہ لاهي سنڌوءَ ۾ ڦٽو ڪري آيو آهيان.

اهو ڏسڻ لاءِ پُل تان جهڪي هيٺ نهارڻ لڳندو آهيان تہ ڪٿي هوءَ نظر تہ نہ پئي اچي؟ هوءَ پاڻ تہ نظر نہ ايندي آهي، پر سندس سلڪ جو ڳاڙهو رئو پاڻيءَ مٿان ترندي نظر ايندو آهي. اڄ اهو محسوس ڪندي اندر ۾ عجيب اوساڻ محسوس ڪرڻ لڳان ٿو، ان اوساڻ کي اجهائڻ لاءِ ٽيبل تي رکيل جڳ مان پاڻيءَ جا ٻہ گلاس اوتي يڪ ساهيءَ پي وڃان ٿو تہ بہ اندر جي اها اوساڻ ختم نٿي ٿئي، ان ڪيفيت کان بچڻ لاءِ ڪجهہ لکڻ جو خيال اچي ٿو. مان قلم ڳولهڻ لڳان ٿو، سڄو سامان اٿلائڻ پٿلائڻ ڪانپوءِ نيٺ قلم لڀي ٿو. ها، هاڻي آئون هڪ ڪهاڻي لکڻ چاهيان ٿو، جيڪا مون ڪڏهن بہ نہ لکي آهي، نہ ئي مون کي لکڻ ايندي آهي. ان ڪري اڄ آئون ڪهاڻي نٿو لکڻ چاهيان، ها، اڄ ڪهاڻي مون کي لکڻ چاهي ٿي، منهنجي اڪيلائيءَ جي ڏنگيندڙ احساس کي، زرينا جي بي لوث محبت ۽ منهنجي اندر جي درندگيءَ کي ۽ منهنجي هٿان ٿيل زرينا جي قتل کي فقط ڪهاڻي ئي لکي سگهي ٿي، سمورا ڪهاڻيڪار ڪهاڻي لکندا آهن، ڇو تہ اهي وڏا لکاري هوندا آهن. آئون ڪو لکاري يا ڪهاڻيڪار تہ نہ آهيان. آئون تہ بس هڪ راز ۽ هڪ سچائي ٻڌائڻ چاهيان ٿو، جيڪا اڌ صديءَ کان منهنجي احساسن ۾ ڪيترائي ضبط جا سلسلا پيدا ڪندي رهي آهي. آئون اڄ ان سچائيءَ کي پنهنجي وجود جي قيد مان آزاد ڪرڻ چاهيان ٿو. اسان جي معاشري جو وڏو الميو اهو آهي تہ وجود پنهنجي آزاديءَ لاءِ سچ کي قيد رکندو آهي. مون پنهنجي اندر جي سچ کي رِها ڪرڻ لاءِ پنهنجا پوڙها هٿ ٻڌي ڪهاڻيءَ کي منٿ ڪئي آهي تہ هوءَ منهنجي



بيحسيءَ تي لکي، اڄ صديءَ کان منهنجي وجود ۾ قيد هڪ سچ کي آزاد ڪري، منهنجي وجود تان احساسِ جرم جو بار هلڪو ڪري. اڄ ڪهاڻيءَ منهنجي التجا اگهائي آهي. اڄ هوءَ مون تي لکڻ لاءِ راضي ٿي آهي. ان ڪري اڄ ڪهاڻي مون کي لکي رهي آهي، پنهنجي نفرت ڀريئي احساس سان. چاڪاڻ ته آئون قاتل آهيان سهاڳ رات جي سپنن جو، جوڀن ڀري جوانيءَ جو قاتل ۽ ممتا جي محبت ڀرين رشتن جو قاتل!!!

ڪهاڻي پنهنجي نفرت ڀريل احساس سان مون کي تڏهن کان لکڻ شروع ڪري ٿي، جڏهن سفيد پوشيءَ ۽ شرافت جو لباس پهري منهنجي اندر هڪ وحشيءَ ۽ سنگدل انسان جنم ورتو هو. جڏهن منهنجي خواهشن جي خلاف امان منهنجي جيون جي ڏور هڪ اهڙي عورت سان ڳنڍي ڇڏي هئي، جيڪا نه صرف عمر ۾ مون کان وڏي هئي، پر اڻ پڙهيل ۽ نيٺ ٻهراڙيءَ جي هڪ سادي سوڌي سنڌي عورت هئي. منهنجي سنگدليءَ کي نه سندس پنين وارن ڪشش ڪيو، نه ئي مون تي سندس ڪينجهر جهڙين سرمئي اکين جو ڪو جادو هلي سگهيو. بس هڪ امان هئي، جنهن کي خبر ناهي ته ان ۾ ڇا نظر آيو هو، جيڪا منهنجي دل ۾ سندس جاءِ ناهڻ لاءِ هر وقت پئي سندس تعريف ڪندي هئي.

بئنڪ مئنيجريءَ جي گهمنڊ منهنجي عقل کان معصوميت ۽ رشتن جي سچائيءَ جي ساڃاهه ئي کسي ڇڏي هئي، جنهنڪري مون فقط پنهنجي ڪيلبر جي ڪنهن اپسرا کي پنهنجي حياتيءَ ۾ شريڪ ڪرڻ ٿي چاهيو، پر اپسرا ته اپسرا ئي هوندي آهي، جيڪا خوابن ۾ ته شريڪ هئي، پر منهنجي حقيقي زندگيءَ ۾ نه. اڄ مون کي شدت سان ان ڳالهه جو احساس ٿيڻ لڳو آهي ته دولت سان انساني مسئلا حل ناهن ٿيندا، پر انسان اڪيلا ٿي ويندا آهن، جيئن آئون...!

ڪهاڻي مون کي لکي ٿي ته آئون هڪ شام زرينا کي سير ڪرائڻ جي بهاني سنڌوءَ ڪناري وٺي آيو هئس. ان شام هوءَ ڏاڍي خوش هئي ۽ خوشيءَ وچان ٻاڙهو وڳو پاتو هئائين. سندس اهو ٻاڙهو وڳو مون کي بلڪل نه وڻندو هو، پر ان ڏينهن هوءَ پنهنجي خواهشن جي پورائي لاءِ آزاد هئي. آسمان تي ڪٿي ڪٿي خالي ڪڪريون ڄڻ منهنجي گناهه کي ڏسڻ لاءِ خاموش شاهد بڻجي بيٺيون هيون. ابابيلن جون اڏامون شام جي رنگينين ۾ اضافو ڪري رهيون هيون ته ٻُل هينيان ڇمڙا پنهنجي آکيرن مان اڏري ڀيانڪ آوازن سان ڪيڪون ڪري، ڄڻ ته درياهه بادشاهه تي پهرو ڏئي رهيا هئا. هوءَ آسمان ڏانهن نهاري چوڻ لڳي ڪاش! آئون به ابابيل هجان ها ته ڏور ڏور آڪاش جي وسعتن ۾ ائين اڏامي وڃان ها. هن جو ايئن ڏانهن نهارڻ جو فائدو وٺي، منهنجا هٿ تيزيءَ سان هن طرف ڏڪجي ويا هئا. سنڌوءَ ۾ زور سان شڙاپ جو پڙاڏو گونجڻ لڳو. هر طرف لهرن جا دائرا ٺهندا، پکڙجندا ۽ ڊهندا ويا. سندس وجود کي درياهه جي لهرن ۾ الوپ ڪندي نه منهنجا هٿ ڏڪيا، نه ئي دل تيزيءَ سان ڌڙڪي. بس رڳو اکين جي ڪئمرا چئو طرف ڇڪاسيو هو، جنهن کي سواءِ ابابيلن، ڇمڙن ۽ خاموش ڪڪرين جي ڪوبه نظر نه آيو.

جڏهن هر روز شام جو ان ڏينهن جي اذيت احساسن کي ڏنگڻ لڳندي آهي ته جيون خزان جي سنسان شام بڻجي ويندو آهي، جنهن ۾ لامارا ڏيندڙ ابابيلن جون اڏارون حملا آور ٿي منهنجي احساسن جي وجود کي سنگسار ڪنديون رهنديون آهن ۽ ڇمڙن جا ڀيانڪ آواز منهنجي ڪنن کي ٻوڙو ڪندا رهندا آهن. اهڙيءَ طرح جڏهن خاموش ڪڪريون زندگيءَ ۾ اڪيلائيءَ جو ماضي ڀري ڇڏينديون آهن ته احساسن ۾ هن جي ٻاڙهي وڳي جي ٻاڙهاڻ ڇانئجي ويندي آهي. جنهنڪري منهنجي اندر جو آسمان، ڪڪريون، ابابيل، ڇمڙا ۽ سنڌو سڀ ڪجهه ٻاڙهو ٿي ويندو آهي. مون کي لڳندو آهي ته سنڌوءَ ۾ پاڻي نه پر هن جي رئي جي ٻاڙهاڻ وهي رهي آهي. اها ٻاڙهاڻ اکين جي ڇپرن جا بند ٽوڙي منهنجي وجود ۾ ڪاهي پوندي آهي. تڏهن مان، مان نه رهندو آهيان، ڪنهن مهل منهنجو سارو وجود درياهه ٿي ويندو آهي ته ڪيڏي مهل وري مان هن جي سلڪ جو ٻاڙهو رئو ٿي پاڻ ۾ ئي ترندو ۽ ٻڏندو رهندو آهيان.

آئون ادبي دنيا جي چند وديا ۾ اجنبي آهيان، جنهن کي ڪا خبر نه آهي ته ڪهاڻيءَ ۾ ڪلائيميڪس ڇا کي چئبو آهي، مون کي ڪلائيميڪس جي ڪا به خبر نه آهي، مون کي ته بس ايتري خبر آهي ته، چوٽيهين در ۾ قاتل لاش جو قاتل آئون آهيان، جيڪو اڃا تائين چوٽيهين در ۾ ڦاٿو پيو آهي. درياهه بادشاهه وهندو رهي ٿو، پر ان لاش کي پاتل ٻاڙهي وڳي سان لڳي، ان جو پاڻي ٻاڙهو ٿي ويو آهي، مان نهاريان ٿو، اهو لاش زرينا جو نه آهي، اهو ته منهنجو پنهنجو لاش آهي، جنهن کي ٻاڙهو وڳو پاتل آهي، جيڪو مون کي پسند نه آهي، پر ڪير به مون مان منهنجي لاش کي ڪڍڻ لاءِ تيار نه آهي. ڪير به منهنجي وجود تان اهو ٻاڙهو وڳو لاهي مون کي ڪفن پارائڻ لاءِ تيار نه آهي. مان سوچڻ لڳان ٿو ڇا مان واقعي ئي لاش ٿي ويو آهيان! چوٽيهين در ۾ قاتل هڪ لاوارث لاش، جنهن کي درياهه بادشاهه به پاڻ ۾ سمائڻ لاءِ تيار نه آهي. ٻاڙهي وڳي ۾ ملبوث هڪ اهڙو لاش، جنهن جو موت منهنجي زندگيءَ جو ڪلائيميڪس آهي.

### ڪهاڻي

# مذمت ڪجي ٿي

**حميد هليو**

پيءُ ۽ پٽ هڪڙي شهر ۾ آيا، جتي روڊ رستا ڀڳل ٽٽل ۽ گٽر جا نالا اٿليل هئا، جتي قانون جهڙي ڪا به شيءِ نه هئي. سڀ ماڻهو پنهنجا پنهنجا دڪان ڪوليو ويٺا هئا. شهر ۾ هنن کي عجيب بدبو اچي رهي هئي. بدبو اهڙي جو دل ۽ دماغ کي سن ڪري ڇڏي ۽ ماڻهو کي بيچين ڪري ڇڏي. عجيب شهر هو انسانيت ناتي ڪوبه ڪنهن جي مدد نه ڪري رهيو هو، پر شهر فلاحي ۽ انسان دوست تنظيمن سان ٽمٽار هو. فلاحي تنظيمن ۾ ذاتين، مزدورن، استادن، ڊاڪٽرن، قومپرستن ڪان وٺي هزارن جي تعداد ۾ فلاحي تنظيمون هيون جن جو ڪم رڳو مذمت ڪرڻ هو. ماڻهو پاڻ ۾ وڙهن ته سيني جي واتان مذمت ڪجي ٿي جا لفظ نڪرن ٿا. ڪو اڻوڻندڙ واقعو ٿئي مذمت ڪجي ٿي، ڪنهن ذات جو سردار ڪنهن کي ٿوري گهٽي ڳالهه تي انسانيت ڪان ڪريل تشدد ڪري ته به مذمت ڪجي ٿي، ڪنهن جو خون رائيگان به ٿي وڃي تڏهن به مذمت ڪجي ٿي جي سدا بلند ٿئي ٿي.

پيءُ اميرو پٽ حضوري کي چيو، ”ڏي خبر اسان هتي هن شهر ۾ پنهنجي فنڪاري مان ڪجهه ڏوڪڙ ڪمائينداسين يا نه!!!؟“

پٽ حضوري نهايت فرمانبرداري مان چيو، ”بابا پاڻ آهيون فنڪار ۽ ڊنڊ جا پڪي جي هن شهر ۾ نه ته ٻئي شهر ۾ وڃي ڪمائينداسين، پر مون کي لڳي ٿو هتي اسان پئسا جام ڪمائينداسين. هتان جا ماڻهو هونئن ته الائي ڪيئن آهن، پر مون کي لڳن ٽراچائي ٿا“....

پيءُ اميرو ٿورو فڪرمند ٿي ڳالهائي ٿو، ”چڱو جيڪو ٿيو ڏسنداسين...!! پوءِ سڀاڻي ڪان پنهنجو ڪم شروع ڪنداسين.“

هنن ٻنهي جو ڪم هو فنڪاري ۽ اداڪاري ڪري ماڻهن کي ڪلائڻ ۽ پوءِ جيڪي ڪجهه رپيا مليا ته ان کي ويڙهي سيڙهي سامان جي ڳنڍ ٻڌي جوڳي رمندا پلا يا اسان جي منزل اجان به اڳتي.

ٻهرين ڏينهن هنن شهر جي مختلف چوڪن تي پنهنجي پروگرام جي باري ۾ ماڻهن کي آگاهه ڪيو ته سڀاڻي اسان جو ڪاميڊي پروگرام آهي جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سيني کي ڪليل دعوت ڏجي ٿي. هي پروگرام بنا ٽڪيٽ جي ڪليل ميدان ۾ آهي. پروگرام ۾ جنهن کي وڻي ته پوءِ گهور ڏيئي سگهي ٿو نه ته هو پاڻ به خوش ته اسان به خوش.

رات ٿي ته اميرو، پنهنجي پٽ حضوري کي چيو، ”ابا وڃ هوٽل تان ماني وٺي آ ته ڪائون ڏاڍي بک لڳي آ.“

”جي بابا وٺي اچان ٿو حضوري چيو...!“

حضورو جلدي ۾ ماني وٺي آيو ۽ گهٻرايل گهٻرايل هو.

اميري فڪرمند ٿيندي پڇيس، ”حضورا خير ته آهي صفا گهٻرايل ٿو لڳين...؟“

”ها بابا ٻيو ته خير باقي هن شهر جا ماڻهو عجيب آهن، هوٽل تي ويس ته هڪڙي ماڻهو سان ٿوري ڳالهه تي ڪجهه ماڻهو وڙهي پيا. ان همراهه کي ڏڪ هڻي صفا مرٽينگ ڪري ڇڏيو. سوين ماڻهو گڏ ٿي ويا، پر ڪير به وچ ۾ پئجي ان کي ڇڏائي نه پيو. جڏهن هو ان کي مرٽينگ ڪري هليا ويا ته پوءِ ماڻهو گڏ ٿي ويا انهن مان هڪ ته جذباتي ٿي وڏي تقرير ڪئي ۽ هن واقعي جي شديد لفظن سان مذمت ڪجي ٿي. لفظ مذمت وڏي شد مد ۽ ڪثرت سان چئي رهيو هو، پر جيڪڏهن ٿورو اڳ اهو ساڳيو همراهه ٿورڙو به ڳالهائي ها ته ان همراهه کي ايترو مارين، ڪٽين، زليل ۽ خوار نه ڪن ها...“

حضوري جي هيءَ ڳالهه ٻڌي اميرو پريشان ٿي ويو. عجيب شهر آهي جتي مذمت ڪرڻ وارا گهڻا ۽ ڇڏائڻ وارا گهٽ آهن. دل ئي دل ۾ سوچي رهيو هو ته خير سان سڀاڻي پروگرام ڪري هتان نڪري جان ڇڏايون، باقي هي پاڻ ڄاڻن پنهنجا ڪم.

ٻئي ڏينهن هنن وڏي گرائونڊ تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ پنهنجا ساز سامان سيٽ ڪيا. ماڻهن جو هڪ وڏو انبوهه هنن جي چوڌاري بيٺو هو، ماڻهو هنن جي مشڪري لاءِ آتا هئا.

پيءُ ۽ پٽ جڏهن مشڪري شروع ڪئي ته ماڻهن هنبوشيون هڻڻ شروع ڪري ڏنيون، ٽراچي نچي رهيا هئا ۽ کلي کلي ڪيرا ٿي ويا اصل پيٽ ۾ سور پئجي وين. جهمريون ۽ جمالا هڻندي لڏند لمندي داد به ڏين پيا ته گهور به ڏين پيا.

جڏهن پيءُ نڪ بند ڪري چيو ته ٻڌ پٽ حضورا ۽ جواب ۾ حضوري وڏو وات ڦاڙي چيو ته جي بابا اميرا ته ماڻهن وٺي ٺهڪ ڏنا.


جڏهن مشڪري وارو شو ختم ٿي ويو ته پيءُ ۽ پٽ پنهنجو سامان ميڙي ڳنڍيون ٻڌيون. حضورو گهور ۾ مليل پئسن کي ڏسي خوش ٿي رهيو هو ته پئسا سٺا پيا آهن. حضورو پئسا ڳڻي رهيو هو ته مٿان پوليس جمعدار اچي ڪڙڪيس ته اسان جو حصو پتي بابلا... اسان کي به ونڊ ڪرايو بابلا... ڪجهه پئسا ان کي ڏيئي اجان مس جان ڇڏائي ته ڪجهه هٿياربند ماڻهو اچي مٿان بيٺن ته هي آهي سائين حضورو جنهن توهان جي پٺي مشڪري ڪئي ته شهرن ۾ رهندڙ فراڊي، وحشي ۽ مها ظالم ماڻهو پاڻ کي عام ماڻهن جي آڏو ڪيئن شريف ڏيکاريندا آهن ۽ اصلي چهرو ڪيڏو نه ڀيانڪ اٿن.

حضوري چين سائين اسان فنڪار ماڻهو آهيون اسان توهان جي پيروڊي ڪونه پئي ڪئي اسان ته ماڻهن کي کلائڻ لاءِ مشڪري پئي ڪئي.

وٺوس ڙي اسان جي ٿو پيروڊي ڪري خبر نه اٿس ڇا اسان جي!!! لڳي ٿو نوان آهن شهر ۾... ڪسيون پئسا ۽ سامان...؟؟

حضوري ٿوري مزاحمت ڪئي ته هو صفا چڙي پيا ۽ پوءِ گولي جو آواز آيو ٺا ٺا ٺا ٺا...

اميرو رڙيون ڪري رهيو هو ته منهنجي ته هر شيءِ ختم ٿي وئي ڙي... تون حضورا صحيح پيو چئين ته هي عجيب شهر آ جنهن جا ماڻهو به عجيب آهن. نيٺ اميرو ساڻو ٿي پيو ۽ دانهون ڪرڻ ڇڏي ڏنائين ۽ صرف ماڻهن کي تڪي رهيو هو... ۽ ڪيترائي ماڻهو آيا اميرو کي آٿت ڏيندا رهيا ۽ چئي رهيا هئا مذمت ڪجي ٿي هن افسوسناڪ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي...!!!



ماهوار همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

# مختصر ڪهاڻيون

## پريسٽ

**سانگي شبير ڪنير**



اها اونداهي رات هئي مان ننڊ جي آغوش ۾ هئس. اوچتو ڪنهن تاريخي شخص جو آواز آيو...! انهيءَ آواز ڪي مون پرڪي ڇڏيو هو...! هي پريسٽ جو آواز هو. مون ڪي وري ٻه تباهي ڏانهن پيو موڪليو وڃي. پريسٽ پنهنجي مٿي تان تاج ڪي لاهيندي چيو. مان ڪجهه نه ڪڇي سگهيس...! ننڊ ۾ هئس. وري پريسٽ جو آواز تيزيءَ سان موهن جي دڙي جي وشال ديوارن ڪي ڌوڏيندي منهنجي ڪنن تي پيو. منهنجي تاريخ ڪي اجاگر ڪرڻ بدران ڪو برباد ٿو ڪرڻ چاهي. اهي لفظ ٻڌي مان انهيءَ آڌي رات جو اٿي پيس...! گهڻا هيلا وسيلا ڪيم، پر وري ننڊ نه آئي. جيئن صبح ٿيو ۽ مان سوير لاڙڪاڻي واري بس ۾ رات جو وڃي موهن جي دڙي واري هنڌ تي پهتس. مون ڪافي دير ڪري ڇڏي هئي مون کان اڳ ڪوئي پنهنجي وطن مان جلاوطن ڪيو ويو هو ۽ ڪنهن پريسٽ جي ڪنڌ ڪي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو هو...! گذريل رات مان نه بلڪه سڀ ننڊ ۾ هئا ۽ ڪو ٻيو تاريخ جي تباهي ڪري هليو ويو. مان انهيءَ ساڳي بس ۾ گهر واپس آيس...!

## وڏيرا شاهي

**رشيد حسين کوکر**

لڇمڻ روئيندو آيو چوڻ لڳو هن ڪي ماري ڇڏيو اٿن!! ماني ٻڌيو ۽ چنڊي اڌ ۾ ڇڏي هٿ وارو ٽڪر ٻه اتي ئي اڇليم ۽ ڀڄڻ لڳس پير اگهاڙا هئا نڙي خشڪ ٿي وئي. اتي رسيس، ڇا ڏسان حيرت وچان ڪن جون پاپڙيون لڏڻ لڳيون، ڏڪڻي طاري ٿي وئي منهنجي پيڻ نوري ڪي ڪنهن جنسي ڏاڍائي ڪانپوءِ سيٺ راما واري ٻني ۾ قتل ڪري ڇڏيو هو. مون جهٽ ۾ نوري جي ٻچي ۾ ويڙهيل رئو ڪوليو ۽ ادي جا اهي انگ ڏڪيا جن ڪي وحشي درندن لٻيندي پيڻ جا جوان ۽ سرشار خواب ڪپڙي جي اڳڙي وانگر چيري ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيا هئا. آئون نوري ڪي ڪڻي تعلقي اسپتال پهتس ڊاڪٽر انور شاهه انڌي منڊي چڪاس ڪانپوءِ ايئن چوڻ لڳو، اسان وڌيڪ ڪارروائي نه ڪري سگهنداسين هي پوليس ڪيس آهي ۽ نوري ڪي هاڻ ڪير ٻه بچائي نه سگهندو هوءَ پساهه پورا ڪري چڪي آهي، جيئن جو ڊاڪٽر صاحب اها ڳالهه ڪئي منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي مٿو ڦٽڻ لڳس، پيڻ جي پيشاني تي چمي وڏي وڏي آواز ۾ نوري نوري سڏيندو رهيس، پر ڪنهن ٻه سڏ جو جواب نه مليو. مون پڪو پهه ڪري ڇڏيو ته انهن ڏوهارين ڪي سزا ڏياريندس مون ڪي سڌ آهي ته ڏوهاري ڪير آهن، اهو رئيس بادل خان جو پٽ ۽ هن جا بي حيا دوست آهن جن اڳ ۾ ٻه ڪيترائي دفعا رستي ويندڙ ڇوڪرين ڪي ڇيڙيو آهي. هڪ دفعو پيڻ نوري ٻه مون ڪي اها ڳالهه ڏني هئي ته، آئون پاڻي ڀري پنهنجي سهيلين آمنا ۽ ساران سان گڏ اچي رهي هئس ته اڌ رستي تي انهن جو گهر اچي ويو ۽ هو هليون ويون آئون اڪيلي اڪيلي جڏهن رئيس جي بنگلي اڳيان لنگهيس ته انهن مون ڪي ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪئي، رئيس واري ڇوري ته مرڳو اچي چيلهه تي هٿ رکيو هو. مان دلو ڦٽو ڪري وٺي ڀڳيس. "ادا آئون هاڻ پاڻي ڀرڻ نه وينديس." مون پيڙهه وچان وراڻيو، "آئون ڏسان ٿو انهن ڪي، پر ادي تون فڪر نه ڪر"، مان ايئن چئي رئيس وڏي وٽ پهتس ۽ هن ڪي چيم رئيس توهان جو پٽ ۽ هن جا دوست منهنجي پيڻ ڪي بري نظر سان ڏسن ٿا ۽ انهن ته اڄ عزت نيلام ڪرڻ پئي چاهي. آئون رئيس جي پيرن وٽ ويٺو هئس رئيس ٺڪا ڪيو ٺڏو ۽ آئون چار فوٽ پري وڃي ڪريس ۽ رئيس مڇريل ڏاند وانگر وڏي آواز ۾ چيو ته، اڄ آيو آهين ٻيهر آئين ته ٽنگيل هوندين. اڄ آئون ادي نوري جو لاش کڻي پوليس ٿاڻي پهتس صوبيدار قاسم ڪي سڀ سماچار ٻڌايم صوبيدار صاحب پان جي پچڪاري اڇليندي چيو، "رئيس جو مسئلو آهي اسان ڪجهه ٻه نٿا ڪري سگهون رئيس ڏي وڃ." وري ساڳي طرح اها ئي دانهن کڻي ويس ساڳيو ٺڏو لڳو ۽ رئيس مون ڪي ٻڌرائي ڇڏيو ۽ مان روز نوري ڪان معافي گهرندو آهيان ته پيڻ مان توکي انصاف نه ڏياري سگهيس شايد آئون ان ڏينهن توکي پاڻي ڀرڻ لاءِ نه چوان ها مون وس آهر ڪونه گهٽايو، پر هتي جيستائين وڏيرڪيون ڪورٽون ۽ وڏيرا شاهي جو نظام نافذ رهندو تيستائين تو جهڙيون نوريون ايئن بيڏوهه لٽبيون رهنديون ۽ آواز اٿاريندڙ بيڏوهه ٻڌبا رهبا. منهنجي منڙي راڻي مون ڪي معاف ڪجانءِ مان تنهنجو درد محسوس ڪري نه سگهيس ۽ اهي وحشي تنهنجون درديليون ڪوڪون، دانهون ۽ ايلاز ٻڌندي ٻه ڪلندا رهيا.

# سنڌ جا اڀرندڙ ستارا

ارشد زنئور

**ارشد: اوهان پنهنجو مختصر تعارف ڪرايو؟**

**اياز ملڪ:** منهنجو نالو محمد اياز آهي منهنجو والد صاحب محبوب احمد ملڪ هاري آهي ۽ اسان جي رهائش اسڪول کان ٽي چار ڪلو ميٽر پري مُهين جي دڙي وٽ آهي. اسان هتي SEF جي سهڪار سان هلندڙ نيو پبلڪ فائونڊيشن اسڪول ۾ پهرئين ڪلاس کان تعليم پرائي رهيا آهيون.

**لال بخش:** مان لال بخش مگريو هتي ڇهين ڪلاس جو شاگرد آهيان، منهنجو والد صاحب ڪجهه سال پهرين هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ هاڻي وڏو ڀاءُ ڪالو سارسنيال لهي ٿو جيڪو هڪ نجي ڪمپني ۾ ملازم آهي.

**ارشد: اوهان کي ڊاڪٽر عبدالقدير خان اسڪالرشپ پروگرام متعلق ڪنهن ڄاڻ ڏني؟**

**لال بخش:** گذريل سال اسان جي اسڪول نيو فائونڊيشن پبلڪ اسڪول جو هڪ شاگرد خالق داد مهر لڪت وارو امتحان پاس ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. تڏهن کان دل ۾ خواهش هئي ته اسان به هي امتحان پاس ڪريون. هن سال جڏهن پروگرام جو اعلان ٿيو ته سائين راحب ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ سٺي رهنمائي به ڪئي.

**ارشد: ڇا نيو فائونڊيشن پبلڪ اسڪول ۾ هن امتحان جي تياري لاءِ انتظام ڪيا ويا؟**



**اياز ملڪ:** جيءُ بلڪل اسان لاءِ رسيس دوران خاص ڪلاس ۽ سيشن رکيا ويا جنهن ۾ مختلف استاد اسان جي رهنمائي ڪندا رهيا. لکت سان گڏوگڏ انٽرويو متعلق به سٺيون مشقون حل ڪرايون ويون، جنهن جو اصل امتحان ۾ ڏاڍو فائدو ٿيو.

**ارشد: هن اسڪالرشپ واري ٽيسٽ ۾ ڪهڙن مضمونن مان سوال ڏنا ويندا آهن؟**

**لال بخش:** ڊاڪٽر عبدالقدير خان اسڪالرشپ پروگرام جي ٽيسٽ ڪل 100 سوالن تي ٻڌل هوندي آهي. جنهن کي چار برابر حصن ۾ ورهايو ويندو آهي. مطلب انگريزي، رياضي، اردو ۽ سائنس هر مضمون جا 25 سوال هوندا آهن. مون کي انگريزي، اردو، رياضي متعلق سوال تمام آسان جڏهن ته سائنس ٿورو مشڪل لڳي.

**ارشد: اوهان جو انٽرويو وارو مرحلو ڪيئن رهيو؟**

**محمد اياز:** انٽرويو سڀ کان پهرين تعارف، ان کانپوءِ انگريزي گرامر مان صفت (Adjective) جي تعريف پڇي وئي، سٺي مشق هجڻ جي ڪري مون کي آسان مرحلو لڳو.

**ارشد: اوهان کي هن اسڪالرشپ پروگرام ۾ پاس ٿيڻ واري خوشخبري ڪنهن ٻڌائي؟**

**لال بخش:** سائين راحب ٻڌائي اهو جمعي جو ڏينهن هو ۽ اسان نماز پڙهي مسجد مان ٻاهر نڪتاسين ته اها خوشخبري ملي ان ڏينهن گرمي به هئي ۽ روزو به هو، پر هيءَ خبر ٻڌي جڻ اسان جي افطاري ٿي وئي (وڏي اطمينان سان ويٺل لال بخش ٽهڪ روڪي نه سگهيو).

**ارشد: اوهان هي امتحان پاس ڪرڻ کانپوءِ اوڙي پاڙي ۽ دوستن عزيزن ۾ ڪا تبديلي محسوس ڪئي؟**

**رياض ملڪ:** جيءُ تمام مثبت فرق محسوس ٿيو، اسان جي امتحان ۾ ڪاميابي ۽ اسلام آباد ڏانهن وڃڻ جي ڄاڻ رکندڙ هن علائقي جو هر ماڻهو ڳس پنڌ ۾ ملندي جلندي مبارڪون ڏئي ٿو. ان سان گڏوگڏ اسان جي اسڪول جي ٻين ساٿين ۾ به هن امتحان کي پاس ڪرڻ جو شوق ۽ جذبو پيدا ٿيو آهي، اسان پنهنجي پاڻ کي خوشنصيب محسوس ڪري رهيا آهيون.

**ارشد: امتحان ۾ ڪاميابي تي اوهان ڪهڙن ڪردارن ۽ ادارن کي تعريف جو حقدار سمجهو ٿا؟**

**لال بخش:** سڀ کان پهرين الله پاڪ جو جنهن پيدا ڪيو، ان بعد والدين، استادن، دوستن سان گڏوگڏ سائين عبدالحڪيم مهر ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو جنهن اهڙن ڏورانهن علائقن ۾ اسان جهڙن يتيم ۽ غريب شاگردن کي علم جي زيور سان روشناس ڪيو.

**اياز:** مان سمجهان ٿو ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن اسان کي خوابن جي ساڀيان ماڻڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. شايد SEF جي مالي سهڪار کانسواءِ اسان ڏهرڪي جي هن وارياسي پٽن کان اسلام آباد جي اعليٰ اداري ۾ نه پهچي سگهون ها.

**ارشد: اوهان جا هن مستقبل جي معمارن (اياز ۽ لال بخش) سان سلهاڙيل ڪهڙا خواب آهن؟**

**عبدالله (لال بخش جو ڀاءُ):** سر! بس ايترا خواب آهن جو هي خير خيريت سان اسلام آباد پهچي پڙهائي ۾ محنت ڪن ۽ هڪ ڏينهن سٺي عهدي تي پهچي اسان جي علائقي ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪن.

**محبوب ملڪ (اياز جو والد):** منهنجي خواهش آهي ته اياز پڙهي لکي ڪري هتان جي ماڻهن جي بنا ڪنهن طبقاتي، مذهبي ۽ ذات جي فرق جي هر انسان جو ٻانهن ٻيلي ٿئي، مون کي بيحد خوشي ٿي آهي جو مون هڪ هاري جو فرزند اسلام آباد وڃي رهيو آهي.

**عبدالحڪيم مهر (اسڪول جو باني):** اياز ۽ لال بخش جي ڪاميابي تي اسان جي سڄي ٽيم بيحد خوش آهي، مون جيڪي خواب ڪيترا سال پهرين ڏٺا هئا، اهي آهستي آهستي تعبير ماڻي رهيا آهن.

# ڪتابن تي تبصرو

## ”تنين کي تعليم جي“

بشير احمد ڳهيلڙو




**ظاهر منجه ظاني، فڪر منجه فنا ٿيا،**
**تنين کي تعليم جي ڪڙه اندر ڪاني،**
**حرف حقاني دور ڪياٺون دل ۾. (شاهه لطيف)•**

اسان وٽ سنڌ ۾ تعليم جهڙي اهم موضوع تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي ۽ مارڪيٽ ۾ ٻه هن شعبي سان لاڳاپيل ڪتاب تمام گهٽ ملن ٿا ۽ جي ٿورا آهن ته اهي ٻاهرين دنيا جا ترجمو ٿيل آهن. هينئر منهنجي هٿ ۾ هڪ اهڙو ڪتاب موجود آهي جيڪو تعليم جهڙي اهم موضوع تي لکيو ويو آهي. جنهن جي ڇپجڻ جي جڏهن خبر پئي ته مون کي تمام گهڻي سرهائي محسوس ٿي ۽ ان وقت پياري سرمد کي فون تي مبارڪباد ڏنم ته پاڻ چيائين ته جي ادا بلڪل ڪتاب جلد مارڪيٽ ۾ اچڻ وارو آهي. هي ڪتاب سنڌ جي موجوده تعليمي صورتحال جي بهترين عڪاسي ڪري ٿو. هن ڪتاب جو مهاڳ مانواري سائين انور ابڙو ”هڪ نوجوان جو علم سان عشق“ جي عنوان هيٺ لکيو آهي. اها واقعي ٻه حقيقت آهي ته هن دوست جو ڪتابن سان تمام گهڻو لڳاءُ آهي ساڻس جڏهن ٻه ملاقات ٿيندي آهي ته مختلف علمي ۽ ادبي موضوع زير بحث هوندا آهن. سندن مطالعي جو اندازو ”تنين کي تعليم جي“ کي پڙهي ڪري پاڻ ڪري سگهجي ٿو. هن ڪتاب ۾ موجود مضمونن کي ڪل چئن حصن ۾ رکيو ويو آهي. جنهن ۾ پهريون حصو مادري ٻولي، تعليم ۽ ٻار آهن جنهن ۾ ليکڪ ٻارن جي نفسيات، انهن جي مادري ٻولي، فني تعليم (career counseling) ۽ تعليم جي بهتري لاءِ ڪجهه گذارشون، ماحولياتي تعليم جي اهميت ۽ اسان جو مستقبل، سنڌ ۾ زراعت جي تباهي جا تعليم تي اثر ۽ ٻين ٻه اهڙن ڪوڙ سارن موضوعن سان ليکڪ خوب نڀايو آهي. ڪتاب جو ٻيو حصو تعليم ۽ هم نصابي سرگرمين بابت آهي. جنهن ۾ ڪاپي ڪلچر جهڙي موذي مرض ۽ ان جي حل، هن سائنسي ٽيڪنالاجي جي دور ۾ اسان جا تعليمي ادارا، رياضي مضمون بابت ٻارن سان درپيش مسئلن وغيره بابت ڪافي مثبت ڳالهيون ٻڌايون ويون آهن. ليکڪ پاران ٽئين حصي جو عنوان ورسٽين ۾ شاگردن سان درپيش مسئلا ۽ صلاحون رکيو ويو آهي جنهن حصي ۾ خودڪشي جهڙي مرض جو هن سماج جي تعليمي ادارن ۾ تيزي سان وڌڻ ۽ ٻيا زير غور موضوع بحث هيٺ آندا ويا آهن. ڪتاب جي آخري (چوٿين) حصي کي ”ٻري جن ٻاري“ جو عنوان ڏنو ويو آهي. ان حصي ۾ فقط ٻه آرٽيڪل هڪ سٺن استادن جي همٿ افزائي ۽ ٻيو لارينس مدرسي جو پايو وجهندڙ خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر بابت پڻ بنيادي معلومات ڏني ويئي آهي. استادن ۽ شاگردن کي هي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي ته جيئن اسين پوري پسمانده سماج کي اڳتي آڻي سگهون.

ڪيڏا نه جامع لفظ چيا آهن Nelson Mandela ته: ”تعليم اهو واحد هٿيار آهي جنهن جي ذريعي دنيا کي آساني سان فتح ڪري سگهجي ٿو.“ هي ڪتاب هڪ نامياري اداري پيڪاڪ پبليڪيشن پاران ڇاپيو ويو آهي، جيڪو 120 صفحن تي ٻڌل آهي. ڪتاب جي اصل قيمت 200 رپيا رکي ويئي آهي، جيڪو سنڌ جي مختلف ڪتاب گهرن تي موجود آهي.

## ”سنيهو سچ جو“

همسري

”سنيهو سچ جو“ پنهنجي نالي ۾ ئي مثبت سوچ جو اظهار آهي. هي شاعريءَ جو مجموعو، ڳوٺ آگاٺي لاڙڪاڻي جي منور علي ڪيهر جو آهي، جيڪو پيشي جي لحاظ کان هڪ طبيب آهي. پاڻ هوميو پيٿي ۽ حڪمت سان ماڻهن جي دردن جي دوا ڪندو آهي، پر ساڳئي وقت هو هڪ حساس طبيعت شخص هجڻ جي ناتي سان سماج جي اوڻائين تي ٻه نظر رکي ٿو ۽ انهن کي محسوس ٻه ڪري ٿو. هڪ هنڌ چوي ٿو:

**اُتي جا آسرا ليڙون لتا تن تي،**
**اجهو ناهي مان تنبوءَ تنگ ۾ آهيان•**

غريبن جي احساسن کي سمجهڻ ۽ انهن جي طويل ڏکن جي داستانن کي ٻن سٽن ۾ بيان ڪرڻ صرف هڪ حساس شاعر ئي ڪري سگهي ٿو. شاعري ڪو خاص ڪمال ناهي بس هڪ حساس انسان جي رومانوي سوچ جو اظهار آهي ته هو هڪ معمولي شيءِ کي ڪيئن غير معمولي انداز سان ڏسي ۽ سوچي ٿو، جنهن ۾ ڪڏهن لڪل خوبصورتيءَ جو اظهار ٿئي ٿو ته وري ڪڏهن بدصورتيءَ جو، جيڪا سماج ۾ اسان جي ارد گرد پکڙيل آهي. شاعر جيئن ته عاشق مزاج ٿئي ٿو ۽ ڪيس عشق ئي مجبور ٿو ڪري ته هو پنهنجي محبوب جي ماڻن، رسڻ ۽ پرچڻ کي ٻه پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهاري ٿو. هڪ جاءِ تي چوي ٿو:


**دوست دلبر پراٺو اچي،**
**پنهنجو ڪنيو گڏ ماٺو اچي•**




منور ڪيهر جي شاعري ۾ سنڌ سان محبت جو اظهار ٻه تمام گهڻو نظر اچي ٿو جنهن ۾ هن سنڌ جي سياسي، معاشي ۽ سماجي حالتن کي پنهنجي احساسن جي مٽيءَ سان ڳوهي لفظن سان تصويرون جوڙيون آهن.

**سنڌ کي نوڙڻ وڏي غداري،**
**لڳندو ڪونه ڪنهن جو داءُ•**

هي ڪتاب ڪل 128 صفحن تي ٻڌل آهي، جيڪو مرڪ پبليڪشن چپرائي پڌرو ڪيو آهي.


پورے پاکستان کی شان DEO
پی ایس او ڈیئو ڈیزل انجن آئل
انجن کی طاقت بڑھائے
دے بہترین کارکردگی اور بھرپور حفاظت
Pakistan State Oil
DEO8000
DIESEL ENGINE OIL
CH-4/SG
15W-40
DEO6000
DIESEL ENGINE OIL
DEO3000
DIESEL ENGINE OIL
CD/SE
50
PSO
ہر سفر کا آغاز
Ta'aluq Care Line: 0800-03000 | UAN: 111-111-PSO(776)
Website: www.psopk.com | f/PSOCL
نشہ سے انکار، زندگی سے پیار۔
ARGUS PID (K) - 4265

# شاعري ۽ شعور

## مان زنده رهڻ چاهيان ٿي
## حوا ڇائي
ڊاڪٽر اعجاز سمون

زندگي گذارڻ لاءِ
آدم جي پُٽ کان
پڪ وٺڻ چاهي ٿي
تہ مان ڄمندي گند جي ڍير تي
اُڇلائي نہ ويندس
ڪنهن رولاڪ ڪتن جي
حوالي نہ ٿيندس
اونداهي رات جو
ويران ڳلين ۾ ڇڏي نہ ويندس
ٻالڪپڻ ۾ راند ڪيڏائيندي
ويرانيءَ ۾ گهلي
مون کي اگهاڙيو نہ ويندو
ننڍپڻ ۾ پيءُ جيڏو گهوٽ ڏئي
مون کي سڱ چٽيءَ ۾
نہ ڏنو ويندو
منهنجي جوانيءَ کي
خضاب رنگيل پوڙهي جي
حوالي نہ ڪيو ويندو.
مون کي ان حوالي نہ ڪيو ويندو
جيڪو مون کي،
ڪاري ڪري سير ڏئي،
۽ پڪ ڏيو تہ مون کي
بنا ڪفن دفنايو ڪو نہ ويندو
مون کي پڪ گهرجي
زندگيءَ لاءِ آدم جي پٽ کان
مون کي پئسن تي ڍور وانگر ڪپائي
منهنجي ڪنوارپ کي
ستن ٻارن جي ماءُ نہ بڻايو ويندو
منهنجي جوانيءَ جو سج لاهي
ڪنهن مصحف جي حوالي نہ ڪيو ويندو
مون کي آدم جي ُپٽ کان پڪ گهرجي
ڇو جو مان جيئڻ چاهيان ٿي!
مان زندگي گذارڻ چاهيان ٿي.

## غزل
ديوي ناگراڻي

خانو خراب ٿو پوي ڪرڻو ڪِٿي ڪِٿي
اهڙو ڪتاب ٿو پوي پڙهڻو ڪِٿي ڪِٿي.
بي شرم ٿي بہ ڪائي وڃون پوءِ، پر اول
ٽورو حجاب ٿو پوي ڪرڻو ڪِٿي ڪِٿي.
گولي مِٺي نہ ڪرُ ڪري، ڪوڙي بہ ڏي حبيب
ڪوڙو مزاج ٿو پوي رکڻو ڪِٿي ڪِٿي.
اَحمق هُجي ۽ ساڻ جي منهن جو هُجي ملوُڪ
اُن کي نواب ٿو پوي چوڻو ڪِٿي ڪِٿي.
ٽُڪ سان نہ ٽُڪ ملي جتي، حامي اُتي پرين
اهڙو نقاب ٿو پوي مٽڻو ڪِٿي ڪِٿي.
حامي طلاق جي ڀري، شادي ڪري ٿو پوءِ
اهڙو نڪاحُ ٿو پوي پڙهڻو ڪِٿي ڪِٿي.
رڻُ ٿو ڪڍي جي خار تہ ڏئي ٿو مهڪ گُلاب
تہ بہ ”ديوي“ اُن کي ٿو پوي پٽڻو ڪِٿي ڪِٿي.

## غزل
حميرا شمس

جيون پل پل افسانو ٿيو،
منهنجو هُو، هو ديوانو ٿيو.
ڪالهہ ۽ اڄ ۾ فرق ايترو بس،
سلطاني گواهہ زمانو ٿيو.
پيار بہ ڪيو هو حدن ۾ رهي،
پوءِ بہ تہ وجود نشانو ٿيو.
نہ شمع ۽ نہ ئي ڪو ڪرڻو هيس،
خبر ناهي ڇو پروانو ٿيو.
جڙيل ڳنڍيل پوءِ ٽٽل رشتن ۾،
سبب دشمني جو خزانو ٿيو.
محبت جي تذليل ٿيڻ ڪانپوءِ ،
خوشبوءِ لاءِ موت بهانو ٿيو.

## غزل
سومجي ڏاراڻي

محبت جا رنگ ۽ الفت جا انگ هئا،
منهنجي جيون ۾ بہ چاهت جا رنگ هئا.
هاڻي تہ خزان ئي خزان منهنجي چمن ۾،
ڪڏهن ان ۾ بهار جي رحمت جا رنگ هئا.
بڻجي ويس آئون ستارو ساري سنسار جو،
اهي منهنجي محنت ۽ ماءُ جي محبت جا رنگ هئا.
ڏٺي تصوير هڪ ڀيرو محسوس ائين ٿيو،
ڄڻ تہ هن ۾ سچي عقيدت جا رنگ هئا.
ڏٺا ماڻهو نچندي رقص ڪندي اگهاڙا هئا،
ائين لڳو مون کي ڄڻ قيامت جا رنگ هئا.
ڪيئن دنيا تباهہ ٿي جنهن جي خبر آ مون کي،
گلي گلي ۾ بغض ۽ عداوت جا رنگ هئا.
حالتن منهنجي هڪ تصوير چٽي هئي،
اي ”سومجي“ اک ۾ تہ منهنجي حسرت جا رنگ هئا.

## طرحو غزل
شاعر خاصخيلي

روز ڪو درد ٿو سهان آئون
زندگي! توکي ڇا چوان آئون!؟
ڏاڍو ڪو خوشنصيب هان آئون
تنهنجي دل ۾ پيو رهان آئون!
تنهنجون يادون لڳائي سيني سان،
پنهنجي تعمير پيو ڪيان آئون.
ناهي مطلب نہ ڪو غرض ڪنهن سان
پنهنجي دنيا ۾ ٿو رهان آئون.
ڪو سڃاڻي ڀلا بہ ڇو آخر؟
غير ٿو پاڻ کي لڳان آئون!
هر ڪو چهرو ڪتاب جهڙو آ،
جن کي هر روز ٿو پڙهان آئون.
بي رخي تنهنجي بي سبب ناهي!
پاڻ کي ڀي نٿو وڻان آئون.
ٿي ملاقات ڀي وڃي شايد،
اهڙا امڪان ٿو ڏسان آئون.
ڪيئن وساري سگهين ٿو تون مون کي!؟
تنهنجي هر عڪس مان عيان آئون.
ڪيئن نشانو خطا ٿئي تنهنجو؟
تير تون ۽ ڪمان هان آئون.
پنهنجي پر ۾ پيو وڃان آئون
”پر اتي جو اتي اجان آئون.“ (طرح مصرع)
نيٺ پيڙو ٿيس قبر جي مان
پير پنهنجا ڪري سنوان آئون
ڏينهن محشر خدا اڳيان شاعر!
ڳالهہ دل جي ڪندس بيان آئون.

## غزل
عبدالله آس هنگورجو

درد وڇوڙا ماري وجهندا.
هاءِ گهوڙا ماري وجهندا.
اکڙيون ڪنيون نير وهائي،
رت جا ڳوڙها ماري وجهندا.
تنهنجا ڪيتا ڪِل ڪٽوري،
مون کي گهوڙا! ماري وجهندا.
پاڻ اڳي ئي پڌرا ويتر،
ڪارا جوڙا ماري وجهندا.
چئني پاسي خوف ۽ خطرا،
انڌا، ٻوڙا ماري وجهندا.
سمنڊ سچي ۾ موج نہ مستي،
خالي هوڙها ماري وجهندا.
ديد ۽ درشن ڪهڙا ٿيندا،
ڪندا لوڙها ماري وجهندا.

## وائي

زين ڪوسو

واري ئي واري،
پنڌ ڪٿي ئي ڪونہ ٿو.
پنجھٺ سالن ڪان وٺي،
آ مارو ماري،
پنڌ ڪٿي ئي ڪونہ ٿو.
ڌڪجي آيا ڌاريا،
تن ڪئي غداري،
پنڌ ڪٿي ئي ڪونہ ٿو.
منزل اوڏي، ماٺبي،
سفر اجا جاري،
پنڌ ڪٿي ئي ڪونہ ٿو.
رهڻي آهي ڪينڪي،
گهگهہ رات انڌاري،
پنڌ ڪٿي ئي ڪونہ ٿو.
لوڙي، جوڙي ڪين ٿو،
ڪڙمي ۽ هاري،
پنڌ ڪٿي ئي ڪونہ ٿو.
قوم ستل جاڳي پوي،
سڪتي ۾ جا ساري،
پنڌ ڪٿي ئي ڪونہ ٿو،
چَور چڙهن پيجارو تي،
مزدور چڙهن لاري،
پنڌ ڪٿي ئي ڪونہ ٿو.

## سنڌ بمبئي بيڪريءَ جو ڪيڪ ناهِ

ساقي ابڙو

بينڪ جو هي ڪو بلينڪ چيڪ ناهِ،
سنڌ بمبئي بيڪريءَ جو ڪيڪ ناهِ.
جنهن کي ٽا ٽڪرا ڪرڻ چاهيو اوهان،
۽ ورهائي ٽا ڪٽڻ چاهيو اوهان.
هيءَ تہ منهنجي جند منهنجي جان آ،
هيءَ تہ منهنجو دين ۽ ايمان آ.
جنهن جي لئہ هوشو ۽ هيمون پئي وڙهيا،
جنهن جي لئہ دودو ۽ دولهہ پئي لڙيا.
ڪو ڪري ٽڪرا نہ سگهندو سنڌ کي،
جان منهنجي جسم منهنجي جند کي.
سازشون ويندون سڀئي ناڪام ٿي،
بدمعاشيون بہ وينديون هڙئي ناڪام ٿي.
جو تہ سنڌي قوم اڄ بيدار آ،
سنڌ دشمن سان وڙهڻ لئہ تيار آ.
تنهنڪري بي موت جي مرڻو نہ ٿوَ،
۽ ذليل و خوار جي ٿيڻو نہ ٿوَ.
پوءِ "ساقيءَ" جي وٺو هڪڙي صلاح،
سنڌ ڏي ڏائڻ جيان ڏسندا نہ ڪيو.
ڌرتيءَ تي ميري اک وجهندا نہ ڪيو.

## غزل

سيما عباسي

چو سفر هي اجايو ويندو آ؟
پيڙ پل پل پسايو ويندو آ
هو ملي ٿو جڏهن جڏهن مون سان
تهمتن کي پچايو ويندو آ
پور ڪهڙو آ، رات جو اڪثر؟
لڙڪ اک ۾ سجايو ويندو آ
عشق جذبو جي ٿي سفر سونهون
منزلن تي رسايو ويندو آ
روح ۾ رهنديءَ جڻ وجي پئجي
وجد سيڪجهہ وساريو ويندو آ
آٿتن جو اسير هڪ محسن
درد دل جو لڪايو ويندو آ
حاسدن جي هدايتن تي هلي
حڪم هر ڪو هلايو ويندو آ
موهہ ڪنهن جو هي مام مخفي مان
نيهن سيما نڀايو ويندو آ ؟

## غزل

جبار تاثير

صبـــر سان ٿي زنـدگي گـُـذري پَئـي،
درد ســـان ٿي دوســتـــي نِـبــري پَئـي.
مـون ڪـئـي هُـن سان وفا جيڪي اُها،
يـاد ماضــيءَ جي نـٿـي وِســـري پَـئـي.
سُـورَ هن جا جهـول ۾ سانـڍي رکـيــا،
پــوءِ بہ دل مـان ٿـي دُعـا نـڪـري پَـئـي.
ڪو هُجي جنهن سان کَجن کي ڳالهڙيون،
پاڻ سان ڳـالـهيــون ڪَـندي وِنـدري پَئي.
شـام ٿـيـنـدي ئـي ٿي دل ڪُومـائـجــي!
رات ٿــي تَـنـــدُور ۾ پَــڄــري پَـئــي.
ڪــا شــرافـت کي لَـتــاڙي يــار لــئـہ،
۽ نِــدوري گـهــر ڇــڏي سَـنـبــرِي پَـئـي.
بــي وســيءَ جي بـاهہ ۾ ”تــاثـيــر“ جي،
آهـہ انــدر مــان ڦـُـٽــي اُيـــري پَــئــي.

غزل

## ترين ڇڏيا تاڪ

اداس اصغر جوڻيجو

ڏُڪار توکي ڏيو ڏوراپا، پيا پنهنجو پاڻ پليون،
اسان ڏيهہ پنهنجي مان ٽا اُٿ پلاڻيو لڏيون.
مينهن اسان ڪان منهن موڙيو، جنهن جيئڻ ڪيو جنجال،
چارو نہ رهيو چانگن جو نڪي آلوڙيون بہ مِڙيون.
تراين آهي تَرُ ورتو، روز پٽن ۾ پيا پٽڪون،
لُڪن هِت لڳ لوساٽيا، ويتر تڪليفون وڌيون.
ناهن وڻا وَڏُ ڦڙا، جَرَ ۾ نہ رهيو ريج،
نہ ٻنگ جهليا ٻاجهر، ڪهڙا جنڊَ جوٽين جيڏيون.
ڪيڙيون نہ ٿيون ڪيتن ۾، نہ ڪانياٺين ڪيا نڪاءُ،
پيهيون نهيل پراٺيون، بس مجبورن ٽا پٽيون.
ٿورو ثمر ساڻ ڪنيو، تنواريون ٽا ڏڻ پنهنجا،
نہ لنوايون لڪن ۾، توڙي منزلون هجن وڏيون.
ڳُوار، چيڙ، ۽ پپون، ٻيو ڪنپيون ڪاڄُ اسان جو،
ڳٽتي وڏي ڳنڊڻ لاءِ، نٽيون مانيون ڳسجن اٽيون.
روئيو نيراني ننڍڙا سُمهن، بنا اوجڻ واري تي،
ڪهڙيون سي ننڊون ڪندا، جن جا سور هجن سيرانديون.
دعاڳو آهيون هن ڌرتي لاءِ، نہ اداس ٿيندو ”اصغر“،
ڪندو سٺايون ساوڻ وري، ٿينديون آباد ٻيهر ٻنيون.

## غزل

مسرور ملاح

وجي هاڻ ويهجي پٽائي جي پر ۾،
هميشہ لئہ رهجي پٽائي جي پر ۾.
اسان جون هي سوچون تنبوري جون تارون،
ويهي وائي پڙهجي پٽائي جي پر ۾.
حياتي جو سِجڙو پٽن تان لهي پيو،
هلي هاڻ سُمهجي پٽائي جي پر ۾.
اسان جو هي جيون اڌوري ڪهاڻي،
جا لکجي جا پڙهجي پٽائي جي پر ۾.
اسان کي بہ سمجهو ڪٿي لوڪ مسرور،
اهو سور سهجي پٽائي جي پر ۾.

# آرٽ ڪارنر











Artist:
Sehrish Qureshi

سحرش قريشي حيدرآباد جي رهواسڻ آهي ۽ هن سينٽر آف ايڪسيلينس ان آرٽ اينڊ ڊزائن مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري مان فائن آرٽ ۾ بيچلرز ڪئي آهي. سحرش جو شين ڪي ڏسڻ جو غير فطري انداز آهي ۽ هوءَ روز مره جي زندگيءَ ۾ سامهون نظر ايندڙ هر شيءِ ڪي هوا ۾ اڏندڙ ڏسندي آهي. اهڙا خيال ڪيس ننڍپڻ ۾ ئي گهر مان مليا ته هاڻي انهن خيالن جي بنياد تي ئي پينٽنگس ٺاهي نوان تصور پيش ڪندي آهي.

COMEX
ACADEMY

# Admissions Open

## Screening Test Preparation

## CCE-2019 (PCS)

**Handouts**
**Regular Classes**
**Regular Tests**
**Grand Mock Test**

Join Us & Ensure Your Success

Contact Us:
0334-2654880

House No: B-51, Phase-1,
Qasimabad, Hyderabad,

